حق موجود الله سدا موجود

# رسالو توڪل فقير جو

ڪاتب: سيد ڪوثر شاھ

Gul Hayat Institute

## توڪل فقير جي زندگيءَ جو مختصر احوال

افغانستان جي صوبي قندار ۾ عيسو زئي قبيلي جي سردار سمندر خان پنهنجي ٻن ننڍڙن پٽن گل محمد خان ۽ حيدر خان سميت ذاتي دشمني جي ڪري پنهنجي ملڪ افغانستان کي خيرآباد چئي هندستان جو رخ ڪيو. هندستان ۾ هنن جي پهرين منزل حيدرآباد دکن هئي. حيدرآباد جي نظام، سمندر خان جي ڏاهپ کان متاثر ٿي ڪري کيس وڏي عهدي تي فائض ڪيو. هڪ رات جو سمندر خان خواب ۾ ڏٺو ته شهنشاهه قلندر لال شهباز کيس حڪم ڪيو ته هنن دنيا وارن جي غلاميءَ کان اسان جي در جي گداگري ڪر، ءِ اها تولاءِ وڏيڪ سٺي آهي. صبح ٿيڻ سان ئي سمندر خان پنهنجي ٻنهي فرزندن گل محمد خان ۽ حيدر خان کي ساڻ ڪري

حيدرآباد دکن کي هميشه لاءِ خيرآباد چئي. سيوستان جو رخ ڪيو، جتي تئي چڱا شهنشاه جي درگاهه ۾ حاضر ٿيا.

سيوهڻ ۾ ان وقت ڪنهن ڪافيءَ جي سرگري يا گادي نشين جي هٿ تي بيعت ڪرڻ کان پوءِ سمندر خان جو نالو مٽائي تيغ علي شاه رکيو ويو. ڪجهه سال سيوهڻ ۾ رهڻ کان پوءِ تيغ علي شاه (سمندر خان) پنهنجي پيش کي حڪم ڪيو ته اچو ته الله جي زمين جو سير ڪيون. سير ڪندي تئي چڱا هالوڪي ضلعي سکر تعلقي روهڙي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ راناڏين ۾ قيام پذير ٿيا. جيڪو شهر سنگرار جي ويجهو آهي.

ڳوٺ راناڏين ۾ اتي جي درويش سيد ڪبير شاه وٽ هنن جي رهائش هئي. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ تيغ علي شاه اتي ئي وصال ڪري ويو.



Gul Hayat Institute

سندس مزار پڻ اتي ئي آهي. پٺي نينگر گل محمد خان ۽ حيدر خان ڪجھ وقت اتي رهڻ ڪانپوءِ وري سيوهڻ طرف روانا ٿيا ۽ اتي اچي رهڻ ۽ رياضت ڪرڻ لڳا.

هي ٻئي درويش سيوهڻ جي درگاهه ۾ هڪ ئي سوال رکي ويهي رهيا ته اسان کي پنهنجو ظاهري ديدار ڪرايو. تنهن تي حڪم مليو ته جيڪڏهن اوهان کي اسان جو ظاهري ديدار ڪرڻو آهي ته توهان حضرت هنباهه روانا ٿيو. توهان جو مطلب اتي پورو ٿيندو ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا پڇاڙون ڪندا ڳولهيندا حضرت هنباهه اچي پهتا. جتي داتا فيض درياهه جي روپ ۾ سندن مراد پوري ٿي ۽ چوڻ لڳا ته هي ته اهوئي پاڻ آهي. جنهن اسان کي حڪم ڏنو هو، پوءِ پاڻ ٻئي ڄڻا ان وقت ئي داتا جي هٿ تي بيعت ڪري سندن طالب ٿيا. داتا سندن نالا پيار وچان ڦيرائي ڇڏيا.



Gul Hayat Institute

گل محمد خان جونالو مَٽائي توڪل علي ۽ حيدرخان جو نالو مٽائي شربت علي رکيو. جيئي باقي سڄي زندگي انهن ئي نالن سان سڃاتا ويا.

حضرت هنباھ کان اٽڪل ٢ ميل مفاصلي تي ڪڇي جي علائقي ۾ سائين ڏنل شاھ جي درگاھ آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. سيد ڏنل شاھ داتا فيض درياھ جو ظاهر ۾ استاد هو. سائين ڏنل شاھ جي ميلي تي اسان جي علائقي جا ماڻهو (ضلع نوشهروفيروز) پڻ ويندا رهندا. انهن پاند يڙن ۾ هتان جا ڪجھ جلباڻي قوم جي ماڻهن جي واقفيت توڪل علي ۽ شربت علي سان سائين ڏنل شاھ جي ميلي تي ٿي ۽ هنن ماڻهن کين پنهنجي ڳوٺ اچڻ جي پڻ دعوت ڏني. جيڪا توڪل علي ۽ شربت علي دل سان قبول ڪئي ۽ سندن جي وچڻ جو واعدو ڪيو.

ڪجھ وقت ڪانپوءِ ھيءَ ٻئي ڀاءُ ڳوٺ ھوت خان جلباڻي تعلقو ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز ۾ پهتا. هتي پهچڻ ڪانپوءِ ٻئي ڀاءُ خان محمد فقير جي مٺخاني تي اچي رهيا. اتي پهرين ئي رات فقير شربت علي وصال ڪري ويو، انهيءَ ئي ڏينهن اتان جو هڪ جلباڻي نالي محمد رمضان فقير توڪل عليءَ جو طالب ٿيو. جنهن کي پاڻ پيار مان رمز علي فقير سڏيندا هئا.

شربت عليءَ جي وصال وقت توڪل علي اتان جي ڳوٺ جي چڱي مڙس کي چيو ته مان پنهنجي ڀاءُ کي قبرستان ۾ نه رکندس. ان لاءِ ڪا الڳ جاءِ ڪيجي. تنهن تي ڳوٺ جي چڱي مڙس ڳوٺ جي ڏکڻ طرف هڪ جڳهه ڏيکاري چيو ته توهان هن جاءِ تي پنهنجي ڀاءُ کي دفنايو.

فقير توڪل علي زندگيءَ جا باقي ڏينهن پنهنجي



Gul Hayat Institute

پاڻ جي قبر تي ٺهرايا. اتي پنهنجو آستانو ناهي فقير باقي زندگي ان آستاني کان باهر نه نڪتو ۽ اتي ئي باقي چمار گذاريائين. سندن وصال پڻ اتي ئي ٿيو سندن وصال جي تاريخ جي خبر پوي ٿي باقي سال بابت ڪا معلومات نه آهي.

سندن وصال 6 ذوالقعد تي ٿيو. جنهن جي هر سال 9،8،7،6 ذوالقعد تي ميلو لڳندو آهي.

هي ميلو درگاهه فيض درياهه جا سجاده نشين داتا بگن سائين جن ڪرائيندا آهن.

نوٽ: هي بيان زباني فقير رفيق احمد جلباڻي وٽان مليو.

تاريخ: ٩- ذوالقعد ١٤٢٠ھ

مطابق: 15 فيبروري 2000ع تي لکيو ويو.

بقلم: سيد ڪوثر شاهه بخاري.

ڳوٺ پڊ ويدا تعلقو ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز



Gul Hayat Institute

## ڪافي نمبر ١ — روپ گجري

### ذات ساري حق جاڻين

جو تون جاڻين پاڻ سڃاڻين.

١- موٽو واري موج ۾ - همت ڪر ڪاهي.

٢- ذات مقدس تون آهين - طرف پيئي ڇو تاڻين.

٣- بيرنگ بحر عميق ۾ - پنهنجو خيال اماڻين.

٤- سر سڃاڻين توڪل سائين - بحر بقاء ماڻين.

## ڪافي نمبر ٢ — روپ گجري

### ڏس هر جاءِ ظهور ذات ميان،

عاشق سمجھ اها تون صفات ميان.

١- فذڪروني اذڪرڪم - تن ۾ اها تات ميان.

٢- موٽو واريءَ موج ۾ - ڪوٽ ڏيکو ڪسرات ميان.

٣- علم عقل جي ڪانه هلي ٿي - عشق آهي آفات ميان.

٤- لامڪان کان نازل ٿيئڙو - نورانو تجلات ميان.

Gul Hayat Instutute

۵- فيض رسائي هادي ڪيتري - عشق ٿيو ارشاد ميان.

۶- انا احمد بِلا ميمي - عين ٿيو اثبات ميان.

۷- من خدايم من خدا - وائي اها اثمرات ميان.

۸- بنا احد اللهٰ جي - ٻي نه ٻولج بات ميان.

۹- سر سبحاني توڪل سائين - لا حد پاڻج جهات ميان.

ڪافي ع ۳ روپ گجري

غير گمان نه آڻين،

جي تون چاهين سرسچائين.

۱- وَنحن اقرب نيڙي رهندا - تِل ٻيري نه جائين.

۲- امر نهي طالب عقبيٰ - سڀ فنا ڪر جائين.

۳- انا الحق دا مارين نعرا - خوف رُجا نون اڪائين.

۴- پي پيالا بيخود ٿيوين - بحر بقا دا مائين.

۵- ذات مقدس تون برابر ديکين لمريزلي - پتي ڪنهن طرف نه تائين.

۶- لامڪان ۾ توڪل سائين - عاشق پيٽي گذرائين.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع۴ — روپ ڀيروي

ديد هنن کي ڏسڻ واري ناهي

بازي عشق تو بڻائي.

۱- ميڙي محمد ؐ ڄام جي- مرسل تو دوزخي ڊبائي.

۲- عشق عقل جي پاڙ پٽي تو- داناءَ دُر تو مٽائي.

۳- اُلنبو عشق جو غالب ٿيڙو- تنهن کي ٻيو ڪير هٽائي.

۴- عشق شوق شاهي شهباز آهي- سارو سِر تو سمائي.

۵- هي جلوو شاه فياض ڪيو- نوبت سينهن تو وڄائي.

۶- توڪل هن يتيم جو قادر- پيرِ مُغان ٿئي آهي.

## ڪافي ع۵ — روپ ڀيروي.

سوري سڏ ٿيو ڪاڏي ڪونه ويو اصل عاشقن کي.

Gul Hayat Institute

۱- سوري سرساز، سُڻي انا الحق آواز- پرت ڪيو پرواز؛ نوري نور ٿيو.

۲- سوري مٿي ڪاهي سانگو سر جو لاهي- ڪوڪل عشق ڪُڏائي سوري سر ٿيو.

۳- سوري سر ساهي وڃڻ اتي آهي- لاڳاپا سڀ لاهي لاحد پاءِ ليٿو.

۴- سوري سر سلهائي، پنهنجو پاڻ وڃائي- آئي، بنان پيو ناهي آهي سا ڳيو سر اُهيو.

۵- سوري سر چڙهي لائي ڌم ڌڙي- پنا پرت پڙهي ساري سانت کيو.

۶- سوري سر سينگاري، چڙهي پينهن نظاري- انا تند تنواري سا ڳي آهي سو.

۷- سوري سندو سير، صوفي ڪر مٿير- توڪل پاڪ فقير موٽو مري جيو.

## ڪافي ع-۶ روپ پوربي

درشن پايا هادي ني الڪ لکايا التاييد بتايا.

۱- سرڪ صراحي شرابا طهورا- جوشان جوش چڳايا.

۲- اوچي اوچي مائي منڌسون- قدح ڪلال پلايا.

۳- احد کي بيچ ميم رلايا- احمد بن جلوه پايا.

۴- العشق نارٌ يحرق ما سوى الله- خاڪي جسم جلايا.

۵- عدم اوپر همني قدم پايا- تب لب حڪم هلايا.

۶- آپ ڪون آپ پڇانا توڪل سائين- سڀ سر هم تو سمايا.

Gul Hayat Institute

ڪافي ع۴ روپ آسا

سودا سر دا ڪرڻا هـئي ،

ول پڇون تي نه ولڻا هـئي .

۱- ڇوڙ خيال خودي دا سارا - حرف پڙهين همه اوست والا ،

پڇي ول مارين نينهن نغارا - جوشاندي وچ جلڻا هـئي .

۲- وفي انفسڪم سمجھ اشارا - ظاهر ويک اپڻا نظارا ،

اناالحق دا مارين نعرا - سولي اوپر چڙهڻا هـئي .

۳- وحدت اندر ڪرتون گذارا - اصل هيئين توں نور نيارا ،

لااحد اپنا ڪرتون اوتارا - مئخاني وچ ملڻا هـئي .

Gul Hayat Instutute

۴- فيض محمد گر همارا - توڪل داول دست تمهارا ،

بخشين اسان نون بره بقارا - هوس نوس نون پلڻا هـئي .

## ڪافي ع ٨ — روپ آسا

هادي رهبر رمزان لايان

خوف خطر سڀ ڇوڙ سڌاڻا.

١- باهه برهه دي پڙڪا لايا - موج عشق دي جسم جلايا،

موتو قبل مان جوايا - خيال عرش تي ترت اڏاڻا.

٢- حال حلاجي سر تي آيا - انحد باجي شور مچايا،

فثم وجه الله دم ڏن لايا - سولي ساڏي سيج وڇاڻا.

٣- فيض محمد ڀيد بتايا - ساجن سيني صاف سمايا،

وحدت ڪا هادي رُڪا لايا - ڀُر پلا يس جام پراڻا.

٤- توڪل اپنا آپ پڇانا - شربت ساقي وچ مئخانہ،

ديس اُهين دي هويا يگانا - امر نہ ڪوئي نهي پڇاڻا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۹ — روپ ڏناسري

آهين مرغ هوائي توں،
وطن ورڻ جي ڪر ڪا وائي تون.

۱- پيهي وچ توں پنهنجي پاڻ ۾- پسي نور صفاتي تون.
۲- اڳي عرش عظيم ڪون وچ تون- رمي پئي ته راهي تون.
۳- احديت جو طبل وڄائج- لاهه گمان گدائي تون.
۴- الفقر ذات مع الله - ڏيئن ٿو پاڻ اوڳاهي تون.
۵- سر سچائي توڪل سائين - بيرنگ وٺ بقائي تون.

## ڪافي ع ۱۰ — روپ ڏناسري

آهي برهه تنهنجو بقائي
سري سر آهين نور الاهي.

۱- يحيين چند توں اوت عدم جي- الائي لا سندي سرواهي.
۲- قُم بِاِذنِي جو سمجھ اشارو- پير مغان فرمائي.
۳- موتو واري موج ۾- ڪر سر جي ادائي.

Gul Hayat Institute

٤- لاگِ لا حد جي توکل سائين- عشق اچي مون سان لائي.

كافي ع ١١ روپ بلاولي

ساڌو بازيگر بازي پانا،

مرني سون آگيي مرجانا.

١- بازي پانا هوکي ديوانه - ڦِر نه ايدر آنا.

٢- ڇوڙين کايا ڇوڙين مايا- ڇوڙين اي بُت خانه.

٣- ايسي نوبت پريم کي لاگي- انحد ناد بجانا.

٤- گوبند تجھ کو گر بتايا- اس پر نون سيس لگانا.

٥- آپ ۾ ديکا آپ ۾ پايا- آپ کون آپ پڇانا.

٦- آپ هي آتما آپ هي پرڀو- آپي توکل رام سمانا.

Gul Hayat Institute

كافي ع ١٢ روپ بروو

مضمور هويا مخمور هويا

وچ ذات ظهورا نُور هويا.

۱- سولي چڙهاوي ڪوئي هم نون - اوئي تو هم منصور هويا .

۲- رب ارني هم ني بلايا - موسیٰ هم ڪوه طور جلايا .

۳- ساقي مين تو مئخاني ۾ هون - مئي ڪلال پرپور هويا .

۴- سر سمايا توڪل سائين - هم تو آپ حضور هويا .

ڪافي ع ۱۳ روپ بروو

ديوانه هوا ديوانه هوا

هم تو پيالا پريم ڪا پيا .

۱- پيني سي مدهوشي هوئي - تن سون جان جدا ڪيا .

۲- دست ۾ صراحي هوئي - ميري هادي حب ديا .

۳- انحد باجي پن پن سن - آوازي نينهن نشي ني ڇنيا .

۴- جام جميعت شيشائي شربت - لالي ڪا رنگ ليا .

۵- پير مغان ني توڪل سائين - شاه بيخودي ني عطا ڪيا .

Gul Hayat Institute

كافي ١٤                    روپ جوگ

## هير رانجهي دي آهي

لوكان نون خبر جا ناهي .

١- ماڻهيان دي ليكي چاك منجهيان دا - ماهي سارا هي سر الاهي .

٢- اسا ڏي روز الست كنون - ميان رانجهي دعا هي پڙهائي .

٣- ظاهر باطن ماهي چاڻان - اور نه چاڻان كائي .

٤- تخت هزاري دا صاحبزاده - آوندا هي جهنگ پچائي .

٥- كن وچ كنڊل مك وچ مرلي - رانجهو در در كردا گدائي .

٦- گل وچ كفني دست پهوڙا - ماهي آوندا روپ وٽائي .

٧- الانسان سري وانا سره - ماهي ڏيندا هي عشق اوگاهي .

٨- انا احمد بلا ميمي - ماهي چوٽ نغاري لائي .

٩- ترك سيالاندا كر توكل سائين - گهن توں بره بقائي .

Gul Hayat Institute

كافي ١٥                    روپ پورب

مين نون عبد نه پانوين - قادر قهارا نه مين هون .

١- خوف رجا دا خيال اڪائيڻ - ٻيا ڪوئي غير نہ چائيڻ

نور نيارا بہ مين هون،

٢- احديت ديان موجان مائيڻ - خيال عرش تي امائيڻ،

برھ بقارا بہ مين هون.

٣- الانساني دا برقعہ پايم - سارا سر سبحاني،

آخر اظهارا بہ مين هون.

٤- من خدايم وي من خدايم - وي ميان سولي سهجون مائيڻ،

شاه هسوار بہ مين هون.

٥- احد احمد وي هڪو جائيڻ - وي ٻئي ڪڏهن طرف نہ تائيڻ،

بيرنگ سارا بہ مين هون.

٦- سر سماوين توڪل سائيڻ - وي اڳي قدم پاوين،

حق حقارا بہ مين هون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ١٦ — روپ جوڳ

محو ٿي الله ۾ تون مار نعرو سڪندري
هٿ ڪر دم خزانو ناهي ٻي ڪا تونگري.

١- ڪر بند ڪل ڪفران کي - هڻ ٿي تون پاڻ ۾ ،
پاڻ ۾ تون پنهنجي وٺ - ملڪ جي ساري سروري .

٢- سر کي ثابت ڪري تون - رهه يگانو يار سان ،
تان جسم سارو پاڪ ٿئي - سينو تنهنجو ٿئي انوري.

٣- پيچ اوٺ ازلات جي - تان وصل ٿيئي در لامڪان
حق سان ٻيئي هڪ ٿي - وٺ عشق سندي رهبري.

Gul Hayat Instutute

٤- رهه امن جي ديس ۾ - توڪل علي محڪم مدام
هست کي تون نيست ڪر - رک خيال سان پنهنجي دلبري.

## ڪافي ۱۷ — روپ جوڳ

غرق ٿي الله ۾ وٺ عشق کان ارشاد ميان،
پيچ اوٺ ازلات جو ٿي قيد کان آزاد ميان.

۱. ڪر بند ڪل فطرات کي - ڏانهن سيني جي وري،
دم قدم رهه خيال ۾ - ڪر حق کي اثبات ميان.

۲. هڻ نفي تون پاڻ ۾ - قيد کان لاقيد ٿي،
منجهه وحدت جي ولايت - دور ڪر درجات ميان.

۳. انا الحق جو مار نعرو - حال ۾ حلاج جي،
سوريءَ اتي معراج ڪر - ٿي ترڪ ڏانهن جسمات ميان.

۴. ورچ پيهي پاتار ۾ - اونهي نگهوسار ۾،
جذب ريءَ جبار جي - بولي نه بولج بات ميان.



Gul Hayat Institute

٥- پير مغان نتوکي ڏنو - توڪل علي پي جام پُر
بيخوديءَ جي باب جو - فياض کيو امداد ميان.

ڪافي ع ١٨ روپ ڀهاڙي

مرد مان منظور مان
سوليءَ اٿي منصور مان.

١- الانسان مان اعظم شان - ثابت آهيان مان سر سبحان،
منجھ وحدت جي ولايت - سچ صفا ۾ وهلور مان.

٢- رب ارني آواز منهنجو - لن تراني ناز منهنجو
موسيٰ نبي مان نور تجلا - نازل مٿي ڪوهه طور مان.

٣- معنوي معراج منهنجو - قُم باذني پرواز منهنجو
مان اصل اسرار آهيان - نُور حضور مان.

Gul Hayat Institute

۴۔ من خدا يم من خدا ۔ ناهي الله مونکان جدا،
مست مان بيهوش آهيان ۔ بيخود آهيان چڪچور مان.

۵۔ احد مان احمد مان ۔ توڪل علي آدم به مان
رنگ مان بيرنگ آهيان ۔ مئخاني ۾ مخمور آهيان.

ڪافي ع ۱۹ روپ پهاڙي

مان اصل خيال آهيان
عشق جو احوال مان.

۱۔ غازي مان ميدان مان ۔ قتل مان قربان مان،
درد مان درمان مان ۔ وصل مان وصال مان.

۲۔ عاشق مان معشوق مان ۔ خالق مان مخلوق مان،
رمز مان غمز مان ۔ بي سر آهيان قتال مان.

Gul Hayat Institute

٣- طالب مان مطلوب مان - رهبر آهيان وجود مان،
بحرمان بيرنگ آهيان - بي مثل بي مثال مان.

٤- مکان مان لامکان مان - توکل علي خود نام مان،
نور مان نشان آهيان - ڪامل آهيان ڪمال مان.

ڪافي ع ٢٠ روپ پهاڙي

عشق جي مکتب مون ۾ گيت اناالحق جيو

١- سوريءَ سر معراج هو - عرش تي پرواز هو،
سبق سورن جا پڙهي - سو نه چاڙهه عشق جي چڙهيو.

٢- خلق لاءِ حلاج هو - کل انبياءَ جو سرتاج هو
راز ربي رهبر مٽرني جو - پاڻهي ويچي ڦاهي چڙهيو.

Gul Hayat Institute

۳- هي معجزو عاشق سندو- ٿيو عرش قرش اتي زلزلو
بيخوديءَ ۾ خود سمايو- سوريءَ سان عاشق ڪڙيو.

۴- توڪل علي سر عاشق جو احوال آيو- رهبر پرت جو پيالو پيا ريو،
وصل ٿيو در لامڪان ۾- خيال بيرنگ ۾ جڙيو.

ڪافي ع ۲۱ روپ مانجھ

پيچ پنهل مون سان پاتو- نينهن لڳو ناتو.

۱- ڪاڻ ڪيچين جي روح منهنجي ڪي- راتيان ڏينهن اوراتو.

۲- اندر منهنجو سورن ساڙيو- جوش ۾ جلان ٿو.

۳- مٿو ڪري مرلي نبضان تاران- واجٽ ٿيو سرائتو.

۴- جيرا بڪيون هيئون ٽئي- سيخن ۾ پڪا ٿو.

۵- سرسمايو توڪل سائين- موتو مري جيان ٿو.

Gul Hayat Institute

کافي ع۲۲ روپ مانجھ

# ديد نال شهيد کتوئي

# آپ تہ عيد کتوئي.

١- ماردونالي کيفي قهري - راهه مسافر مار ڳدوئي.

٢- ابرو خنجر سيف الارن - اها ول کتون ريت سکيوئي.

٣- مژگان برڇيان تيرچلاون - نيزا مار مسکين ڇتيوئي.

٤- ويک ڍوليا تيڏي بيپرواهي - غمزا مار يتيم کُنوئي.

٥- کالي وال سڄڻ دي بسيهر - زلفان دا ول کوئي دام گهتيوئي.

٦- فيض رسائي هادي کيتي - مئي دا پيالا ڀُر ڏتوئي.

٧- حسن ماهي دي منکون موهيا - توکلکون نيٹيان نال نيتوئي.

کافي ع۲۳ روپ مانجھ

دم الله سان اور - راتيان ڏينهان ڏور.

١- فذکروني اذکرکم - سک جو سڳو سور.

٢- موتو واري موج ۾ - سر کر عاشق گهور.

۳- لائي ثقيلو لاجو - پيت هجوڙ واري پور .

۴- بيخوديءَ جي بحر ۾ - لاڳا پا سپ ٽوڙ .

۵- جهاتي پائي ڏس ٿون پاڻ ۾ - پيار جلوه حسن زور .

۶- پاڻ سڃاڻي پاڻ کي - پڇين ڇنڊ سپ پول .

۷- سرسڃاڻج توکل سائين - ٿينهن نباهج ٽوڙ .

## ڪافي ۲۴ روپ مانجهه

دين مذهب عشق نہ ڄاڻي

عشق ڇڪي ٿو ڪفر ۾ آڻي .

۱- علم جي بات نہ ڪائي - عشق آهي آفات الاهي

ڄاڻ اصل ٿو پنهنجو ڄاڻي .

۲- اُلني عشق جي تابش لائي - جنهن علم عقل جي مت منجهائي ،

لاحد ۾ ٿو ٽاڻي .

۳- عشق ڪري ٿو آتي آشيانو - جتي جن ملائڪ ناهي انسانو

ديس امن جو ٿو ماڻي .

۴- ساقي عشق ڪلال وصال وصلي- مئہ جو جام شراب پياريو اصلي،
عرش عظيم ڪون اڳي لڙ خيال اماڻي.

۵- عشق لڙ ڪل سر سمايو- شاهي نوبت نينهن وڄايو،
خوف رجا جو ويو خواب اڪاڻي.

ڪافي ۲۵ روپ مانجھ

پرو عشق پيو- جوئي هيو سوئي ٿيو.

۱- جوئي ٿي ڳوليم سوئي هياسي سوئي سراهيو.

۲- پاڻ ڏنو سي پاڻ ڪي- پاڻهين پاڻي پاڻ ليو.

۳- اناالحق جو ٿون مار نعرو- سوري سر سهو.

۴- ظاهر ذات ٿي روشن ساري- ٻري شمع پيو.

۵- سر سمايو لڙ ڪل سائين- موتو مري جيو.

ڪافي ۲٦ روپ مانجھ

ڪيتم ڪاف ڪشال ڪنون- قلزم آپ مين آيم.



Gul Hayat Institute

۱۔ وچ احد دی میم رلایم ۔ احد وچوں بن احمد آیم،
سر سبحانی ما اعظم شانی ۔ احدیت دا حکم ہلایم۔

۲۔ بحر عمیق دا مرغ یگانا ۔ پہن کے آیس پوش انسانا،
صورت دا کر کے بہانا ۔ بشر دی وچ راز چھپایم۔

۳۔ کُن دی نال ای جگت بنایم ۔ ہر ہک دی حق ہلایم
جوڑیم درد والا سامان ۔ آدم اپنا نام دھرایم۔

۴۔ موسیٰ ہو کے طور جلایم ۔ نوح وچ طوفان آٹایم،
ابراہیم نوں وچ آتش ۔ باغ بہشت دا خوب بنایم۔

Gul Hayat Institute

۵۔ ذکریا سر کرت وہایم ۔ یونس پیٹ مچھی دی پایم،
یوسف کوں لے کر کنعان ۔ وچ مصر دی ملہ چکایم۔

٦۔ اسماعیل نوں ذبح کرایم۔ یحیٰ نوں ول آپ مرایم
پاک پیاریاں نوں پیالا پلا کے۔ وچ کربلا دے کنڈ کپایم۔

۷۔ سولی اتے منصور چڑھایم۔ شمس الحق دا پوش لھوایم،
سرمد دا سیس کٹا کے۔ صوفی دا سر نیزے چڑھایم۔

۸۔ شیخ بلاول گھانی پیڑایم۔ شیخ عطار نوں قتل کرایم،
شیخ صنعان نوں جٹیا پا کے۔ بسطامی کوں سر سبھایم۔

۹۔ بحر اواگھ میرا متخانہ۔ توکل علی سارا سرسمانا،
غیب السان کی بات۔ من خدا رباب وجایم۔

Gul Hayat Institute

کافی ۲۷ روپ مانجھ

درد کیا آھن دیرا دیرا
جانب جا سائیں جیئے اندر ہم۔

١- تخت هزارون ٿي جوڳي آيس- ناٿي نيڻن جي چاڪ سندايس،
هيرا نجهي ڪيا ميڙا ميڙا.

٢- يوسف ٿي ڪنيانون آيس- مصر بازار ۾ ملهه وڪايس،
ذوق ڏيا ريا ڦيرا ڦيرا.

٣- ليلي وانگي ناتو لايم- ٿي ڪري مجنون ڪٽنگ سڪايم،
پرت پرايا پيرا پيرا.

٤- سور ٿيا اٿم ساهه جا سوڻهان- سرس ڏين ٿا اندر لوهان،
جوش جلايا جيرا جيرا.

٥- جوش پنهنجي ڪون مون طور جلايو- آهه منجهارون مون ڏونگر ڏاريو،
سوز ڪيا هن گهيرا گهيرا.

٦- عشق اڏيو وڃي عرش اوتارو- توڪل سائين هٿ نينهن جو نعرو
وره وسايا ويرا ويرا.

Gul Hayat Institute

ڪافي ٢٨      روپ مانجهه

حسن ڪري آيو حملو حملو- شاهي شان رکي سرشملو.

١- فوج نيڻن جي آرنگ برگي - مرد ميدان ۾ آيا جنگي،

جوڙي جنگ پڏي آيو جملو جملو.

٢- ديدان ديدن ۾ اٽڪائي - ترڪش تيرانداز چلائي

ماري ورتا ٿون ملڪ دلين جو دلين جو.

٣- رمزان رمزن ۾ رويون رلجي - ڪنديون اکيون بي ريچ ڪجل جي

تڪو تاب ڏئي آيو جلوو جلوو.

٤- توڪل گهورنيڻن جي گهايو - الٿو پيچ پرين مونسان پايو،

آه روز الست اول جو اول جو.

ڪافي ٢٩ روپ مانجهه

ڪرنفي اثبات لون لون

لاهي هو جيي لات.

١- فذڪروني تند وجائج - اذڪرڪم ڪرتن ۾ تات،

٢- موتو واري موج ۾ - انت موتو ڻي حيات.

٣- اناالحق جو تون مارنعرو - ترڪ ڪري جسمات.

۴- ڪر برخيز تون مرد ميانو- ذاتي ٿي مروهي ذات.

۵- بيرنگ بحر بقا جو- توستي آيو ڏات.

۶- سرسمائي توڪل سائين- لاحد پائج جهات.

ڪافي ع ۳۰ روپ مانجھ

راتيان ڏينهان دم تون ڏور

عشق آيا زوران زور.

۱- فذڪروني اذڪرڪم - پرت والا تون سڳڙا سور.

۲- مونوقبلل انت موبق - پٽ پٽ سڙ انحد گهور.

۳- پڙھ تون فرض فنائي والا- سيني اوت عدم جي لوڙ.

۴- الست برڪم قالوبلي - اپنا ڪيتئي آپي قول.

۵- آوٽ دي نال عشق دي يارو- دوئي دا لشڙا گوڙ.

۶- اناالحق دا تون مار نعرا- سولي ڏانفي منهن نه موڙ.

۷- سرسمايو توڪل سائين- ساجن هويا ميري ڪول.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۳۱ — روپ مانجھ

مرسل ديد نماءِ ـ هادي رهبر رهنماءِ

۱ـ پنهنجي پاڙون اسان جون ـ متي عرش اڏاءِ .

۲ـ فيض رساني ڪر اسان تي ـ روحي راڻ رلاءِ .

۳ـ بيرنگ بحر عميق ۾ ـ منهنجو خيال پچاءِ .

۴ـ عشق ازلي آڻ اسان تي ـ سارو سر سماءِ .

۵ـ قرب ڪري آءُ قادري ـ مونکي ماڳ ملاءِ .

۶ـ توڪل هن يتيم سان ـ پنهنجو پال پلاءِ .

## ڪافي ع ۳۲ — روپ مانجھ

سارا سر سمائي هون،

آپي آئي جاتي هون.

Gul Hayat Institute

۱ـ موتو قبلل انت موتو ـ ارني نال جواتي هون.

۲ـ عبديت نون چوڙ ڪر هڻ ـ اوريت چلاتي هون.

۳ـ انا الحق دا ماري نعرا ـ سولي سر چڙهائي هون.

٤. سرسبحاني ماعظم شاني - دائما قدم اناتي هون .

٥. انا احمد بلا ميمي - شاهي چوٽ چلاتي هون .

٦. من خدايم موج اساڏي - حال همه اوست ۾ ڳاتي هون .

٧. هرهڪ دي صورت اندر - صاحب سير مچاتي هون .

٨. وچ بيرنگي بحراتي - اپنا روح رلاتي هون .

٩. هرهڪ صورت آ تَوَڪل سائين - سهسين ڪيل ڪلاتي هون .

ڪافي ٣٣ روپ ڪاريهر

نِکر منجهان ناسوت

تڏهن رسين نيٺ بُود ڪسي .

١. جهاتي پائي ڏس پاڻ ۾ - تنهن جو صِد قون ڪر سجود .

٢. عبديت جو پول پيچي ڪري - آهين سو پاڻ معبود .

٣. گهڙي گهاٽ جبروت ۾ - ملڪ تنهنجو ملڪوت .

٤. لاڪري وچ عرش اڏامي - حاصل ٿئين هاهوت .

٥. محو ٿي تون توڪل سائين - لا حد ماڻ لاهوت .



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع۳۴                روپ ڪاريھر

### ٿيئڙ تَفِي نابود

تڏھن رسين ٿيئي بود ڪي.

۱. ناھ ڪري چِٽ نفس ڪي، رھبر ٿئي ربود.

۲. نفي ناسوت ڪري وڃ نڪري، ويراڳي وڃ جبروت.

۳. ڪر پرواز مٿي ملڪوت جي، ھلي مٿي ھاھوت.

۴. ڪر برخيز ڏانھن مرد ميانو، لاحد پس لاھوت.

۵. لا مڪان پنھنجو اڏ اوتارو، آھين ٿون محبود.

۶. توڪل نالو گم ڪري، سارو سر حق موجود.

## ڪافي ع۳۵                روپ بروو

### آنبھ عشق آٽي ڪيو ڪيو

رھيو نام ھڪ حق جو.

۱. لا خوف عليھم ولا ھم يحزنون، خوف رُجا سڀ ويو ويو.

۲. من راني فقد رائ الحق، موج ۾ مرسل ڇيو ڇيو.

Gul Hayat Institute

٣- الانسان سري وانا سره - ثابت ٿيو سر اهيو اهيو .

٤- انا احمد بلا ميمي - احدون ٿي احمد ٿيو ٿهيو .

٥- اني ان الله لا الله الا انا - ڪوڙهي ڪو ٻيو ٻيو .

٦- سرسمايو توڪل سائين - رنگ بيرنگ ۾ پيو پيو .

ڪافي ع ٣٦

روپ بروو

ترڪ ڪيوسي صفات

ذاتي آهيان ذات جو.

١- موتو واري موج ۾ - ڪوٺ ڀڳو ڪثرات .

٢- خلق الانسان علىٰ صورته - سارو موجودات .

٣- خلق الاشياوهوعينهم - عين ٿيو اثبات .

٤- اڳي عدم ڪون قدم ڪينوسي - لنگهي پيا سي ظلمات .

٥- انى ان الله لا الله الا انا - وائي اها اثم وات .

٦- سرسمايو توڪل سائين - لاحد پائي جهات .



Gul Hayat Institute

## ڪافي ۳۷ روپ سارنگ

### عشق ڪري برسات

سارنگ آيو سير تي،

۱- بادل برسي آيو - جهرمر لائي تجلات.

۲- وڃن گهوران گهوريون- اٿيون ٿي عرفات.

۳- روضي پاڪ رسول جي- ريجهه پڏائون رات.

۴- موتي مڪي آئيون- پيرهه ڦٽي پرڀات.

۵- نور حضور ۾ توڪل سائين، پائي ڏس توُن جهات.

## ڪافي ۳۸ روپ سارنگ

### گيان کي ڪٿا پچن ڪرتا

آپ گرو آپ نانڪ بنتا.

۱- بادل گاجي بجلي چمڪي - ڪالي سون ڦر چاندن ڪرتا.

۲- آون جاون موجان مٿ ديان - رم جهم رم جهم پڙتا پڙتا.

۳- ذات ۾ آتا ذات سماتا- ميم کي چادر لاتا پاتا.

Gul Hayat Institute

۴- دارا تیرٿ توکل سائین - پن کي ويکين دوئي کا بوتا.

کافي ع ۳۹ روپ سارنگ

مين هون ڪرشن مين هون ڪان
هري هرچند ميرا نام.

۱- ڪٿا مين هون وارٿا مين هون - دارا تيرٿ مين هون گيان.

۲- گنگا مين هون جمنا مين هون - ڪاشي ڀگونت مين ڀگوان.

۳- آتما مين هون پرپو مين هون - مين هون گوبند مين هون رام.

۴- نانڪ مين هون لڇمڻ مين هون - مين هون دوارا مين هون ڌيان.

۵- آپ سمانا توکل سائين - سري سر مين هون سبحان.

کافي ع ۴۰ روپ سارنگ

نه مسجد هون نه مندر هون،
صورت سڀ ڪنهن اندر هون.

۱- عشق واري آتراهم - جوشان جوش سمندر هون.

Gul Hayat Institute

٢- بحر عميق جو آهيان دُر يگانو- صوفي صاف قلندر هون

٣- لا مظهر آهيان نور نيارو- صورت پاڪ پيغمبر هون.

٤- لامڪان مڪان اسان جو- سُيج صفا ۾ توڱر هون.

٥- سر سمايو توڪل سائينءَ- سارو سير سڪندر هون.

### ڪافي ع ١٤ روپ ساموندي

سامي جهاڳي سيج ميان

اڏامي واهيري تي وچ ميان.

١- گهور ساه سچڻ تون - دير نه ڪرهڪ دم ميان.

٢- مري جيءُ ته ماڻيئن- ناه وارو صحن ميان.

٣- اِڳي نفي اثبات ڪون وچ تون- پيهي منجهون قدم ميان.

٤- لنگهي ازلات ڪان - پچين اوت عدم ميان.

٥- پيهي وچ پاتار ۾- ڪڻ ڪايا منجهون قدم ميان.

٦- بيرنگ بحر عميق ولايت جو- ماڻ ديس امن ميان.

٧- توڪل سائين غيب السان ۾- عاشق تي تون گم ميان.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۴۲ — روپ ساموندي

آهي الستون راز ڪر پرواز

پيچ تون پيرو پکيئڙا.

۱- اِجي ٿو غيب السان مون - حق سند و آواز.

۲- چڙھ سوليءَ پڙھ سبق اناالحق جو- سوليءَ آهي تنهنجو ساز.

۳- اڳي وچ ڪُن فيڪون ڪون - آهين تون شهباز.

۴- توڪل وصل مُڏخاني ماڳ سان- ڪيو شاھ فياض.

## ڪافي ع ۴۳ — روپ ساموندي

جوڳي چنڊي جسمات هيئي هات،

سامي ڳهڙيا تنهن سير مون.

۱- آديسي اتي ويا جتي ذات نڪا آھ صفات- هيئي هات.

۲- جوڳين جوڳ پچايا- ڪائي ڪل خطرات- هيئي هات.

۳- اِيري سير سنوان ٿيا - بار پري ويا پيڙات- هيئي هات.

۴- بحر ۾ پيهي ويا- لنگهي ويا ظلمات- هيئي هات.



Gul Hayat Institute

٥- مار ياڻون مچ کي - لائي لا جو ڪات - هئي هات.

٦- ڪالاڇي جي ڪُن ۾ - نور ڏنا ٿون تجلات - هئي هات.

٧- آرامي ٿيا توڪل سائين - لاحد پاتا ٿون جهات - هئي هات.

ڪافي ٤٤ روپ ڪوهياري.

سوريءَ تي سر سلهايون ٿا.

گيت انا الحق جو ڳايون ٿا.

١- پارڻ ٻاري عشق جو - جوش ۾ جيءُ جلايون ٿا.

٢- پاڻ سڃاڻي پاڻ کي - ٻول نہ ٻيو ڪو پائيون ٿا.

٣- جذب رئي جبار جي - ٿاهہ نہ ٻيو ڪو ٿاهيون ٿا.

٤- انا احمد بلا ميمي - سارو سر سمايون ٿا.

٥- بيخوديءَ جي بحر ۾ - لاڳا پاس لاهيون ٿا.

Gul Hayat Institute

٦- الفقر فخري والفقر مني - آيت هيءَ الايون ٿا.

٧- سر سمائين توڪل سائين - طرف مٺاڻي ڪاهيون ٿا.

## ڪافي ع ۴۵ — روپ ڪوهياري

اسان لاڳ لاحد جي لايون ٿا،

بحر بقا تي ڪاهيون ٿا.

۱- انا احمد بلا ميمي - احديت هلايون ٿا.

۲- حال حلاجي موج ۾ - نوبت نينهن وڄايون ٿا.

۳- موتو واري مام ۾ - وهم وجود وڃايون ٿا.

۴- اڳي ڪن فيڪون ڪون - پنهنجو خيال اڏايون ٿا.

۵- ترڪي لوح قلم کي - رُوحي رمز راهيون ٿا.

۶- سبحاني ما اعظم شاني - اڳئي قدم پايون ٿا.

۷- بيرنگ بحر عميق ۾ - پنهنجو روح رلايون ٿا.

۸- لامڪان ۾ توڪل سائين - دائما دم علايون ٿا.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۴۶ — روپ ڪوهياري.

آهيان مان منصور،

سيجهه سوري آهي ساز منهنجو.

١. دم انا الحق آهي منهنجو - سدا رهون مدِ مخمور،

من خدا ايم آهي ماڳ منهنجو.

٢. جوش جباري آهي جاري - بيخود سان آهيان چڪچور،

عرش مٿي آهي آغاز منهنجو.

٣. دائما آهي مئخانو منهنجو - ناهه ڪيم منظور

بحراعظم آهي اوڳهه منهنجو.

٤. توڪل نالو پرت ڪيو سنهنجو - آهيان مان نور حضور

قدبازي آهي پرواز منهنجو.

## ڪافي ٤٧ روپ ڪلياڻ.

آهيان مون ۾ بقا - ناهيان فاني فنا فڪر ۾.

Gul Hayat Institute

١. لاالله ڪون اڳي وياسي - الاالله ڪون آزاد،

حد لنگهي وڃي لاحد ٿياسي.

٢. موتو قبل مري جياسي - ٿيو عرش مٿي پرواز،

ديس امن جي قيومي ٿياسي.

٣- حال حلاجي موج ۾ - سوريءَ تي سردار،
انا الحق جو گيت ڳايوسي.

٤- پيهي وياسي بحر اعظم ۾ - ٿيو روشن لامڪان،
اسم جسم کون ترڪ رهياسي.

٥- توڪل نالو ناه ڪيوسي - سارو سِرُ الله
سر سريءَ جو سوجهي لڌوسي.

ڪافي ٤٨ روپ سورٺ

ٻيجل ڪيُي ٻاڪار،
ٻڌي تند طريقت جي.

١- سورٺ تي آهون ڪري - ٿيو غلغلو ۾ گرنار.
٢- سُرَ ۾ صدا سِرَ جي - پيو زار نڪو زيوار.
٣- تندن جنهن جي جان جدا ڪيُي - ڏنو سر ڏاتار.
٤- ڏيئي سِرُ سُرهو ٿيو - سوپ ڪيتي سردار.
٥- سروئي سائل هليو - راضي ٿيو منگڻهار.

Gul Hayat Institute

٦۔ سِرَ جو سودو سُرک تي۔ لنسنگ ٿيو نروار.

٧۔ پي ڪري جام محويت جو۔ واقف ٿيو وصال.

٨۔ سرسمايو توڪل سائين۔ حقيقت ٿي اظهار.

## ڪافي ۴۹ روپ سورٺ

ويهي چارڻ چوريو چنگ۔ سِرَ جي سائل سَٽَ هنئي.

١۔ ڏي سرنانءُ الله جي۔ پاڻ ڪري قربان

هيءُ نه ايندءِ ويل وري.

٢۔ ڏي سرته سرهو ٿئين۔ نه ته پوءِ ڪندين ويچار

راجا وينديں منڊ مري.

٣۔ پيجل پيهر ننڊ بولائي۔ ٿيو زلزلو ۾ گرنار.

ڏونگر پيا ڪوٽ ڪري.

٤۔ ڪيي سرپائي موڪليوٿالهہ۔ ڏنو جيي ڏاتار.

هائڊ پي پيئي ڳالهه ڳري.

۵- پيتو عاشق جام شهادت جو- توڪل سائين ٿيو وصل وصال وچ تون موٽي منٿاني وري.

ڪافي نمبر ۵ روپ سورٺ

حضرت عشق آهي شهنشاهه

پياري توڻ جام حوض ڪوثر جو.

۱- علم عقل جي پاڙ پٽي ٿو - هيڪل هڪ هسوار.

۲- لامظهر آهي عشق نيارو - دين ڪفر کان ڌار.

۳- عشق انا الحق جو گيت ڳائي ٿو- سوريءَ تي اظهار.

۴- سو لامڪان آشيان ڪري ٿو- اسم جسم کان بيزار.

۵- بيخوديءَ ۾ خود ڪري ٿو- توڪل سائين ساقي ٿيو سردار.



Gul Hayat Institute

كافي ع٥١ روپ سورٺ

برھ سنائي بات - عاشق ٿو توحيد ڪري .

١- پڳو ڪوٽ گرنار جو- لا جو لڳو ڪات .

٢- بيخوديءَ جي بحر ۾- ترڪ ٿيو جسمات .

٣- اڏاري ويو اڳي عرش عظيم ڪون - خيال لنگھيو ظلمات .

٤- نسنگ نعرو لڳو نينھن جو- حق ٿيو اثبات .

٥- سر سمايو توڪل سائين- لاحد پائي جھات .

Gul Hayat Institute

كافي ع٥٢ روپ راڻو

پاڻ پروڙيم پنھنجو - آھيان الڪ پاڻ .

۱- فذكروني اذكركم - اٿم روح رهاڻ.

۲- ونحن اقرب ويجهڙو آهي - اهو آديسي اهڃاڻ.

۳- بيرنگ بحر عميق جو - پيرو هيم چاڻ.

۴- لا مكان آشيانو اسان جو - اصل سوئي وٿاڻ.

۵- سرسمايو توكل سائين - سارو مٺئي مهراڻ.

## كافي ۵۳ روپ راڳ

ونحن اقرب ويجهڙو،

پچين كوه پرياڻ.

۱- جو كجھ اصل الست تون - هيڙين صورت سڀئي سڃاڻ.

۲- ذات قدسي تون آهين - طرف نه پئي كنهن تاڻ.

۳- الانسان سري وانا سره - ثابت سر كي جاڻ.

۴- بيرنگ بحر عميق ۾ - عاشق خيال اماڻ.

۵- سرسمائي توكل سائين - بحر بقا جو ماڻ.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ۵۴        روپ راڻو.

پاڻ آهين ڪعبو پاڻ آهين قبلو
آهين پاڻيهي پاڻ امام.

١- لاڪري وڃ اڏامي- متي عرش اڏام.
٢- ترڪ ڪري وڃ جسم خاڪي- خطرا ڪائي خام.
٣- اڳي نه ڪن فيڪون ڪون- ڪامل ڪڻ توڻ گام.
٤- مار نغارو احديت جو- پي بيخوديءَ جو جام.
٥- بيرنگ بحر عميق آهي- توکي سارو سير انعام.
٦- پس لاحد لامڪان پنهنجو- توڪل سائين مڙخانو نه مدام.

## ڪافي ۵۵        روپ راڻو

هٿ ڪر عاشق خيال کي
آهين خود خيال.

١- ترڪي لوح قلم کي- پنهنجو ڪر نيڪال.
٢- طالب ويڙا اوڏا هف ڪاهي - جتي نه آهي ڪا قيل مقال.

Gul Hayat Institute

٣- ناهہ ٻيو ڪو ناهي- جذب ريءَ جلال.

٤- پيهي ڏس تون پاڻ ۾- جلوو نور جمال.

٥- لامڪان نازل ٿيو- ڪيو قادر قرب ڪمال.

٦- اصل بحراعظم آهي- تنهنجو وصل وصال.

٧- ماڳ سُخاڻي جو توڪل سائين- آهين ڪين ڪلال.

ڪافي ٥٦ روپ ڪانرو

حضرت عشق موري گهر آيا

آيا سر صحيح سمجها يا.

١- آگ عشق کي آتش لائي- تن من صاف جلا يا.

٢- موتو قبلل انت موتو- قر ازني سيتي جوا يا.

٣- ين ين انحد باجي- بانگي ايسا الک جگا يا.

٤- ايهي نوبت پريم کي لاگي- تب هم اناالحق الا يا.

٥- جلوا عشق کا غالب هوا- اوپر عرش اُڏا يا.

٦- لااحد هوا توڪل سائين- سب سرهم تو سما يا.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ۵٧ روپ ڪانرو

آديسي ويا اتي ڪاهي،

جتي جاءِ جن ملائڪ جي ناهي.

١- فذڪروني اذڪرڪم- دريا وحدت ۾ غازي ٿيڙا گم

ويا سڪ سڳو مٺي ساهي.

٢- تارڪ ٿيا وجودون وسارا- موتوا قبل جا بڌي اشارا

تن جو پنيو رسان چاهي.

٣- سامي ويڙا عرش اوپارا- انا الحق جا ماري نعرا

لا ڪري ويا لاڳا پا لاهي.

٤- سُيح صفام واصل ٿيڙا - حد چڏي لاحد پيڙا

احو واهيرو آهي.

٥- پي پيالو بيخود ٿيڙا- ڪامل سي مئخاني ويڙا

اصل ديس امن سو آهي.

٦- محو ٿيا توڪل سائين - جا ڏون آيا ويا او ڏانهن

سارو سر ويا سمجهائي.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ۵۸
روپ بروو

تنهنجي پرت ڪئي هان چري چري،
هلي آءُ دوست وري.

۱- آڳڻ اسان جي آءُ پيارا- نه ته ويندس محب مري مري.

۲- درد اوهان جو آهي اسان کي- توريءَ ڪانه سري سري.

۳- نينهن اوهان جي آتش لائي- اندر آڳ ٻري ٻري.

۴- سوگهو ڪيترءُ پساه اسان جو- سڄڻ ڪوله ڏيئي ڏيئي.

۵- توڪل عاشق اوهان جي پسڻ لاءِ- ڳارائي ۾ ويو ته گري گري.

## ڪافي ۵۹
روپ بروو

بي جسم آهيان بي جان
سري سر آهيان سارو سبحان.

۱- ذات قدسي اصل آهيان- بي رنگ بي مثل آهيان،
آيس ٿي انسان.

۲- احديت ۾ احد آهيان- لا شريڪ مان واحد آهيان
سير ساري جو سلطان.

Gul Hayat Institute

٣- لامڪان ۾ واصل آهيان - نور حضور مان ازل آهيان
تجلو مان تجلان .

٤- جوش منهنجو آهي جباري - قادر قرب مان آهيان قهاري
آيس مون غيب الِسان .

٥- وحدت وئي ولايت آيو - توڪل علي بحر اوآڳهو سمايو
مدامي مٺخان .

ڪافي ٦٠ روپ بروو

آهيان مان اسم جسم کان جدا
وهم لحم کان مان تارڪ آهيان .

١- موتو قبلل مري جياسي - لا پڙهي وڃي پري پياسي
سرڪيو سي فدا .

Gul Hayat Institute

٢- دوئي وارو ڪوٽ ڀڳوسي - زرا پرزا پيچ پورڪيو سي
ڪيئي سي پنهنجي ادا .

٣- هند چهر واري ڪم ۾ ناهيان - ذڪر فڪر جي غم ۾ نه آهيان
آهيان نور هدا .

۴- ظاهر ۾ ٿيو توڪل علي نام منهنجو- بحر بيرنگ بقا بالله منهنجو
آهيان مان خود خدا.

ڪافي ع ۶۱ روپ بروو

آهيان شهنشاهه

سانگي پنهنجي مان هتڙي آيس.

۱- موتو واري موج ۾- فرض پڙهيو سي فنافي الله.

۲- پنهنجي ذات اثبات ڪيان ٿو- عام ٿئي ٿو گمراهه.

۳- الانسان سري ۾ برقعو پهريم- آهيان مظهر نور الله.

۴- پاڻ سڃاتم پاڻ ڪيي- آهيان مان بي پرواهه.

۵- بحر اعظم جو مرغ آهيان- اٿي آيو ارواح.

۶- سر سمايو توڪل سائين- سارو سر الله.

Gul Hayat Institute

ڪافي ع ۶۲ روپ بروو

آهيان خود خيال - آيو عشق جو مون سر احوال.

١- اڳي وڃان ٿو عرش عظيم کون- پنهنجو ڪيان ٿو نيڪال.

٢- احديت جو ٿو طبل وڄايان - ٿيو واصل وصل وصال.

٣- بيرنگ بحر عميق ۾- رڳجي ويا سڀ برحال.

٤- ساقي آهيان مٽخاني جو- ڪامل ڪيف ڪلال.

٥- سرسمايو توڪل سائين- صاحب ذوالجلال.

ڪافي ع ٦٣ روپ بروو

آهيان پاپيٺي پاڻ امام

احديت جو هادي آهيان.

١- موتو واري موج ۾ ميان - آهيان واصل وصل وصال

وحدت واحد وادي آهيان.

٢- فنا في الله جو فرض پڙهون ٿا- اٿي ويو اٿم خيال

جتي قبل نه ڪوئي ماهي آهيان.

٣- اناالحق جو گيت ڳايون ٿا- سوري سر انجام

شوق شهادت شادي آهيان.

Gul Hayat Institute

٤- عدم واري اوٺ پڳي سي- ڏيئي نغاري چوٽ
نوبت نينهن منادي آهيان.

٥- الفقر ذات مع الله - پاڻ پروڙيم پيغام
هي آيت عشق واعدي آهيان.

٦- ساقي آهيان مئخاني جو - بيخود پيتم جام
ڪامل ڪيف ڪلاتي آهيان.

٧- سرسمايو توڪل سائين - حق ٿيو اثبات
مرد ميدان غازي آهيان.

ڪافي ع٦٤ روپ پورب

باڪا ڪيڏن وي برهه دي بازي
مرد بهادر غازي.

١- نينهن دي ياجهون وي حاصل نه ٿيوي- پا نوي هووي نيڪ نمازي.
٢- فنافي الله داوي فرض پڙهيو نهي- اور نه جاڻن قاضي.
٣- سولي چڙهدي وي مول نه ولدي- انا الحق آوازي.



Gul Hayat Institute

٤- نقل نمازان وي ورد وظيفي- اي سڀ حيلا سازي.

٥- بار برهه داني وي سرتي چاون- رند رضا وچ راضي.

٦- سرسمجهاياني وي توکل سائين- مرشد شاه فياضي.

## کافي ع ٦٥ روپ پورب.

بات برهه دي سون

کوئي کوئي سمجهن سيائي.

١- موتو قبلل وي مرکي جيون وي ميان- ويندي عرش اڏائي.

٢- شوق شتاب عقاب اساڏا- ديس بقا ماڻي.

٣- بحر اعظم وچ وي اُڏ اُڏ آون- مرد سي مردانڻي.

٤- ذات سماوي ذات کون ڳاوي- ذاتي ذات پڇاڻي.

٥- سرسماياني وي توکل سائين- واصل ٿيا سڄاني.

Gul Hayat Institute

## کافي ع ٦٦ روپ پورب

پهن کي آيس وي برقها انساني- هان مين نور نوراني.

۱- وچون احد دي وي تي احمد آيس- سارا سر سبحاني.

۲- لا مظهر ني وي مين هون دريگانا- سر پر تاج شاهاني.

۳- موتو قبلل ني وي انت موتو- تارک هون جسماني.

۴- اسم جسم کنون وي فارغ آهيان- هان مين غيب السائي.

۵- کن فيکون نون وي جوڙ کڙ ايم- کيتم حکمراني.

۶- عشق عقاب ني وي اڏائي ويندا- لاحد وچ آشياني.

۷- سر سمايا ني وي توکل سائين- هان مين لامکاني.

کافي ۶۷ روپ پورب

عاشق بڏ دي ني وي عشق دي ڳاني

مرد سيئي مرداني.

۱- وچ ميدان دي غازي آون،

گوءِ چاتي پهلواني.

۲- گيت انا الحق دي سوره ڳاون

نيزي سر نيشاني.

Gul Hayat Institute

۳- احديت دا ني وي حڪم هلاون
مارن طبل شاهاني.
۴- سِردي بازي تي سرڪ پلاون
مست رهن مئخاني.
۵- بحر سماون وي توڪل سائين،
واصل ٿيئي آشياني.

ڪافي ع ۶۸ روپ ڪسوري

عاشق ڪولي نقاب ٽوڙ عبديت جو حجاب
آءِ امن واري ديس تي.

۱- لا ڪري وچ نڪري اڳي عرش عظيم ڪنئون - ڏيئي دوئيءَ کي جواب.
۲- پيچ ٽون اوٽ عدم واري - پيا عرش اڏاري عقاب.
۳- موتو واري سوچ ۾ شال جيوين - هيئون چنڊي حساب.
۴- پي پيالو محويت جو پيا پڙهه بيخوديءَ وارو باب.
۵- اناالحق جو مار ٽون نعرو - پيا چڙهه سوليءَ تي شتاب.

Gul Hayat Institute

٦. بحر بقا ازل مانڊ - پلا آهي تنهنجو نينهن نواب.

٧. لاحد لامڪان ۾ ٿي آشياڻي پلا آهي عشق تنهنجو ارباب.

٨. سرسچانڊ توُن پنهنجو توڪل سائين - پلا نور آهين ماهتاب.

ڪافي ع ٦٩ روپ ڪسوري

پنهنجو توُن پاڻ سڃاڻ - چئو عبديت جو جاڻ

عاشق آءُ احديت ۾.

١. ونحن اقرب ني وي اوڏڙو پلاوي سڄڻ توئي آهي ساڻ.

٢. وفي انفسڪم وي سمجهه اشارو پلاوي پُرجهي ڏس پنهنجو پاڻ.

٣. ذات قدسي ني وي ازل آهين پلاوي غير گمان نه آڻ.

٤. بحر بقا جي وي منزل مائين پلاوي ايري وٺ مهراڻ.

٥. سرسچاڻي توڪل سائين - پلاوي وٺ بيخوديءَ جو ٿاڻ.

Gul Hayat Institute

ڪافي ع ٧٠ روپ ڪسوري

عبديت ڇوڙ ۾ گناهه - آءُ سارو معبود آهيان

آهيان احديت جو شاهه.

١- العشق نار يحرک ماسوىٰ الله - عشق وارو ٢ آتراھ .

٢- ظاھر پنھنجي ذات ڪيائون تو عشق پنھنجو اثبات ڪيائون تو ذوق ماڻيان تو بقا.

٣- پنھنجي ديس بقا سان رھبر ربود آھيان واصل آھيان ۾ سيج صفا.

٤- اصل غيب السان ۾ آھيان گذاري پلا آھيان مان ھُو ھوا.

٥- وحدت وئي ولايت ساري- پلا روشن اسان کي آ .

٦- من خدا يم من خدا - ڪوئي ڪوئي ٻيو مون کان سوا.

٧- سر سمايو توڪل سائين- آھيان خود خيال الله .

ڪافي ع١٧ روپ پيروي

ڏي سر عاشق عشق ۾

پاڻ ڪري قربان.

١- عشق واري آتراھ ۾ - پچي ٿئي پروان.

٢- مولتو قبلل الست مولتو - فرمودو فرقان.

٣- پيچ لتون اوت عدم جي- سر آھين سبحان.

٤- اڳي نہ عرش عظيم ڪون- آھي اصل تنھنجو آشيان.

Gul Hayat Institute

۵- ذات پنهنجي اثبات ڪر- آهين نور نشان .

۶- مٺخاني ۾ توڪل سائين - پي بيخودي جو جام .

ڪافي ع ۴۲ روپ وهاڳ

لا ڪري وڃ نڪري توڙ دُوئي جو دام خطرا ڪائي خام .

۱- موتو واري ني وي موج ۾ شال جيوين ڪر هنئين ڪي قتلام .

۲- پاڻ سڃاڻن ني وي پاڻ پڇاڻن پلا وي باقا ڪرڻ هڪ گام .

۳- اناالحق جوني وي مار توڻ نغرو پلا وي سوري سرا نجام .

۴- مار نغارو ني وي احديت جو پلا وي هرجاءِ تنهنجو حڪام .

۵- پاجهون احد ني وي الله جي پلا وي بيو نه وٺ اسلام .

۶- بحر بقاني وي ازل ماڻي پلا وي تنهنجو آهي عشق امام .

۷- مٺخاني ۾ ني وي توڪل سائين پلا وي عاشق رهه توڻ مدام .

Gul Hayat Institute

ڪافي ع ۴۳ روپ وهاڳ

عرش وجان تئو اڌري، آهيان مرغ هوا، بحر پيو هان سماءِ

١- دين ڪفر کان آهيان نيارو پيلا نڪا سڌ ثواب جي نڪا غرض گناه.

٢- نانءُ نڪو آهي نشان منهنجو مڪان لاحد آهي اهو ديس امن جو آه.

٣- اسم جسم کان وي فارغ آهيان پيلا آهيان خيال الله آهيان احديت جو شاه

٤- سوڻي صورت ني وي ساڳي آهيان پيلا ڪوئهي بيو مون ڪا لنسواء

٥- سري سرتي هتڙي آيس توڪل سائين پيلا آهيان هو هوا مظهر نور هُدىٰ.

## ڪافي ٤٧ روپ وهاڳ

عاشق سر جي بازي سرتي سرڪي قتلام

آهين پاڻهين پاڻ امام.

١- موتو قبلل ني وي انت موتو - پيلا پاڻ اهو انجام.

٢- عرفت ربي بي وي بربي پيلا سڻ اهو ڪلام.

٣- ڪل شيءِ ناطق ني وي بالحق پيلا اهو ته پروڙ ج پيغام.

٤- بلا ميم بي وي احمد آهين پيلا وڻ احديت جو اسلام.

٥- ماڳ سُخاين جو ماڻي توڪل سائين پيلا پي بيخوديءَ جو جام.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ۵۷ روپ پيروي.

آيو عشق سندو مون سر احوال
آهيان خود خيال.

١. موتو قيلل مري جياسي. ڪري وجود ون نيڪال.
٢. ظاهر پنهنجي ذات ڪيان ٿو. سارو نور جمال.
٣. انا الحق جو ٿو ماريان نعرو پاڻ ڪيان ٿو قتال.
٤. همه اوست واري حال ۾ آهيان مست نهال.
٥. لامڪان نازل ٿيڙو. آيو قرب ڪمال.
٦. وحدت وي ولايت ۾. رهبر آهيان بحال.
٧. بيرنگ بحر عميق آهي. منهنجو وصل وصال.
٨. ماڳ سخاني جو توڪل سائين. ساقي آهيان ڪيف ڪلال.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ۵۶ روپ پيروي

مرغ آهيان هوا. رهان ٿو مٿي آشياني.

١. الفقر ذات مع الله. ٿيو حاصل سيح صفا.

٢- انا احمد بلا ميمي - مرسل ٿيو اوڳاهه.

٣- اول آخر هڪڙوئي آهيان - ناهي بيو مونکان سوا.

٤- لامڪان نازل ٿيو- سارو هو هوا.

٥- بحر اعظم جو توڪل سائين - سڀ سرپيو آهيان سما.

ڪافي ٤٧ روپ پيروي.

اڙر پڪي پر ڏيهي

چنڊي هي ڪايا ديهي.

١- فذڪروني اذڪرڪم - رمزانهي دل ريهي.

٢- هڻ ٿي پنهنجي پاڻ ۾ - ويچ دروني پيهي.

٣- پڙهه سبق انالحق جو - عشق جي مڪتب ويهي.

٤- ساقي بيخود جام پياريو - هتان هاج هجڻ جي ويٺي.

٥- ماڳ مٺائي ۾ توڪل سائين - ٿي مرد مردانو بيهي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ۷۸ روپ پيروي

اڏر پکي واهيري

اڳي عرش عظيم ڪون.

۱- پي پيالو وحدت وارو- بيخود ٿي ڦري.

۲- اناالحق جو مار تون نعرو- سوريءَ سر سنبيري.

۳- لاڪري وڃ نڪري- اسم جسم کي نبيري.

۴- پنهنجي ديس بقا کي- نظر ڪيٽي ڏس ڦيري.

۵- وحدت وٽ ولايت جي- عاشق آءُ تون وري.

۶- ماڳ منخاني توڪلسائين- رهه سدا ائين ديري.

## ڪافي ۷۹ روپ گجري.

آهي عشق امام منهنجو

بحر بقا ماڻيان تو پنهنجو.

۱- اڳي عرش عظيم ڪون ميان- آهي وطن واهيرو منهنجو.

۲- ترڪ ڪيان ٿو لوح قلم کي- سڀ سانگ ٿيو سي سنهنجو.



Gul Hayat Institute

٣- لا ڇيئي ڪري لاحد ويا سي - اٿي خيال ٿيو آهي منهنجو.

٤- جوئي هتا سي سوئي ٿيا سي - ٻيو خطرو ناهي تنهنجو.

٥- سرسهايو توڪل سائين - اهو ديس آهي ته امن جو.

ڪافي ع ٨٠ — روپ گجري.

پنهنجو پاڻهين پاڻ سڃاڻ

احديت جون موجان ماڻ.

١- موتي واري موج ۾ ميان - خوف رُجا جو خواب الڪاڻ.

٢- انا الحق جو ماري نعرو - سر سوريءَ تي چاڙهڻ.

٣- پچين اوت عدم جي ميان - آڳي خيال اماڻ.

٤- انا عرب بلا عين آهي - چاڻ اهو ئي چاڻ.

٥- بحر اعظم ۾ توڪل سائين - پنهنجو روح رلاڻ.

Gul Hayat Institute

ڪافي ع ٨١ — روپ ڌناسري

عاشق ڪر اثباتي - ڏس ظهورو ذاتي.

١- موتو واري موج ۾ ميان - ترڪ ڪر جسماتي.

٢- اڳي وڃ تون عرش عظيم ڪون - لنگهي پٽ ظلماتي.

٣- عدم واري اوٽ پچي ڪري - لائي لا سنڌي سرڪاتي.

٤- نور حضور ۾ توڪل سائين - پائي ڏس تون جهاتي.

ڪافي ع ٨٢ روپ ڏناسري

آهيان عشق سندو ارباب
احديت جو هادي آهيان.

١- العشق نارٌ يحرق ماسوى الله - جوش جلايو حجاب.

٢- بيخوديءَ جي باب ۾ - ويو خوف رجا جو خواب.

٣- انا الحق جو گيت ڳايون ٿا - سوريءَ تي نه شتاب.

٤- من خدايم من خدا - نينهن وڄايان ٿو رباب.

٥- بحر اعظم جو مرغ آهيان - شاهي منهنجو آ لقاب.

٦- دم منصوري آهي منهنجو - قلندري نه خطاب.

٧- ساقي ڪلال آهيان مئخاني جو - پر پيان ٿو شراب.

٨- سري سر آهيان توڪل سائين - کولي ڇڏيو سي نقاب.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ٨٣                    روپ بلاول

### حضرت عشق آهي شهنشاهه

علم عقل ٻجي جڙهه وڃائي.

١- عشق ازل عريان ڪري ٿو- عرش مٿي آشيان ڪري ٿو
حق ڪري ٿو اثبات لااحد ۾ ٿو ڇهائي پاسي.

٢- فنا في الله جو ٿو فرض پڙهائي- افلاڪن تي ٿو قدم رکائي
لاجولائي ڪات گيت انا الحق ٿو پرتئون پڙهائي.

٣- انا احمد بلا ميم آهي- ميم بنا سو احد آهي،
اهو سخن ڪيو سردار ڪل اها ڪنهين ڪنهين کي آهي.

٤- انا عرب بلا عين ٿيو- سواءِ عين عرب رب ٿيو
ايئن فرمايو حضرت شاهه عشق ڪاهن ڪون ڪنڌ ڪيائي.

٥- بره بيخود ٿو جام پياري- لامڪان تي خيال اڏاري،
ترڪ ڪري ٢ صفات لاڳاپا ٿو لوڪ جا لاهي.

٦- سرسمايو تو ڪل سائين- اصل جو هيو ٿيو صورت سائي
واصل ٿيو مهراڻ- بحر اعظم ۾ روح رلائي.

Gul Hayat Institute

کافي ع٨٤ — روپ ساموندي.

جوڳي جڳ ڇنڊي — ويا ڇي وجود ون اڳي

سامي چڙهيا پورب کان.

١. لاهي لاڳا پا لوڪ جا. — لاهوتي ويا لعل لنڊي.

٢. اصل سڄاڻن پنهنجو. — ناهين ڪنهن جي هنڊي.

٣. واصل ٿيا وڃي وس سان. — اڇي پنهنجا خيال گنڊي.

٤. واقف ٿيا ته وصال ڪان. — لاحد هيڙن سنڊي.

٥. بحر اعظم ۾ توڪل سائين. عاشق مٺڙا نو اڏي.

کافي ع٨٥ — روپ ڪوهياري.

اسان يار برهه جو ڪٽنداسي

چوٽ عشق جي چڙهنداسي.

١. فذ ڪروني اذ ڪرڪم. — پينا پرت جا پڙهنداسي.

٢. موتو قبلل انت موتو. — قرب الهيءَ ۾ ڪڙهنداسي.

٣. عشق سندي درياءَ ۾. — رهبر تي تنهن ۾ ترنداسي.



Gul Hayat Institute

۴- العشق نار يحرق ماسوى الله - باهه برهه جي ۾ سڙندا سي.

۵- انا الحق جو ماري نعرو - سوريءَ کون نه مڙندا سي.

۶- سر سچائيءَ توکل سائين - ماڳ منخانيءَ ۾ ملندا سي.

کافي ع۸۶ روپ کوهياري.

اسان بار برهه جو چايون ٿا،

پنهنجو اڳي قدم وڌايون ٿا.

۱- الانسان سري وانا سره - سارو سر سمايون ٿا.

۲- انا الحق جو ماري نعرو - هر جاءِ حق هلايون ٿا.

۳- من خدا ايم من خدا ايم - شاهي طبل وڄايون ٿا.

۴- اڳي نه عرش عظيم کون - پنهنجو خيال اڏايون ٿا.

۵- بحر اعظم ۾ توکل سائين - پنهنجو روح رلايون ٿا.

Gul Hayat Institute

کافي ع۸۷ روپ آسا

اصل الست ازل آهيون - گيت انا الحق ٿا ڳايون.

۱- قتل سنڌي ڪار ڪيون ٿا- اسم جسم ڪون ڌار ڪيون ٿا،
سر جي بازيءَ تي سر ڪيون ٿا- شوق شهادت ٿا پايون.

۲- فنا في الله جو فرض پڙهون ٿا- چاڙهه عشق جي چست چڙهون ٿا،
عرش عظيم کون اڳي وڃون ٿا- پير پرت ۾ ٿا پايون.

۳- عشق پنهنجو اثبات ڪيون ٿا- لا ۽ وارو هٿ ڪات ڪيون ٿا
لاحد ۾ وري جهات ڪيون ٿا- اڳي قدم ٿا پايون.

۴- ماڳ مئخاني مدام ملون ٿا- توڪل سائين بيخود جا مريون ٿا
بحر بقا جو سير ڪيون ٿا- ديس امن جي پيا آهيون.

Gul Hayat Institute

ڪافي ۸۸ روپ آسا

جبو پهري هت آيس انساني،
لم يزلي آهيان سڄو سڄاني.

١- بنا ديس وطن پنهنجي - هت نه آهي رهڻ جي جاءِ.

٢- موتو واريءَ موج ۾ - وهم وجود وڃاءِ وڃاءِ.

٣- کل سير في الارض توکي - سير سيوئي تنهنجو آهي آهي.

٤- اصل واري واهيري تي - پنهنجو خيال پُڄاءِ پڄاءِ.

٥- سرسمائِن توکل سائِن - لاڳ لاحد جي لاءِ لاءِ.

کافي ع ٩٠ روپ ڪاريهر

ڪر پرواز تون اڳي ميانو

وحدت وارو مار ترانو.

١- موتو واري موج ۾ - پيچ بوڻي جو ٻهانو.

٢- ترڪي چنڊ تون لوح قلم کي - وڃ لنگهي آسمانو.

٣- متي عرش عظيم کون - پنهنجو ڪر آشيانو.

٤- آءِ امن واري ديس تي - پنهنجو عيب ۾ ڪر گذرانو.

٥- اسم جسم کون تي کري فارغ - پس لاحد لامڪانو.

٦- سرسمائِن توکل سائِن - ملهي بيهه منخانو.



Gul Hayat Institute

کافي ع ۹۱ روپ مانجهہ

عشق هوراندا خيال نرالا،

کڙا سولي تي سِرُ انگي.

۱- وچ ميدان دي غازي آون - آپ سلهاون انگهي.

۲- دين مذهب کون دور کريندي پرت پيالا سنگي.

۳- مونتو قبلل مرکي جيون - وحدت دي وچ ونگئي.

۴- انا الحق دا نعرا مارن - مرڻ کنون نہ سنگئي.

۵- کيئي حضرت عشق گنوائي - کروڙين عاشق تنگئي.

۶- سر سماون توکل سائين - لا کنون اگي لنگهئي.

کافي ع ۹۲ روپ سهڻي

عشق جي درياه ۾

پيا عاشق او پار گهڙي.

۱- واه وحدت جي اڏاريا - صدق ثابوتي جي تاريا،

انا الحق ويا ماري نعرا - ويا سير ۾ ساموندي لڙهي.

Gul Hayat Institute

٢- ڪنڌي نه ڪنار آهي - سڀ درياهه تارو تار آهي،
تنهنجو آرڪو پار آهي - تنهن ۾ ٿي ڪري طالب ويا تري.

٣- ڪرڙو ڪن قهار آهي - يڪو نگهو سار آهي،
تنهن ۾ ڪو پاڪاهي - اهي موٽو ويا مري.

٤- توڪل علي سارو سر سمايو - عشق سر احوال آيو،
بحر اواڳهه ۾ خيال آيو - واصل ٿيا ۾ سئخاني وري.

ڪافي ع ٩٣ روپ پيروي

عشق ازل ديوان ڪري ٿو،
هوش عقل کان هاج لنگهي ويئي.

Gul Hayat Institute

١- علم عقل جي ڪانه هلي ٿي - عشق جڏهن عريان ڪري ٿو.
٢- موٽو واري موج ۾ - طالب سر قربان ڪري ٿو.
٣- عشق واري آٿاهه ۾ - عاشق ڏس پروان جلي ٿو.

٤. ديس امن جو ٿو عشق ڏيکاري. لاحد ۾ وري ڏيان ڏري ٿو.

٥. جام وحدت عشق ڪلال پيارين. فائض فيض رسان ڪري ٿو.

٦. انا الحق جو ماري نعرو. سوريءَ سر اذان ڪري ٿو.

٧. ترڪي لوح قلم کي. عرش مٿي آشيان ڪري ٿو.

٨. سر سمايو توڪل سائين. مدامي سئخان ڪري ٿو.

ڪافي ٩٢ روپ پيروي

اسان چاڙهه عشق جي چڙهندا سي،

اسان عاشق ڪڏهن نه مڙندا سي.

١. فنا ڪري ني اذڪر ڪم. پيا پرت جا پڙهندا سي.

٢. برهه واري باهه ۾. پروانو ٿي ڪري سڙندا سي.

٣. عشق سندي درياهه ۾. اوپارا ٿي گهڙندا سي.

٤. اونهي لنگهو سار ۾. ٿي ڪري طالب ترندا سي.

٥. بيرنگ بحر عميق ۾. ٿي ڪري رهبر رلندا سي.

٦. سر سچائي توڪل سائين. ماڳ مٿاڻي ۾ ملندا سي.

Gul Hayat Institute

کافي ع ۹۵ روپ پيروي.

## پيچ پنهل سان پايو سي

رنگ لايو سي.

۱- الستو بار برهه جو چايو سي- نينهن لايو سي.

۲- فذکروني اذکرکم- طلب پرين جي تايو سي.

۳- موتو قبلل انت موتو- شوق شهادت پايو سي.

۴- عشق واري آراهه ۾- جان جسم جلايو سي.

۵- نينان مرگان تير چلاون- گهور حسن جي گهايو سي.

۶- فنا في الله جو فرض پڙهون ٿا- بحر بقا ۾ آيو سي.

۷- عدم واري اوٽ پڳي سين- لا جو چوٽ چلايو سي.

۸- اڳي عرش عظيم کون- پنهنجو خيال اڏايو سي.

۹- انا الحق جو ماري نعرو- سوريءَ سر سلهايو سي.

۱۰- بيرنگ بحر عميق ۾- پنهنجو روح رلايو سي.

۱۱- رهبر شاه فياض ٿيو- هادي حق سمجهايو سي.

۱۲- بيخوديءَ جي بحر ۾- وهم وجود وڃايو سي.

۱۳- توکل سائين غرض نه ڪائي- سارو سر سمايو سي.

کافي ع ۹۶ روپ پيروي.

پرت سڄڻ سان پايوسي چت لايوسي،

نينهن نشانبر نعرو ماريوسي.

١- ترڪي لوح قلم کي - اڳي وڪ وڌايوسي - چت لايوسي.

٢- الانسان سري وانا سره - ثابت سر کي ڪيوسي. " "

٣- موتو قبلل انت موتو - ٻول پرين سان پاريوسي. " "

٤- ڪثرت واروڪوٽ پڳوسي - ذات ۾ ذات رلايوسي. " "

٥- ساقي بيخود جام پياريو - پرت پرابت پايوسي. " "

٦- من خدايم من خدايم - شاهي طبل وڄايوسي. " "

٧- بيرنگ بحر عشق ۾ - پنهنجو روح رلايوسي. " "

٨- سر سچا پيٺي توڪل سائين - لاڳ لاحد لايوسي. " "

Gul Hayat Institute

کافي ع ۹۷ روپ پيروي.

عشق امالڪ آيو سرسمايو،

سورهه ٿي معراج ماڻيوسي.

١- عشق آتش ابراهيم وارو- تنهن ۾ عاشق جسم جلايو.

٢- نيزي سر نيشان کيوسين- گيت اناالحق ڳايو.

٣- احديت جو طبل وڄي ٿو- هر جاء حڪم هلايو.

٤- اڳي ازلات کون- عشق عقاب اُڏايو.

٥- توڪل سائين سمجهه اٿا نهين- بيرنگ رنگ لايو.

کافي ٩٨ روپ پيروي.

مست الست آهيون روز ميثاقي

عشق اساڏ جو آهي اوشاقي.

١- فنا في الله کون اڳي وياسي- لنگهي کون ظلماتي.

٢- موتوقبلل مري جياسي- تي آهي معاف مماتي.

٣- پاڻ ڏٺوسي پاڻ ۾ پنهنجو- پاڻي پاڻ ۾ جهاتي.

٤- ظاهر پنهنجي ذات کيان ٿو- عشق ٿيو اثباتي.

٥- خيبر وارو ڪوٽ پڳوسي- لاثي لاجي ڪاتي.

٦- ماڳ مٽخاني جا توڪل سائين- ڪامل آهيون ڪيف ڪلاتي.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ٩٩

روپ پيروي ۔

عشق پلي ڪر آوندا من پانودا،

ظاهر باطن حڪم هليندا.

١- مار نعرا انا الحق دا- سولي پڪڙ چڙهانودا- من پانودا.

٢- بزن بزن ڪر آپ جو چڙهندا- سر سنڪر دا گهاوندا- ” ” .

٣- اذني اذني ڪيتس اشارا- اوپر عرش اڏاوندا- ” ” .

٤- مار نعرا احديت دا- نوبت سِينهن وڃانودا- ” ” .

٥- آپ پڇانا توڪل سائين- سارا سر سمانودا، ” ” .

## ڪافي ع ١٠٠

روپ پيروي

آدم نام الله دا شهنشاه دا

سمجھ صحيح ڪر رمزا هائي.

١- بوتي اندر مار ٻيم غوطا- وحدت وچ درياه دا- شهنشاه دا.

٢- مار زعاوت ٿيوسي ظاهر- عام ٿيون گمراه دا- ” ” .

٣- آپ ڪون آپ سڃاتم- سڪ سچي وسياهه دا- ” ” .

Gul Hayat Institute

۴- چوٿون طبق ترڪ ڪيتوسي - آيا لاحد وچ ارواح دا. ،، ،، .

۵- لامڪان سير ڪيتوسي - رهبر عشق ڏيتوسي راه دا. ،، ،، .

۶- سر سمايا توڪل سائين - ڪامل بيپرواهه دا. ،، ،، .

ڪافي ع ۱۰۱ روپ پيروي.

بنا انا الحق چوڻ جي - بيوس حيلا سازي - قسم فياضي.

۱- جنگ فرنگي عاشق جوڙن - لاجي تير اندازي - ،، ،، .

۲- محبت جي ميدان ۾ - گوءِ ڪسڻ ٿا غازي - ،، ،، .

۳- سوريءَ تي سر چاڙهن - ڪيڏن برهه جي بازي. ،، ،، .

۴- موتو شوق شهادت پائن - طلب تنين جي تازي. ،، ،، .

۵- برهه ملامت بارڪڻ ٿا - رهن رضا منجهه راضي. ،، ،، .

۶- فرض فنا في الله پڙهن ٿا - ملان نه چاڙهن قاضي. ،، ،، .

۷- عرش عظيم کان اڳي وڃن ٿا - شوق ڪري شهبازي. ،، ،، .

۸- ويا آشياني توڪل سائين - قبل نامي جٿ ماضي. ،، ،، .

Gul Hayat Institute

کافي ع ١٠٢ روپ پيروي.

## پاڻهي رهبر عشق وڪيل
## لنگهيو پاڻهي منجهان فيل.

١- پاڻهي هندو پاڻهي مومن. پاڻهي پاڻ ڪتيل.

٢- پاڻهي ملان پاڻهي قاضي. پاڻهي مست عليل.

٣- پاڻهي راجا، پاڻهي رعيت. پاڻهي پاڻ اپيل.

٤- پاڻهي وحدت، پاڻهي ڪثرت. پاڻهي پاڻ بخيل.

٥- پاڻهي گرو پاڻهي گوبند. پاڻهي وڃائي نفيل.

٦- پاڻهي مولا هر مظهر ۾. پاڻهي توڙي سڀ دليل.

٧- پاڻهي عابد پاڻهي معبود. پاڻهي پاڻ ڪٽي جنبيل.

٨- پاڻهي احد پاڻهي احمد. پاڻهي آري ڄام اصيل.

٩- پاڻهي موسیٰ طور تجلي. پاڻهي پاڻ خليل.

١٠- پاڻهي ڪعبو پاڻهي قبلو. پاڻهي رب جليل.

١١- جاءِ الحق تي توڪل سائين. ايندو ڪوڙين مون کو قليل.

Gul Hayat Institute

کافي ع ۱۰۳ روپ پيروي.

وچ دروني پاتم جهاتي. ڪيتم عشق اثباتي. لائي لاجي ڪاتي.

۱. فڪر فنا ڪون چوڙ ڪرهڻ. تنهي سي نت حياتي. لائي لاجي ڪاتي.

۲. جوئي هنا سي سوئي ٿيا سي. ساڳي صورت مين سڃاتي. 〃 〃

۳. عدم تي قدم ڌريوسي. ڪنون لنگهه اڳي ظلماتي. 〃 〃

۴. وچ بحر بيرنگ والي. ذات رهيوسي ذاتي. 〃 〃

۵. ساقي مئه دا توڪل سائين. ڪامل ڪيف ڪلاتي. 〃 〃

کافي ع ۱۰۴ روپ پيروي.

نه آهيان ملان، نه آهيان قاضي. نيڪ نمازي ناهيان.

۱. رند ميدان غازي آهيان. پير نه پوئتي پايان.

۲. نه آهيان هندو، نه آهيان مومن. گبر يهودي نه آهيان.

۳. لا مظهر آهيان نور نيارو. شيعو سني نه آهيان.

۴. سوري سيجهه شتاب چڙهون ٿا. گيت انا الحق ڳايان.

۵. پاڻ ۾ جهاتي پائي پاڻ ڏسون ٿا. طرف نه ٻئي ڪنهن ڪاهيان.

۶. ماڳ مٺخاني توڪل سائين. مست مدامي آهيان.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع۱۰۵ — روپ ڪسوري.

پنهنجو مٿي ڪر پرواز- شاهي آهين شهباز

وڃون اصل واهيري تي.

۱- فنافي الله جوني وي فرض پڙهي ڪري- ناهه بي ڪا نماز.

۲- ڪل سيرو في الارض ني وي، سير آهي تنهنجو پلا- بحر آهه بي انداز.

۳- اناالحق جوني وي- مار توڻ نعرو پلا- سيجهه سوري آهه تنهنجو ساز.

۴- اچي عرش ني وي عظيم ڪون پلا- عشق اڏائج باز.

۵- بيرنگ بحر ني وي عميق مثال جيوين- روحي رلائج راز.

۶- سرسچا پٽن ني وي توڪل سائين پلا- ديدان ڪري ڏس دراز.

## ڪافي ع۱۰۶ — روپ بلاول

اسان ڏي ويڙهي هادي يار آيا- دلدار آيا،

صورت دا سردار آيا.

۱- فذڪروني اذڪرڪم - واحد وحدت دي وچ ٿيوسي گم

وحدت دا وينجهار آيا.

Gul Hayat Institute

٢- ونحن اقرب آپ الايس- ساجن رڳ رڳ وچ سمايس

صاحب آپ ستار آيا،

٣- موتو قبلل مرجيوسي- فنا في الله لنگهه اڳي ٿيو سي،

بحربقا دا بهار آيا.

٤- توڪل سائين سمجهه اٿائين- ساقي مئه صراحي پلائي،

سارا سر اسرار آيا.

ڪافي ع ١٠٧ روپ وهاڳ

اصل الست آهيان، ازل آهيان- هندو مومن نه، گبر يهودي نه.

١- نه آهيان اوير ني وي- نه آهيان اوله پلا

لا مظهر آهيان نور نيارو- ملت مذهب نه.

٢- نه آهيان اُتر ني وي- نه آهيان ڏکڻ پلا،

سامي يک ترڪي نه آهيان- اربع عناصر نه.

Gul Hayat Institute

٣- نہ آهيان مکوني وي - نہ آهيان ملتان پيلا،
پير بخاري نہ آهيان - شيخ مشائخ نہ .

٤- نہ آهيان شيعو ني وي - نہ آهيان سُني پيلا،
حنفي حنبلي نہ آهيان - شافعي مالکي نہ .

٥- نہ آهيان ملان ني وي - نہ آهيان قاضي پيلا،
نيک نمازي نہ آهيان - مسجد مندر نہ .

٦- من خدايم ني وي - من خدايم پيلا،
نوبت وحي ثي احديت جي - آهي الله مونکا نسواءِ نہ .

٧- پاڻهي ڪعبو ني وي - حرمين آهيان پيلا،
لامکان آشيانو منهنجو - فنا فکر ۾ نہ .

Gul Hayat Institute

٨. ذات قدسي ني وي. آهيان توڪل سائين پلا،
آهيان خود خيال الله. عابد پانهون نه .

ڪافي ع ١٠٨ — روپ پيروي .

ڏُئي واري ديوار پڳي سي . ڏاهي طلسماتي .

١. لوح قلم ڪون اڳي ويا سي. جيندي هئي حياتي .

٢. محويت جو جام پيون ٿا. ذوق ماڻيون ٿا ذاتي .

٣. بيخوديءَ جي بحر ۾. وسريو سير صفاتي .

٤. اناالحق جو ماري نعرو. عشق ڪيم اثباتي .

٥. سرسمايو توڪل سائين. لاحد پاتم جهاتي .

ڪافي ع ١٠٩ — روپ مانجهه

عاشق آهيون مست عليل ،
ڪامل ايندا ڪاهي قليل .

١. جلوي شاه فياض جي . ڪيو آهي روشن ضمير .

Gul Hayat Institute

٢- ساقي پيالو پرت پياريو - احمد جام اصيل.

٣- ازني ازني جي ساڻ اشاري - لنگهيو پاهي منجهان فيل.

٤- عشق واري آڙاهہ ۾ - صادق آهيون خليل.

٥- ساجن سيني صاف سمايو - صاحب رب جليل.

٦- سرسمايو توڪل سائين - سچو پاڪ فقير.

## ڪافي ٤١ روپ پيروي.

ظاهر باطن هڪو ڄاڻان - ميڏي من ڪون پاڻان،

دل وچ دوست دا ٺاڻا.

١- من راني داڪري رايا - قال رسول سچاڻان.

٢- عرفت ربي بربي - اپنا آپ سڃاڻان.

٣- هوالاول هوالآخر - ڏوجها اور نہ ڄاڻان.

٤- فرض فنا دا صحيح پڙهيوسي - بحر بقا دا ماڻان.

٥- مٺ پي محو ٿيوسي توڪل سائين - ڪرڪي خيال شاهاڻان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۱۱۱ روپ پيروي

نہ آهيان شيخو، نہ آهيان سُني،

لا مظهر آهيان.

۱. وحدت واديءَ ساڻ لڙهياسي. قلزم مٿي ڪاهيان.

۲. دين ڪفر اسلام ۾ نہ آهيان. سوريءَ سر سنباهيان.

۳. طالب الدنيا مخنث جيئن. عقبيٰ پير نہ پايان.

۴. بره بقا مدام ازل سان. پنهنجو خيال ملايان.

۵. بيرنگ بحرعميق ولايت جو. سارو بحر سمايان.

۶. سر سمايو توڪل سائين. عاشق لا مڪاني آهيان.

## ڪافي ع ۱۱۲ روپ پيروي.

صورت هون لاثاني سر سبحاني

برقعا پايم الانساني.

۱. هر مظهر دي وچ سمايس. ڪيتم حڪمراني. سر سبحاني.

۲. انا الحق دا ماريم نعرا. سير هويا سلطاني.،،

۳۔ من راني ڪرڪي رايا ۔ ماريم طبل شاهاني. ″ ″ ۰

۴۔ ذات لم يزلي ۔ هان مين نور نوراني. ″ ″ ۰

۵۔ بحر اعظم وچ روح رلايم۔ هان مين غيب الساني. ″ ″ ۰

۶۔ بحر اواگهہ سمايس توڪل سائين ۔ عاشق هون مين لامڪاني. ″ ″ ۰

ڪافي ع۱۱۳ روپ پيروي

حضرت شاه انباهي ۔ بي پرواهي ۔ ڪامل مليا گرُ پورا ۰

۱۔ فيض فياض فقرتي ڪردا ۔ نيندا چست چنبيان وچ چائي .

۲۔ هادي وحدت جام پلايا ۔ رهبر رمز رلائي .

۳۔ هويا جام جميعت هوئي تسلي ۔ پيتم پرڪر پر صراحي .

۴۔ انا الحق دا ماريم نعرا ۔ طبل وجايم شاهنشاهي .

۵۔ مار ذغماوت ٿيوسي ظاهر ۔ ڪليا گلشن نور الاهي .

۶۔ اسم جسم ڪون ترڪ ڪيتوسي ۔ ٿيوسي مرغ هوائي .

۷۔ لا ڪون لنگهہ اڳي ٿيوسي ۔ الاحد خيال اذائي .

۸۔ آپ پڇاتا توڪل سائين ۔ سارا بحر اواگهہ سمائي .



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۱۱۴ روپ پيروي

ڪير آهيان مان ڪير آهيان،

بيرنگ مرد مٿير آهيان.

۱- باطن مان آهيان ظاهرمان آهيان - اول مان آخر آهيان.

۲- هر مظهر ۾ آهيان ماهر- چئو طرف چئو ڦير آهيان.

۳- اناالحق جو تو مارِيان نعرو- سوره درس دلير آهيان.

۴- عشق واري آتراهه ۾- صاف سمندر شير آهيان.

۵- خضر خود خيال آهيان - خواجه مان اجمير آهيان.

۶- ڪل قلندر رهڪوئي آهيان- توڪل سارو سير آهيان.

## ڪافي ع ۱۱۵ روپ پيروي

آهيان دي وچ ناهيان - ڪيئن چوان مان ناهيان

ناهيان دي وچ آهيان.

۱- خطرا خوف حجابن جا- لا ڪري سڀ لاهيان.

۲- لڪين ديواريون دئي واريون- ڏوڙهڪيءَ سان ڊاهيان.



Gul Hayat Institute

٣- موتوواريءَ موج ۾ - شوق شهادت پايان .

٤- اناالحق جو ماريم نعرو- سوري سر چڙهايان .

٥- بيرنگ بحرعميق ۾- پنهنجو خيال ملايان .

٦- في فنا ڪان فارغ آهيان- بحر بقا ۾ آهيان .

٧- پاڻ سڃاتم توڪل سائين- سارو بحر سمايان.

ڪافي ١١٦ روپ ڪلياڻ

عشق گنوايا غير- سارا ڪيئم سر داسير.

١- من عرف نفسه فقد عرف ربه - ٿين فرمودي وچ ڦير.

٢- ديس امن تي عشق اڏائي ويندا- جتان ويري نه وير.

٣- عرفت ربي بربي سمجھ اشارا- مام پروڙيم مرد دلير.

٤- اناعرب بلاعين آکيا- شاهه علي شاهه حضرت شير.

٥- بحراعظم وچ روح رلايم- اتان نه ڪڍندا ڦير.

٦- بحراواگهه سمايا توڪل سائين- مليا منڌاني ماڳ مٿير.

Gul Hayat Institute

كافي ع۱۱۷ روپ كلياڻ

آهيان مان اسرار- پاڻهي پنهنجو پاڻ ڏنم ديدار

١- هيكل وڃي هت ورهه وسايم- آيو باري برهه جو بار.

٢- اول آخر آءُ هڪڙو آهيان- ظاهر ٿيس اظهار.

٣- احد ٿي ڪري احمد جلوه پهريم- نڪري ٿيس نروار.

٤- اني ان الله لا اله الا انا - ڪيتم قول قرار.

٥- هيس يگانو ديس انهيءَ تي- آيس هتڙي شوق شڪار.

٦- هيس آرامي ديس انهيءَ تي- هتڙي ڪيم پسار.

٧- ظاهر سري سر انسان ٿي آيس- باطن آهيان رب جبار.

٨- ڏيڍ پانهون نه آهي ڪوئي- ڏنو هادي سچو اعتبار.

٩- ڪري ظهور آيس غيب السان مان- آهيان صوفي لامظهر تڪرار.

١٠- ذات صفات کان آهيان نيارو- آهيان اسم جسم کون ڌار.

١١- انا الحق جو ٿو ماريان نعرو- آهيان سوريءَ جو سردار.

١٢- بحرا واگهه سمايو ٿو ڪل سائين- قادر آهيان قديم قهار.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ۱۱۸ روپ سارنگ

عجم مين هون، عرب ۽ مين هون - مين هون مڪا ملتان سنئيان.

۱- بحر ۽ مين بيابان ۽ مين هون - پورب مين جيلان سنئيان.

۲- دکن مين اجمير ۽ مين هون - دهلي مين هندستان ” .

۳- ڪابل مين ڪشمير ۽ مين هون - غزني مين خراسان ” .

۴- ايران ۽ مين تهران ۽ مين هون - ڪعبه مين مسلمان ” .

۵- سمرقند مين، بخارا ۽ مين هون - بلخ مين يونان ” .

۶- صورت مين اثبات ۽ مين هون - يوسف مين ڪنعان ” .

۷- عرش ۽ مين فرش ۽ مين هون - مين زمين آسمان ” .

۸- وحدت ۽ مين ڪثرت ۽ مين هون - مين هون ديد ڏيان ” .

۹- آتش مين هون خليل ۽ مين هون - شمع مين پروان ” .

۱۰- عاشق مين معشوق ۽ مين هون - ڪربلا مين قتلام ” .

۱۱- سولي مين منصور ۽ مين هون - غازي مين ميدان ” .

۱۲- ڪشا مين هون وارثا ۽ مين هون - گيتا مين هون گيان ” .

۱۳- گرو مين هون گوبند ۽ مين هون - ڀڳونت مين هون ڀڳوان ” .



Gul Hayat Institute

۱۴- انجيل مين زبور بہ مين هون - توريت مين فرقان سنئيان ․

۱۵- موسیٰ مين كوه طور بہ مين هون - تجلا مين تجلان ․ 〃 ․

۱۶- ملك مين فلك بہ مين هون - فلك مين سلطان ․ 〃 ․

۱۷- احد مين احمد بہ مين هون - آدم مين انسان ․ 〃 ․

۱۸- ظاهر مين باطن بہ مين هون - قلزم مين غيب السان ․ 〃 ․

۱۹- فرق مين هون فارغ بہ مين هون - ترك مين جسمان ․ 〃 ․

۲۰- نور بہ مين حضور بہ مين هون - هادي مين مستان ․ 〃 ․

۲۱- حد بہ مين بيحد بہ مين هون - لاحد مين لامكان ․ 〃 ․

۲۲- طبيب بہ مين حكيم بہ مين هون - دارون مين درمان ․ 〃 ․

۲۳- اول مين آخر بہ مين هون - مين نشر نيشان ․ 〃 ․

۲۴- ساقي مين كلال بہ مين هون - پُر مين پئمان ․ 〃 ․

۲۵- توكل مين مئظان بہ مين هون - مين ثابت سرسبحان ․ 〃 ․

Gul Hayat Institute

كافي ۱۱۹ روپ پيلو

هم تو عاشق تيري عشق كا ديوان هو رهاهون

درسن ويك حُسن كا، مستان هورها هون.

١- رمزان ڪي باز بحري - چٽڪي ويو ڪان قهري
ڪرتا هي جنگ جاري - قتلام هو رها هون.

٢- مرجان لب لعلان - دندان دُر دانا
ابرو ني ڪش ڪمانا - قربان هو رها هون.

٣- نينان ڪي نوڪ لٽڪي - مژگان ني تير مارا
ب ني الف پڪارا - پيمان هو رها هون.

٤- صورت هي نور نوراني - يوسف ماه ڪنعاني،
سر پر سو تاج شاهاني - سلطان هو رها هون.

٥- توڪل علي وصل ڪا - پيا جام پُر عمل ڪا
جلوه ديڪا حسن ڪا - تجلان هو رها هون.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ١٢٠ روپ ڪسوري

ساڏي ويڙهي هادي مرسل آيا

آيا تو رهبر رمز رلايا.

١. ساقي بڻ ڪي جام پليندا - پيتم پر ڪر پر صراحي،
پيوڻ سيتي موتو قبلل ٿيوسي - ٿي اسم جسم کي جدائي،
ٽُٽ پيا بوتا بد هوائي والا - شيشا عشق اڏايا.

٢. غيب کر ظهورا ظاهر - پهن پوشاڪان آيا،
خلق الانسان علیٰ صورته - اها آيت يار الايا،
نقش نقاش صورت دا ڪري - آپ کون آپ وڪايا.

٣. احد احمد هڪو هويا، ڏوجها اور نه ڪوئي،
هر مظهر دي وچ هڪوئي - لا مظهر سوئي،
رنگ ربوبي هويا - بيرنگ رنگ رلايا.

Gul Hayat Institute

۴. احد وچون جو احمد هوکي. برقعا پا کڙوتا،
ناک نبي منهن محمد - پير پيغمبر پا تا،
ملک بہ ملک مناديان هويان. چت لولاک جهلا يا.

۵. فيض رساني هادي کيتي. حضرت شاه هنباهي،
کامل پير مليا گر پورا. بيشک بي پرواهي،
مار نغارا احديت دا - هر جاء حکم هلا يا.

۶. آپ کون آپي آپ جو جاتا. هان مين دُر يگانا،
ذات مقدس توکل سائين. هان مين مرغ شاهانا،
لامکان واصل هويا. سارا سر سما يا.

Gul Hayat Institute

کافي ع۱۲۱ روپ کنيات

سنهنجو عرش متي پروان
آهيان شاهي مان شهباز.

۱- امر آدم کون اڳي هئا سي - جوڙ جڳت ڪيم نينهنءَ ناز .

۲- سوريءَ سيجھ شتاب چڙھان ٿو - پڙهي اناالحق آواز .

۳- جتي عرش اپ زمين ناهي - اتي برھ اڏايم باز .

۴- لامڪان ۾ واصل آهيان - آهيان اصل ازلي راز .

۵- سرسمايو توڪل سائين - ديدان ٿيڙيون دور دراز .

## ڪافي ع ۱۲۲ روپ ڪنيات

اها برھ سنائي بات

اٿئون حق جي وائي وات .

۱- چوڏهن طبق ترڪ ڪيا سي - آيو عشق عجب اوقات .

۲- احديت جو طبل وڄايم - عشق ڪيم اثبات .

۳- من خدا ۾ من خدا ۾ - طلب اها اٿئون تات .

۴- لاوارِ حد لنگهي پيا سي - توڙي طلسمات .

۵- ديس انهيءَ تي ڪاهي وياسي - جتي ذات ناهي ڪا صفات .

۶- حي القيوم دائما آهيان - آهيان موں ۾ حيات .

۷- سرسمايو توڪل سائين - لاحد پاتي جهات .

Gul Hayat Institute

كافي ع ١٢٣ روپ سورٺ

پڳو ڳـڙهه ڳـرنار جو،

لڳي چوٽ عدم کي.

١- موتو قبلل مري جياسي- ٽوڙي هن طلسم کي،

٢- ترک کيوسي ترک کي- ساري ريت رسم کي.

٣- وحدت جي درياهه ۾- لوڙهي ڇڏيوسي خطرن کي.

٤- انا الحق جو ماري نعرو- صاف کيوسي صحن کي.

٥- بيخوديءَ جي باب ۾- ڏٺوسي قلزم کي.

٦- لا ڇيئي کري عرش وياسي- رسيا سي لاحد کي.

٧- سر سمايو توکل سائين- مليا سي بحر اعظم کي.

كافي ع ١٢٤ روپ راڻو

Gul Hayat Institute

ذات رهيوسي ذات ۾،

ترک کري کثرات.

١- موتو واري سوج ۾- لنگهي ويا سي ظلمات.

٢- لا ڪري ويا سي نڪري- ڪائي ڪل خطرات.

٣- انا الحق جو ماري نعرو- عشق ڪيم اثبات.

٤- مڻ پي محو ٿيا سي- دور ڪري درجات.

٥- سر سچائي توڪل سائين- لا حد پائي جهات.

## ڪافي ع ١٢٥ روپ جوڳ

فرض پڙهيوسي فنائي

موتو واري ڪئي سي ادائي.

١- لوح قلم کي ترڪي هليا سي- اسم جسم جي ڪئي سي جدائي.

٢- عرش عظيم کون اڳي ويا سي- بيرنگ جي ڪئي سي بادشاهي.

٣- وطن پنهنجي واهيري يا تي ويا سي- ٿيا سي مرغ هوائي.

٤- ظلماتي لنگهي چوٽ چڙهيا سي- بحر ماٽيوسي بقائي.

٥- لا چئي ڪري الاحد ٿيا سي- حاصل ٿيا سي سچ صفائي.

٦- انا الحق جو ماري نعرو- عشق ڏني سي اوڳاهي.

٧- ماڳ سڃاڻي توڪل سائين- مدام رهيوسي سدائين.

Gul Hayat Institute

## ڪافي نمبر ١٢٦ — روپ جوڳ

ڪين سڃاڻي ڪين ڪماءِ

ڪين واري ڪَل توءِ آ ۔

١۔ هڻ تبي اونهي کُن لونهاري ۾ ۔ ڪرڙو کُن ٿهاري آ ۔

٢۔ پئہ توُن اوڻهي نگهوسار ۾ ۔ ڪنڌي ڪين ڪنارو آ ۔

٣۔ طرحين ويرون ڪرڪا لهرون ۔ اونهو بحر اوگهين آ ۔

٤۔ تارو تار لهريون لس وهن ٿيون ۔ گونان گون هزارين آ ۔

٥۔ بحر اعظم ۾ ٿي آشياڻي توڪل سائين ۔ سارو بحر سما ۔

## ڪافي نمبر ١٢٧ — روپ جوڳ

گم ٿي غازي پنهنجو پاڻ سڃاڻ

ٻولين طرف پئي وري ڪوه پرياڻ ۔

١۔ وَنحن اقرب منجهہ سمايو ۔ آهي دوست انهي اهڃاڻ ۔

Gul Hayat Institute

٢۔ الانسان سري وانا سره ۔ ساڳي صورت سوئي ڄاڻ ۔

٣۔ پاڻ وڃائي پاڻ کي ڄاڻين ۔ ايري وٺ مهراڻ ۔

۴- اناالحق جو ماري نعرو - موج منصوري ماڻ.

۵- لا الله کان لنگهي ٿي اڳاهون - عاشق پنهنجو خيال اماڻ.

۶- مالڪ مٺڙاني تي توڪل سائين - سڪ سڳو مٿي تاڻ.

کافي ۱۲۸ روپ جوڳ

پيتم جام برهه برسات ڪنون،

ٿيوسي ترڪ طمع تايات ڪنون.

۱- نال پيوڻ دي موتو قبلل ٿيوسي - جڏان پيتم آب حيات ڪنون.

۲- قيد قفص دا توڙ ڪراهڻ - اڳي لنگهه گيوسي ظلمات ڪنون.

۳- علم عقل سڀ ڇوڙ سڌايٽن - عشق والي اوقات ڪنون.

۴- ملان قاضي راز ڪيا جاڻن - نينهن نفي اثبات ڪنون.

۵- ذاتي دي وچ ذات رهيوسي - ڪيتم فارغ الهي جسمات ڪنون.

۶- سر سمايا توڪل سائين - لاحد والي جهات ڪنون.

Gul Hayat Institute

کافي ع ۱۲۹ روپ پهاڙي

حضرت عشق کول اساڏي آوندا

من میڏي کون پاوندا.

۱- عشق اساڏا ساکن هویا- وحدت جام پلاوندا.

۲- نال پیوٹ دي بیخود ٿیوسي- خوف رجا نون کاوندا.

۳- نینهن نشي دي هوئي خماري- عقل هوش گواوندا.

۴- عشق اساڏا رهبر هویا- سارا سر سماوندا.

۵- قم بازني عشق الاوندا- اوپر عرش اڏاوندا.

۶- من راني دا کیتس رایا- اپنا شان وڏاوندا.

۷- انا الحق دا مارکي نعرا- سولي پکڙ چڙهاوندا.

۸- ماگ منٺاني توکل سائين- دم مدام ملاوندا.

کافي ع ۱۳۰ روپ پهاڙي بباس

Gul Hayat Institute

سینهن نشانبر نعرا مارا

تب لب هم انا الحق پکارا.

١-نا ڪوئي جسم هوا نا ڪوئي اسم هواري- هوا گم وجود سارا.

٢-بي سر بي پايان هوا هون ري- ذات صفات سون نيارا.

٣- عرش عظيم سي اڳي اڏ اڏ جا تاري- لامڪان خيال همارا.

٤-هم تو غيب السائي مرغ هي هو هوا ڪاري- نهين اس ڪا اور ڪنارا.

٥- آپ ڪو آپ پڇانا تو ڪل سائين- بحر اوا گهه سمانا سارا.

ڪافي ع ١٣١ روپ پهاڙي بباس

ڪلمه انا الحق ڪا پڙنا

مرني سون آگي مرنا.

١- موتو قبلل انت موتو - اسم جسم سي فارغ هو ڻو

ڦير نهين ڪوئي مرنا.

٢- اخذ نوبت وا ڳي - وحدت ڪي دم ڏن لا ڳي

بحر اعظم م رلنا.

٣- من خدا يم من خدا يم- حي القيوم دم هوا دائم

ساجد آپ کون ڪرنا.



Gul Hayat Institute

۴- من رائي فقد رائي الحق - قال رسول ني ديا سبق
سولي سات سڱن سپ ڪرنا.

۵- توڪل علي مٺڻاني بيچ هوڪي يڳانا - لامڪان خيال ملانا
الانسان سري سر ثابت ڪرنا.

ڪافي ع۱۳۲ روپ ڀهاڙي ڀباس

لامظهر هم هويا- عبد احد وچ گم هويا.

۱- شوق شتاب اساڏا يارا - مرغ خيال ڪا ديک نظارا
بحر اعظم هويا.

۲- نينهن نواب اساڏا نيارا- برهه بي حساب اساڏا سارا
اعلیٰ اعظم هويا.

۳- اناالحق هم نعرا مارا- حاصل حال حقيقت هوا پرت پسارا
واصل بحر اعظم هويا.

۴- برهين موتو قبلل مار جوايا- ازني ازني ڪرڪي عرش اڏايا
لامڪان ۾ همدم هويا.

۵- نام ۾ توڪل علي ڪرکي برهين بيک بنايا- بحر اواگهه سپ سر هم توسمايا
وه هي ثابت اعلیٰ اعظم هويا.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۱۳۳
روپ پيروي

منهنجو وجود خاڪي انسان جي نمونـي

چادر مان ميم پاتي قرآن جي نموني.

۱- عاشق آهيون ميثاقي - قربان جي نمونـي.

۲- قادر ڪلال آهيان ساقي - پُر پيمان جي نمونـي.

۳- فارغ جسم آهيون صفاتي - روحي رحمان جي نموني.

۴- احد احمد رهون ٿا باقي - سلطان جي نمو نـي.

۵- سو سر آهيون ساڳي - سبحان جي نمونـي.

۶- توڪل ترڪ يگانا آهيون ياقي - غيب السان جي نمونـي.

## ڪافي ع ۱۳۴
روپ پيروي

چاڪون وچين پيو چاڪي - پيهي پسين ٿو پنهنجو

چاڪي ۾ جهاتي پائي - حرمين ڏس پنهنجو.

۱- پيرين هلڻ ۾ سهنجو آهي - ڦوڪڻ ۾ سوڙهو اهنجو.

۲- ڪامل ڪلال آهين - ساڪن آهين سپين حبو.

Gul Hayat Institute

۳. سو ساڳيو سر آهين ـ محتاج نہ آهين ڪنهن جو.

۴. ڪعبو قلب سو آهي ـ دل ۾ طالب ٿئي جنهن جو.

۵. توڪل يگانو آهين ـ لاحد مڪان تنهن جو.

ڪافي ۱۲۵ علم روپ ڀڄاڙي.

سولي سر چڙهاوين، گيت ڳاوين ـ انا الحق آوان دا

منصوري رازدا.

۱. موتو قبلل انت موتو ـ جنيدي جسم جلاوين.

۲. قُم بِاِذني ڪر اشارا ـ اپنا حڪم هلاوين.

۳. شوق شهادت ماڻ اماست ـ ڪوئل عشق ڪتاوين.

۴. انا احمد بلا ميمي ـ شاهي چوٽ چلاوين.

۵. من رآني دامار ترانہ ـ احديت هلاوين.

۶. بحر اعظم وچ هو يگانا ـ روحي رمز رلاوين.

۷. امن والي ديس تي ـ خاص خيال اڏاوين.

۸. آپ پڇاڻي توڪل سائين ـ بحر اوآگهہ سماوين.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ١٣٦ روپ پيروي

چوٽ نغاري لائي - نوبت واڳي - حاصل حال حلاجي سائي .

١- موتو واري موج ڪيتم - شوق شهادت شادي ،

٢- اوٽ عدم ۾ پورا ڪيتم - سيف لڳا يم لا دي ،

٣- عبديت دا پول پڳاسي - احديت دي هادي ،

٤- انا الحق دا ماريم نعرا - ملڪان ملڪ منادي ،

٥- سر سمايو توڪل سائين - وحدت وِئي ولايت وادي ،

## ڪافي ع ١٣٧ روپ پهاڙي

غازي ٿي هٿ لاوين ، ملها وين منصوري ميدان نون .

منصوري ميدان نون - ثابت ڪر سبحان نون .

١- پي پيالا وحدت والا - محويت وچ آوين .

٢- جوشان دي وچ جان جلاوين - بيخود هو خود پاوين .

٣- ڪل سيروفي الارض سيوئي - سارا سير سماوين .

٤- امن والي ديس تي - خاص خيال اڏاوين .

۵- مار نغارا احديت دا- ڌهوڪا حق هلاوين.

۶- ساقي ڪلال مئخاني ملدا- مئہ دا قدم پاوين.

۷- بحراواگهہ وچ توڪل سائين- خالص خيال ملاوين.

## ڪافي ع ۱۳۸ فارسي روپ ڪاريهر

ڪنم پرواز بالا عرش من- ارض و سما را ترڪ من.

۱- منم مستم ڪہ ديوانہ ببا- بے جسم بے جان من.

۲- منم هادي هدايت راز حق- اعلیٰ ازل اسرار من.

۳- من رسيدم در ولايت هُوهوا- بيچون بيمثال من.

۴- عشق سر احوال من توڪل علي- خود بخود خيال من.

## ڪافي ع ۱۳۹ روپ پهاڙي

Gul Hayat Institute

پنهنجو پس پاڻ ۾ پيهي- نظارو نور ۾ نيهي.

۱- پائي ڏس جهات اندر جهاتي- ڪري هٿ لا اندر ڪاتي

پچين طلسم ٿي اثباتي- بقا ۾ ٿي چنڊي ديهي.

٢. احدون ٿي احمد آيئن. آدم جو بيک بنائين،
حکم هر جاءِ پيو هلايئن. صورت جي سير ۾ کيئي.

٣. سري سر پنهنجو چايئن. ازل پنهنجي کي سچايئن
مدامي موج پير مايئن. يگانو غيب ۾ ڏيهي.

٤. اڳي ظلمات کون ظاهر. لنگهي چوڏنهن طبق ٻاهر
اڏائي خيال کر رهبر. اصل آشياني تي ويهي.

٥. توکل علي واصل. لاحد ٿئي لامکان نازل
سارو اسرار بحر اعظم. سمايئي سر ۾ سيئي.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۱۴۰ فارسي روپ ڪاريهر

من لامکان رسیدہ ہم
بحر اعظم آشیانم۔

۱۔ مولو قبلل انت مولو ۔ قول ہو من بر سروم ۔
۲۔ مہنم درم کہ در بحر یگانہ ۔ بیجسم بے جانم ۔
۳۔ من برخیز کن من پرواز کن ۔ بالا عرش روم ۔
۴۔ من نعرا انا الحق می زنم ۔ سر بسر اسرارم ۔
۵۔ من گویم کہ من خدایم من خدا ۔ نمی دانم دیگرم ۔
۶۔ انا احمد بلا میمی ۔ وجدہ من احدم ۔
۷۔ من واصل بہ مئخانہ مدام است ۔ جام نوشانو شرم ۔
۸۔ من شوق شراب زود توکل سائیں ۔ پرنم پیمانم ۔

Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۱۴۱ روپ ڌناسري

صفا صوفي هون سو يارا
وجون تا عرش او يارا.

١- ڪيون ٿا هٿ لا جي ڪاتي- اسم جي زور سان ذاتي،
مُجوسي مُٺو ٿي اثباتي- يڪا سي بند دوئيءَ وارا.

٢- آهيون ميدان جا غازي- رضا ۾ روز وشي راضي،
بنايائون برهه جي بازي- ماريون ٿا نينهن جا نعرا.

٣- اصل ازلي عاشق آهيون- لاحد جي لاڳ ٿا لايون،
بحر اعظم ۾ آهيون- رهون ٿا سينهن سيارا.

٤- آهيون هادي هدايت جا- خيال الله ولايت جا،
بقا بالله امامت جا- ماريون دم چوٽ نغارا.

٥- آهيون مئخاني جا ساقي- امن جي ديس ۾ باقي،
بحر توڪل علي باقي- سمايو سر سي سارا.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ١٤٢ — روپ ڌناسري

نوري ناري آ،، ته ناهيان،

آهيان اسرار مولا سائين.

١. ديس ڇڏي پرديس تي آيس. ڇاپئي برهه جو بار مولا سائين.

٢. انا الحق جو ٿو ماريان نعرو. آهيان سوريءَ جو سردار مولا سائين.

٣. سانگي پنهنجي پاڻهي آيس. وحدت ڪري واپار مولا سائين.

٤. لا مظهر آهيان در يگانو. دين ڪفر کان ڌار مولا سائين.

٥. هر مظهر ۾ ماهر ٿياسي. عالم ۾ اظهار مولا سائين.

٦. سرسمايو توڪل سائين. نينهون ٿيس نروار مولا سائين.

## ڪافي ع ١٤٣ — روپ آسا

صوفي لا مظهر تڪرار آهيون

بيخود مست قلندر وار آهيون.

١. وحدت وارو جام پيئون ٿا. موتو قبلل مري جيون ٿا

فنا لنگهه بقا ۾ ٿيون ٿا. سارو سڀ اسرار آهيون.

Gul Hayat Institute

٢- اناالحق جا ٿا ماريون نعرا- عرش وجون ٿا مٿي اوپا را
پرت اسان جي کيا پسارا- نيزي سر نروار آهيون.

٣- انا رب گيت ڳايون ٿا- بلا عين سدائين رهون ٿا،
بحر اعظم ۾ مدام ملون ٿا- اسم جسم کون ڌار آهيون.

٤- توکل سائين منخاني جا ساقي آهيون- بحر بقا جا باقي آهيون،
وحدت ويءَ ولايت ۾ ياقي آهيون- قادر قديم قهار آهيون.

### ڪافي ع ١٤٤ روپ پهاڙي.

عشق الاهي ٿيو الهام- توڙي ڇنڊيوسي قيد قفس جو دام.

١- دين ڪفر ڪان آهيان نيارو- آهي اسان جو عشق امام.

٢- لا ڇيٽي ڪري لاحد ٿياسي- خطرا ڪاڍي سڀ خام.

٣- عبديت جو پول پڇي ڪري- ورتم احديت جو اسلام.

٤- اناالحق جو ٿو ماريان نعرو- سوريءَ سر انجام.



Gul Hayat Institute

۵- الاهي عشق جي عرش اڏاريو- ديس امن جي ڪيم آرام.

۶- اندر ٻاهر ٻي ايڪائي- پيتم محويت جو جام.

۷- ديس انهيءَ ٻي وياسي ڪاهي- جتي خاص نه آهي عام.

۸- ماڳ منٺاڻي جي توڪل سائين- محڪم آهيون مدام.

## ڪافي ع ۱۴۵ روپ پيروي

هر پردي اندر تو ڪهلائي

الانسان سري تو فرمائي.

۱- خلق الآدم علیٰ صورته - نقش نقاش صورت جو ناهي.

۲- فاينما تولوا فثم وجه الله- جا ڏي تا ڏي هڪڙو ئي آهي.

۳- ڪل شيءٍ ناطق باالحق آهي- منجهون منجهه تو من ۾ مائي.

۴- من راني فقد رائ الحق - شاهنشاهي طبل تو وڄائي.

۵- انا عرب بلا عين چيو هو حضرت شاه. ڪَل اها ڪنهن کي آهي.

۶- اڳي عرش عظيم ڪون - پڻهنجو خيال اڏائي.

۷- بيرنگ بحر عميق ولايت ۾- پنهنجو روح رلائي.

۸- ماڳ منٺاڻي توڪل سائين - سارو سر سا مائي.



Gul Hayat Institute

كافي ع١٤٦ روپ پيروي.

وطن منهنجو اڳي پري ڏٺو،
ڪين بشر ڏي خيال وري ڏٺو.

١- موتي واري موج ۾ - دم به دم جيئري مري ڏٺو.

٢- اندر ٻاهر ٿي روشنائي - بجلي وانگي ٻري ڏٺو.

٣- حال حلاجي موج ۾ - انا الحق اذان ڪري ڏٺو.

٤- اڳي عرش عظيم ڪون - عشق پنهنجو عريان ڪري ڏٺو.

٥- ترڪي لوح قلم ڪي - بحر اعظم ۾ رلي ڏٺو.

٦- اصل عيب الساني ۾ - پنهنجو آشيان ڪري ڏٺو.

٧- سرسمايو توڪل سائين - ماڳ مٺخاني ملي ڏٺو.

كافي ع١٤٧ روپ پيروي

ذات آهيان حق ذات آهيان
عشق اصل آفات آهيان.

١- اسم جسم ڪون فارغ آهيان - تارڪ ڪان جسمات آهيان.

Gul Hayat Institute

۲- لا واري حد لنگهي ويا سي - لا حد ۾ وري جهات آهيان.

۳- الانسان سري سر سارو- ثابت مان اثبات آهيان.

۴- سوريءَ تي منصور آهيان- انا الحق وائي وات آهيان.

۵- سارو نور حضور آهيان- تجلو مان تجلات آهيان.

۶- ماڳ منڃاني ۾ مضمور آهيان- ڪامل ڪيف ڪلات آهيان.

۷- سر سمايو توڪل سائين- غيب السائي لات آهيان.

ڪافي ۱۴۸ روپ پيروي

گم هويا اب گم هويا

جتي هم نکوئي تم رهيا.

۱- ازني ازني ڪر ڪي خيال اڏايم- بسمي گم جسم هويا.

۲- لا مظهر هون نور نيارا- هڏ چم گُم لحم هويا.

۳- انا الحق دا ماريم نعرا- عاليشان عزم هويا.

۴- نه ڪائي صورت نه ڪائي مورت- ذات دي اندر گُم هويا.

۵- آپ رهيو سي روح روحاني- موج بحر اعظم هويا.

۶- آپ اواڳهه سمايا توڪل سائين- لا مڪاني دم هويا.



Gul Hayat Institute

## ڪافي نمبر ١٤٩ — روپ پيروي

يا محبوب تي راضي- آهين تون محبود.

١- سڪ ۾ ويٺو وره وسايان- صدق اثم ثابوت.

٢- دشمن تنهن دُرنگي- ڪر نفي نابود.

٣- فيض رساني ڪراسان تي- حاصل ٿئي هاهوت.

٤- ڏي ڪو جام وصال جو- زود ڏئون پيان زُود.

٥- حي القيوم دائما- مون سان ره موجود.

٦- توڪل علي عاشق توهِ ماهر آهي- تنهن سان رهبر ٿي رَبُود.

## ڪافي نمبر ١٥٠ — روپ مانجھ

ناز وارن سان پلي سِنهن لائجي ته توڙ نباهجي.

١- فذڪروني اذڪرڪم - سڪ سڳو مٿي ساهجي.

٢- برهه واري باھ ۾ - پل پل پاڻ پچائجي.

٣- پي پيالو محويت جو- وهم وجود وڃائجي.

٤- بنا جوش جولان جي - تاھ نه ٻيو ڪو ناهجي.



Gul Hayat Institute

۵- اناالحق جو ماري نعرو- سوريءَ تي سر سلهائجي.

۶- رکي جوش جبار جو- اڳي قدم وڌائجي.

۷- پنهنجي ديس بقاءَ تي- عاشق خيال اڏائجي.

۸- احديت جي موج ۾- نوبت نينهن وڄائجي.

۹- پاڻ سڃاڻي پنهنجو- سارو سر سمائجي.

۱۰- بيرنگ بحر عميق سان- روحي رمز رلائجي.

۱۱- ماڳ مٺاڻي ۾ توکل سائين- دائما دم ملائجي.

## ڪافي ۱۵۱ — روپ پيروي

انحد باجي ڏم لڳا

اناالحق اب دم لڳا.

۱- بادل برهين ڪرڪر آيا- ابر اوپر ڪرڪي سعيا

رم جهم جهم برسن لڳا.

۲- مار نغارا سولي چڙهنا- سولي اوپر اذان ڪرنا

ويک برہ آ غم لڳا.



Gul Hayat Institute

٣- من خدايم من خدايم- حي القيوم دم هي دائم

قطره گيا قلزم لڳا.

٤- برهين مجهه کو کيا نيارا- اونهان اپنا کيا نظارا

واه موج بحراعظم لڳا.

٥- لامکان کي پنڌ‏ا اوپر اڏ اڏ جاتا- توکل علي سپ سر سماتا

وصل منڌاني دم قدم لڳا.

## ڪافي ع ١٥٢ روپ بروو

(امداح دستگيرجي)

هادي فيض رساني، قطب رباني،

قادر پير جيلاني، غوث صمداني.

١- ساري فقر جو رهبر آهين- طلب وارن کي توڙ رسائين

وحدت ويءَ ولايت جي وجداني- لتڻي مهرباني.

٢- کل پيرن جو پير آهين- داتا تون اکسير آهين

تون آهين نور نوراني- سر سبحاني.



Gul Hayat Institute

۳- ملڪ فلڪ تي تنهنجو قدم آ- عرش ڪرسي تنهنجو عدم آ،
توکي سير سپو سلطاني- شاهه شاهاني.

۴- احد منجهون تي احمد آيئن- هر جاءِ نوبت نينهن وڄايئن
عاشق آهيو لامڪاني- غيب الساني.

۵- پاڪن پاڪ پيغمبر آهين- ڪامل ڪيف ڪلال قلندر آهين
جام پياريو جاوداني- ثيو لاثاني.

۶- توڪل طالب تنهنجو فقير آ- دست داون تو دستگير آ
ڪرڪا راضنداني- شهنشاهه جيلاني.

ڪافي ۱۵۳ روپ پيروي

ناڪائي ملت ناڪوئي مذهب
اي سپ ڪوڙي لاري.

Gul Hayat Institute

١- عاشق عشق الاهي ٻاجهون - اور نہ چلدي چارَي.

٢- جي تون چاهين ٻيج ٻسڻ دا - عاشق هوندي نيارَي.

٣- مار نغارا سولي چڙهدي - سنهنجون سر سينگاري.

٤- بيشڪ بحر بقا دا ماڻ - وحدت دي وڻجاري.

٥- فرض فنا دا صحيح پڙهدي - ڪيتي پرت پساري.

٦- آپ پڇاڻ توڪل سائين - نينهن مريندي نخري.

ڪافي ع ١٥٤ روپ ڏناسري.

هادي لهج سنڀار مولا سائين

يتيم جي نانءَ ڏٺيءَ جي.

١- راتيان ڏينهان آهي اسان کي - تنهن جي پرت پچار.

٢- سڪ ۾ اوهان جي ساهه سڪي ٿو - درد لائي وسڪار.

٣- فيض رساني ڪر اسان تي - مٿي عرش اڏار.

٤- حاضر ناظر يار اسان سان - وِٿي نہ وجهه هڪ وار.

٥- عاشق عشق آزاري آهيان - برهه سند و بيمار.



Gul Hayat Institute

٦- ازني ازني ٿو پڙهيون پڪاريان- پسڻ لاءِ ديدار.

٧- توڪل هن مسڪين کي- جلوه پنهنجو ڏيکار.

## ڪافي ١٥٥ روپ پيروي

موتو واري موج ۾

ڪوڙ عاشق سر اختيار ميان.

١- فذڪروني اذڪرڪم- ڪر وحدت جو واپار ميان.

٢- الست بربڪم قالو بليٰ- ڪيئي قول قرار ميان.

٣- وفي انفسڪم سمجهه اشارو- رڳ رڳ ۾ للڪار ميان.

٤- انا الحق جو مارتون نعرو- سوئي ساڳيو آهين سردار ميان.

٥- هو الاول هو الآخر - هووين تون اظهار ميان.

٦- بيرنگ بحر بقا ازل جي- درسن هووين دربار ميان.

٧- هو الظاهر هو الباطن- هويا باغ بهار ميان.

٨- لوح قلم کي ترڪي توڪل سائين- نڪري ٿي نروار ميان.

Gul Hayat Institute

كافي ع ١٥٦ روپ مانجهه

## ورتم عشق امام

آهيان وحدت جو وريام.

١. هادي هردي اندر صاف سمايم. احديت جو حڪم هلايم
هرجاءِ ڪيم حڪام.

٢. لا چئي ڪري نڪري وياسي. وحي بحر اعظم ۾ ٿياسي
جيتي صبح ناهي شام.

٣. اناالحق جو ماري نعرو. ذات صفات کان ٿي ڪري نيارو
ٿيا سوريءَ سر انجام.

٤. سچ صفا ۾ محڪم ٿياسي. جوئي هئا سي سوئي ٿياسي
خطرا ڪائي خام.

٥. توڪل سائين منځاني جو ساقي آهيان. بحر بقا جو باقي آهيان
پر پر جنگ پيون ٿا جام.

Gul Hayat Institute

ڪافي ٥٧ لم روپ مانجهه

حضرت عشق ڪيو الهام

بيخود پيتم جذبي جام

١- پي پيالو پُر ٿياسي- وحي يگانا دُر ٿياسي

ڪَيي دوئيءَ جو دام

٢- موتو قبلل مري جياسي- بيشڪ بحر بقا ۾ ٿياسي

جتي خاص نه ڪوئي عام

٣- مورت صورت معنيٰ ناهي- قبل ماضي خانون نه آهي

نه آهي قبر نه آهي قيام

٤- اسم ڪوئي جسم نه آهي- وحدت ڪثرت قسم نه آهي

سارو بحر ٿيو انعام

٥- اناالحق جو سبق پڙهون ٿا- چاڙهه عشق جي چست چڙهون ٿا

باڍي پاڙ ٿياسي امام

٦- احديت جو طبل وڄايم- هر جاءِ هو ڪو حق هلايم

ٿيو عرش اعظم گام

Gul Hayat Institute

٧- بحر اعظم ۾ ويا سي پيهي - چنڊي طلسم ڪايا ديهي
اٿي ڪوڙين مان ڪوپريندو جام.

٨- ديس انهي تي ويا سي ڪاهي - جتي جن ملائڪ جي جڳهه ناهي
اُتي ڪيم آرام.

٩- توڪل عاشق خيال اڏائي - هُو هوا ۾ روح رلائي
مليو اهو ماڳ مدام.

ڪافي ع ١٥٨ روپ گجري

دل ۾ پاءِ دروني جهاتي
پس جلوه ظاهر ذاتي.

١- هستيءَ وارو ڪوٽ ڀڃي چنڊ - لائي لا جي سر تي ڪاتي.

٢- لوح قلم ڪون وچ نکري - ستر ڪي طلسماتي.

٣- مري جيءُ ته پوءِ نه مرندين - هوندءِ نت حياتي.

٤- انا الحق جو ماري نعرو - عاشق ڪر اثباتي.

٥- عزم رکي افلاڪن تي ميان - لنگهه اڳيي ظلماتي.

٦- ماڳ منخاني جو توڪل سائين - آهين ڪامل ڪيف ڪلاتي.



Gul Hayat Institute

كافي ۱۵۹ روپ كلياڻ

آپي اپنا درسن كيا

آپ كا ديدار

۱- جام پريم كا ساقي ني ديا- پيني سيتي بيخود كيا

كيا نينهن نشي ني خمار

۲- برهين موتو كركرليا- انت موتو مركر جيا

لڳي لاحد كي پكار

۳- اناالحق هم نعرا مارا- هوا گم اي جسم سارا

سولي پر هسوار

۴- چوڏهن طبق ترڪ كيا- لاحد دي وچ پا كر ليا

روشن نور كڙا انوار

۵- وحدت كثرت كل فنا هئي- ذات قدسي هم تو بقا هئي

سارا سپ اسرار

۶- توكل سائين سپ سرِ كنئيان- لامكان پر تكيا كيا

كيا خيال قرار



Gul Hayat Institute

کافي ١٦٠ راڳ هميرڪلياڻ

آپ ھ ديکا آپ ھ پايا

آپ کيا ديدار.

١. ڇاتي دي وچ جهاتي پاکر. الاالله کي چوٽ چلاکر

پڪڙلي تيغ طلب تڪرار.

٢. وچ احد دي ميم رلاکر. انساني کا بيک بنا کر

برھ کيا بردار.

٣. بازيگر بن بازي بنايم. احد سي بن احمد آيم

جلوه کر جنسار.

٤. عدم اوپر قدم ڏرا کر. عرش سي اڳي خيال اڏا کر

کر نظر نور نظار.

٥. ڪثرت وحدت بيچ جلاکر. من راني دا حکم هلاکر

هون نسنگ نروار.

٦. توکل سائين سرسما کر. برهين بيرنگ روح رلا کر

هوا مڻخاني کا مختار.



Gul Hayat Institute

كافي ع ١٦١ روپ هميرکلياڻ

دم درون ڏمال لڳاڪر

دم کي چالي چوٽ چلا.

١- لا سين سيف چلاڪر - جسماني وجود جلا ڪر

سرسولي گھول گھما.

٢- موتو قبلل قول ادا ڪر- بحر بيرنگ رلا ڪر

بيخود هوڪردم ڪما.

٣- عدم والي اوت فنا ڪر- ذات مقدس خيال بقا ڪر

ڪرترڪ تو ارض وسما.

٤- توڪل عاشق دم ڪا ديڪ نمونا- بحر اواگھ سمندر اونها

سارا بحر سما.

كافي ع ١٦٢ روپ هميرکلياڻ

عشق مين اوقات بہ مين هونا

تارڪ مين جسمات.

Gul Hayat Institute

١- عاشق تي معشوق ٻه مين هون - قاتل مين هون ڪات.

٢- سولي تي منصور ٻه مين هون- حق ڪي وائي وات.

٣- طالب تي مطلوب ٻه مين هون- درجت مين درجات.

٤- عابد تي معبود ٻه مين هون- خضر مين هون حيات.

٥- احد مين هون احمد ٻه مين هون- قلزم مين قطرات.

٦- ساقي مين مئخان ٻه مين هون- ڪامل مين ڪلات.

٧- رنگ مين هون بيرنگ ٻه مين هون- قادر مين قدرات.

٨- طور تي جلوه نور ٻه مين هون- تجلي مين تجلات.

٩- خود ٻه مين هون بيخود مين هون- لاحد مين هون جهات.

١٠- حال ٻه مين هون خيال ٻه مين هون- قدسي مين هون خود ذات.

١١- اول آخر تون ڪل سائين - ثابت مين هون اثبات.

Gul Hayat Institute

ڪافي ١٦٣ روپ همير ڪلياڻ

پاٽ ٣ پيهي پاٽ سچائج

عاشق عرش اڏام.

۱- طالب الدنيا مخنث چاڻج - عقبيٰ کان اڳي خيال اماڻج
ڪَپ قيد قفس جو دام.

۲- هيءَ جهان فنا ڪري چاڻج - طالب طرف نه هيءَ ڪنهن تاڻج
وٺ عشق سند وا اسلام.

۳- ڪعبو قدسي قلب کي چاڻج - وحدت ويءَ ولايت ماڻج
خطرا ڪائي خام.

۴- انا الحق جو نعرو مارج - سوري سنهنجون سر سينگارج
پنهنجو پاڻ ڪري قتلام.

۵- توڪل نوبت سينهن وڄائج - بحر اعظم ۾ روح رلائج
آهي تنهنجو ماڳ مدام.

---

ڪافي ۱۶۴ روپ سارنگ

علم عقل ڪل باطل ٿيڙو
هوش عقل سوڪلايو الا.

۱- بيخوديءَ جو جام پيتوسي - ڪامل ڪيف پلايو الا.

٢- پاڻ ٻپيهي محو ٿياسي - وهم وجود وڃايو الا .

٣- عدم واري اوٽ پڳي سي - لا جو چوٽ چلايو الا .

٤- من رآني جو حڪم هلايم - هادي حق فرمايو الا .

٥. ذات صفات ڪون فارغ ٿياسي - بيرنگ رنگ ملايو الا .

٦- لامڪان مدامي ٿياسي - محڪم موج منايو الا .

٧- بحر بي پايان توڪل سائين - سارو سر ٻسمايو الا .

## ڪافي ع ١٦٥ روپ پيروي

ڪاٿي هيئن ڪاٿي ڪيئن

ڪاٿي هر رنگ ٻسامايان .

١- ڪاٿي شاهي ڪاٿي سپاهي - ڪاٿي نوبت سينهن وڄايان .

٢- ڪاٿي هندو ڪاٿي مومن - ڪاٿي رهبر راز الاهي آهيان .

٣- ڪاٿي دين ڪفر ڪون آهيان نيارو - ڪاٿي سڀ ٻ ماهر آهيان .

٤- ڪاٿي ڪفن ڪي ڪين وڻان تو - ڪاٿي سڀ ٻ پيو سيبايان .

٥- ڪاٿي عالم ڪاٿي معلم - ڪاٿي سوري سر سلهايان .

Gul Hayat Institute

٦. ڪاڻي شير بهادر غازي آهيان - ڪاڻي پيو ليلا يان .

٧. ڪاڻي پاڪن پاڪ پيغمبر آهيان - ڪاڻي قرب ڪمالي آهيان.

٨. ڪاڻي يتيم سوالي آهيان - ڪاڻي ولايت والي آهيان .

٩. ڪاڻي ڪل قلندر وار آهيان - ڪاڻي جذب جلالي آهيان .

١٠. ڪاڻي احد ڪاڻي احمد آهيان - ڪاڻي من راڻي ٿو حڪم هلايان.

١١. ڪاڻي خادم ڪاڻي مرشد - ڪاڻي فائض فيض رساڻي آهيان.

١٢. ڪاڻي توڪل عاشق مست مدامي آهيان - ڪاڻي ڪامل ڪيف ڪلالي آهيان.

ڪافي ع ١٦٦ روپ پيروي

ڪاڻي ناز ڪاڻي راز

ڪاڻي سينهن نهوڙي آهيان.

١. ڪاڻي مست مان ويران آهيان - ڪاڻي عاشق مان حيران آهيان

ڪاڻي پرت پچاڙي آهيان.

٢. ڪاڻي گم ڪاڻي گمراه آهيان - ڪاڻي رهبر مٺي راه آهيان

ڪاڻي اصل ازلي آهيان.

Gul Hayat Institute

٣. ڪاٿي سوره مان سلطان آهيان - ڪاٿي غازي مان ميدان آهيان،

ڪاٿي نيزي سر سواري آهيان.

٤. ڪاٿي پاڪ فقير آهيان - ڪاٿي سچو مان اڪسير آهيان

ڪاٿي سر سبحاني آهيان.

٥. ڪاٿي موسىٰ مان ڪوه طور آهيان - ڪاٿي نازل تجلي نور آهيان

ڪاٿي دردر ڏمالي آهيان.

٦. ڪاٿي سوري ڪاٿي ساز آهيان - ڪاٿي پرت ڪاٿي پروا ز آهيان

ڪاٿي وصل وصالي آهيان.

٧. ڪاٿي غيب السائي لات آهيان - ڪاٿي ثابت مان اثبات آهيان

ڪاٿي توڪل عاشق لامڪاني آهيان.

---

ڪافي ١٦٧ روپ سارنگ

Gul Hayat Institute

عشق عقاب چنبن منجهه چايو

مٿي عرش اڏايو الا.

١- البو عشق جو غالب ٿيڙو - دين ڪفر کي ڪنبايو الا.

٢- ملڪ فلڪ منظور نہ ڪيڙو- زمين زمن ۾ نہ ماڻيو الا.

٣- آتش عشق جي جوش جاڳايو- تجلي طور جلايو الا.

٤- مونتو قبلل انت مونتو - ماري عشق جوايو الا.

٥- انا الحق جو ماري نعرو- سوري سر سلهايو الا.

٦- ماري نعارو احديت جو- پنهنجو حڪم هلايو الا.

٧- ظلماتي ڪان لنگهي اڳا هون- بحر اعظم ۾ آيو الا.

٨- وحدت وڃيءَ ولايت سارو- ثابت سر ۾ ساماڻيو الا.

٩- ماڳ مٿاني ۾ توڪل سائين- دائما دم ملايو الا.

ڪافي ع ١٦٨ روپ گجري

آهيان مرغ هوائي

رهبر آهيان راز الاهي.

١- مونتو واري موج - پنهنجي ڪيون ٿا ادائي.

٢- اڳي عرش عظيم ڪون - پنهنجي ڪيون ٿا شاهي.

٣- انا الحق جا ماري نعرا- ڪريان ٿو عشق آگاهي.



Gul Hayat Institute

۴- من خدا ايم من خدا - پاڻ چڙهون ٿا ٿاهي.

۵- ترڪي ديس ديهي - ماڻهون ٿا ڪي نور صفائي.

۶- بيرنگ بحر بي پايان اسان جو - سارو بحر بقائي.

۷- سارو سرسمايو توڪل سائين - خود خيال خدائي.

## ڪافي ۱۶۹ روپ گجري

ڪر عبديت کان ٿو ڪنارو

احديت جو مار نغارو.

۱- علم عقل کون ٿي خلاصو - چنڊ خالي خوف خسارو.

۲- دين ڪفر کون ٿي ڪري پاسي - ڪپ دام دوئي وارو.

۳- باجهون عشق الله جي - بيو نه ونجان چارو.

۴- بيخودي جو پي ڪري پيالو - ڪر وجود ويسارو.

۵- پاڻ م پنهنجي پس ميان - پنهنجو نور نظارو.

۶- انا احمد بلا ميمي - چيو مرسل سخن سچارو.

۷- اسم جسم کون ٿي ڪري فارغ - نڪري ٿي نروارو.

۸- پاڻ سچا ٿي توڪل سائين - سرسمائج سارو.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۱۷۰ — روپ گجري

جي تون پنهنجو پاڻ سڃاڻين،

احديت جون موجان ماڻين.

۱- فذڪروني اذڪرڪم ميان - سڳو سڪ جو مٿي تاڻين.

۲- موتو قبلل انت موتو - اها پرت سڄڻ سان پاڙين.

۳- برهه واري باهه ۾ - جيءُ جسو سڀ ساڙين.

۴- اصل واري ديس تي ميان - پنهنجو خيال اُماڻين.

۵- جوئي هيئن سو ويچي ٿيندين - اصل يقين اهو آڻين.

۶- ثابت پنهنجي سر کي سڃاڻين - اصل يقين اهو آڻين.

۷- ماڳ منجهائي توڪل سائين - ڄاڻ سڀ وٿي ڄاڻين.

## ڪافي ع ۱۷۱ — روپ گجري

باڪا ڪيندن برهه جي بازي،

دم انا الحق آوازي.

۱- پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ پاڄهون - بيا سڀ حيلا سازي.

Gul Hayat Institute

۲- چاڙهه عشق جي چست چڙهن ٿا- ڪڏهن ڪين مڙن ٿا غازي.

۳- رند ميدان بهادر آهن- رهن رضا منجهه راضي.

۴- نينهن نواب عقاب جنين جو- شوق رکن شهبازي.

۵- ثابت سر کي صحيح سڃاڻن- ملان مورڻه جاڻن قاضي.

۶- سورهه سوري شتاب چڙهن ٿا- پنهنجي ڪن ٿا سرفرازي.

۷- اڳي مرڻ کون مرن جيئن ٿا- طلب رکن ٿا تازي.

۸- لامڪان خيال اڏارن- پري پرت ڪرن پروازي.

۹- توڪل سائين الفيءَ ماڳ ملن ٿا- قبل ناهه جيتي ماضي.

ڪافي ع ۱۷۲ روپ گجري

سوسر آهيون اسين سڀاڳي

احديت جا آهيون هادي.

۱- دين مذاهب باطل ٿيڙو- ڪيئي عشق عقل سان تعدي.

۲- رهبرشاهه فياض ٿيومِيان- هادي عشق ڪيئي امدادي.

۳- موتو واري موج ۾ ميان- ڪيون ٿا شوق شهادت شادي.



Gul Hayat Institute

٤- چوٿهين طبقين ٿي روشنائي - وحدت ويءَ ولايت وادي .

٥- لا پڙهي ڪري پري وياسي - هي لاحد ۾ دل واڳسي .

٦- ماڳ مڪاني ۾ توڪل سائين - لڳي نوبت نينهن منادي .

### ڪافي عـ ١٧٣ روپ سهڻي

بنا اناالحق چوڻ جي

ٿاهه نه ٻيو ڪو ناهيون تا .

١- ڪري بس پنپور ڪان - ڪيڏ انهن ڪين ڪنايون تا .

٢- موتو واري ماه ۾ - لاڳ لاحد جي لايون تا .

٣- بره واري باه ۾ - پنهنجو پاڻ پچايون تا .

٤- لاڳا پاهڻ لوڪ جا - لا ڪري سڀ لاهيون تا .

٥- ٻئي ڌي پاتار ۾ - ماڳ انهيءَ تي ڪاهيون تا .

٦- حال حلاجي موج ۾ - سوريءَ سر سلهايون تا .

٧- هادي پاڪ مونکي سر سمجهايو - پيال پلي ڌا انهن پائيون تا .

٨- نڪري عبديت ڪان ٿي نيارو - احديت هلايون تا .

Gul Hayat Institute

٩- اصل پنھنجي ديس بقاء سان- دم قدم ملايون تا.

١٠- وحدت واري ويڙھ ۾- ھُو جو ھُل ھلايون تا.

١١- ڪري پرواز اڳي عرش عظيم کون- پنھنجو خيال اڏايون تا.

١٢- سبحاني ما اعظم شاني- اھڙا حڪم ھلايون تا.

١٣- سرسچائي پنھنجو- ٻول نہ ٻيو ڪو ٻايون تا.

١٤- بيشڪ بحراعظم ۾- پنھنجي موج منايون تا.

١٥- ماڳ مٺاڻي جو توڪل سائين- سارو سرسمايون تا.

ڪافي ١٧٤ روپ سھيٽي.

ڪاٿي احد ڪاٿي احمد

ڪاٿي آدم بيڪ بنايون پيا.

١- ڪاٿي مسجد ڪاٿي مندر- ڪاٿي فرقا ڦير ڦيرايون پيا.

٢- ڪاٿي ھندو ڪاٿي مومن- ڪاٿي ڇپن ڇپ ڇپايون پيا.

٣- ڪاٿي دين مذھب جو مونجھارو- ڪاٿي ٻول ٻلايون پيا.

٤- ڪاٿي زھد عبادت ڪريون پيا- ڪاٿي لحظي پاڻ ملايون پيا.

۵- ڪاڻي ويد قرآن ڪتابان چايون - ڪاڻي پوٿيون پرت پڙهايون پيا.

۶- ڪاڻي شيعا سني پاپي آهيون - ڪاڻي صادق ساڌ سڏايون پيا.

۷- ڪاڻي عاشق معشوق آهيون - ڪاڻي دلبر ديد اڙايون پيا.

۸- ڪاڻي ڪات ڪاڻي قاتل آهيون - ڪاڻي بيهي ٻاڻ کهائيون پيا.

۹- ڪاڻي گرو ڪاڻي گوبند آهيون - ڪاڻي تيغ طلب جي تائيون پيا.

۱۰- ڪاڻي مالڪ ملڪ جا آهيون - ڪاڻي ورھ وسايون پيا.

۱۱- ڪاڻي ارني جا آواز ڪيون پيا - ڪاڻي تجلي طور جلايون پيا.

۱۲- ڪاڻي من راني تا حڪم هلايون - ڪاڻي سري سر فرمايون پيا.

۱۳- ڪاڻي مست الست ميثاقي آهيون - ڪاڻي بيخودي ۾ ڳايون پيا.

۱۴- ڪاڻي توڪل عاشق لامڪاني آهيون - ڪاڻي سارو سرسمايون پيا.

ڪافي ع۱۷۵      روپ سهڻي

آدم دا ڪر ڪي بيک بهانا
آپ تماشي آيا هي.

۱- احد وچون بن ڪر احمد - ميم دا برقعا پايا هي.

Gul Hayat Institute

۲- غيب السان كنون كر ظهور آيا - پوش انساني پايا هي.

۳- ناك نبي اور منهن محمد - پائون پير پيغمبر پايا هي.

۴- فَاَيۡنَمَا تُوَلُّوۡ فَثَمَّ وَجۡهُ اللّٰه - سڀ صورت دي وچ آيا هي.

۵- من راني فقد رائ الحق - قال نبي فرمايا هي.

۶- ديک جلوه حسن کا ذاتي ظاهر - شمس قمر شرمايا هي.

۷- فائض فيض رساني کيتي - هادي الک لکايا هي.

۸- نيلان پد مان پتليان کيل کلاکي - ناچو نينهن نچايا هي.

۹- آپي اپنا آپ پڇانا توکل سائين - سارا سر سمايا هي.

کافي ع ۱۷۶ روپ سهڻي.

چنڊ سانگو سر جولاهي

ڏي سرت سوپ آهي.

۱- موتي واري موج ۾ - تنهن جو نيڪال آهي.

۲- ڏي ٿُڃي پاتار ۾ - ڪُنَ ۾ پٽ تون ڪاهي.

۳- ديدن جي درياه ۾ - ڪنڌي ڪنارو ناهي.



Gul Hayat Institute

٤- ڏس وحدت ۾ ديد رلائي- سارو اواگهه آهي.

٥- رنگ روپ جنهن جو ناهي- اونهو بحر سو آهي.

٦- توڪل علي مدامي- اهو تنهنجو ماڳ آهي.

## ڪافي ١٧٧ روپ سهڻي

ڇڏ حد لنگهي ٿي بيحد

پڙهه لا تہ ٿئين لاحد.

١- ٿهه لٿون پنهور ڪان - ڪَرُ جيئري پنهنجي لڌ.

٢- راتيان ڏينهان روح پنهنجي ۾- ساهڙ کي ڪر سڌ.

٣- پي پيالو وحدت وارو- عاشق رهه سدائين بيخود.

٤- سورهن کي سوليءَ تي- سڄڻ جنهن ٿيو آهي سڌ.

٥- جي تون صحيح سچائڻ سِر کي- تان نہ آهن ڪنهن جي حد.

٦- قم بِاذني جي امر سان - دم تہ ڏيهيءَ مان ڪڍ.

٧- بيرنگ بحر عميق ۾- پنهنجو اوتارو اَڏِ.

٨- منڌاڻي ۾ توڪل سائين- پنهنجو خيال گڏ.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۱۴۸ — روپ ڪوهياري

طالب ترن ٿا اوپارا

ماري انا الحق جا نعرا.

۱- نوڙي ھن طلسم کي - ترڪي ڪل ستارا.

۲- آديسي ويا نڪري - ڪري پرت پسارا.

۳- سدا وتن مخمور ٿيا - ڪري وجودن وسارا.

۴- جدا رھن ٿا جڳ کان - دين ڪفر کان نيارا.

۵- وحدت وئي ولايت ماڻ - بيرنگ بحر بقارا.

۶- لامڪان ۾ توڪل سائين - وڃي اڏيا ٺون اوتارا.

## ڪافي ع ۱۴۹ — روپ ڪوهياري

سٽين موتوءَ جا ته اشارا

جيڪي جدا ٿيا جان کان.

۱- سامي سير لنگهي ويا - ڪري وجود وسارا.

۲- پيهي ويا پورب ۾ - وحدت جا ونجارا.



Gul Hayat Institute

۳- احديت جا طبل وڄائي- ماري ٻينهن نغارا .

۴- نفي منجهان اثبات ٿيا- صادق سخن سچارا .

۵- واصل ٿيا وڃي وس مان- ڪامل قرب وارا .

۶- توڪل عاشق پنهنجي ديس- ويا صوفي سويارا .

ڪافي ع ۱۸۰ روپ ڪوهياري

لا سيني ۾ سيف هڻ

نڪري اڳي عدم ڪون قدم کڻ.

۱- ڍاهي هڻ ديوار کي- پٽ ڏوئي وارو وٽ.

۲- برهه واري باهه ۾- عاشق جيئري پچڻ.

۳- مشاهدو محبوب جو- پاڻ ۾ پيهي پسڻ .

۴- بيرنگ بحر بقا جي- سدا الهي ماڳ رهڻ .

۵- لنگهي ازلات کان- بحر اعظم ۾ ملڻ.

۶- منڃاني ۾ توڪل سائين- گهوڙهي رنگ رچڻ .



Gul Hayat Institute

كافي ١٨١ روپ ڪوهياري

## لاهوتي لنگهيا

موتو واري موج ۾

١- ويا وجودئون نڪري - واحد سان وڃي ونگيا.

٢- محبت جي ميدان ۾ - ڪاهي ويا اٽڪ ڀنگيا.

٣- هڻي نعرا حق جا - سوريءَ تي وڃي ٽنگيا.

٤- ٿيا نظاري نينهن جي - موڙ نه آهن سنگيا.

٥- توڪل سائين ويا مڃاني - احد سان وڃي انگيا.

كافي ١٨٢ روپ ڪوهياري

## سالڪ سمجهه تون سير صفات

ساري ذات سچائي ڪر اثبات.

١- موتو واري موج ۾ - نڪري ڪر نبات.

٢- وحدت جي درياهه ۾ - لوڙهي ڇڏ خطرات.

٣- هڻ ٻني پنهنجي ياڻ ۾ - لنگهي اگي ظلمات.

Gul Hayat Institute

۴- ظاهر باطن حق چاڻ - جو ڪجھ آهي موجودات.

۵- سرسچائيءَ توڪل سائين - لاحد پائي جهات.

## ڪافي ۱۸۳ روپ ساموندي

جوڳي ڇڏي جوءِ لائي ويا هينئڙي ۾ هوءِ

سامي چڙهيا وڃي لس ڀِي.

۱- غازي گڏيا گرنار سان - رهبر ٿيا وڃي روءِ

لائي ويا هينئڙي ۾ هوءِ.

۲- پورب ۾ پيهي ويا - محو ٿيا انهيءَ ڀُون

لائي ويا هينئڙي ۾ هوءِ.

۳- سچ ۾ سناسي سنرا - رهن سدا خوش خوءِ

لائي ويا هينئڙي ۾ هوءِ.

۴- واصل ٿيڙا وس سان - راوحن ڪيا وِرُوهہ

لائي ويا هينئڙي ۾ هوءِ.

۵- ويا مٺخاني توڪل سائين - وو ڪامل لنگهيا ڪوءِ

لاهي ويا هينئڙي ۾ هوءِ.



Gul Hayat Institute

کافي ع ۱۸۴ روپ ساموندي

سامي سفر هليا- باکا پري گام

هين پري احرام.

۱- ڏنائون ترڪ وجود کي- ٽوڙي قفس جو دام

هُين پري احرام.

۲- موتو قبلل انت موتو - پاڙيائون اهو انجام

هُين پري احرام.

۳- فائق فارغ ٿيا فرض کان- ورتائون عشق سندو اسلام

هُين پري احرام.

۴- بيرنگ بحر بقاءَ جو - سارو ٿين الغام

هين پري احرام.

۵- ويا واهيري پنهنجي - خطرا ڪائي خام

هُين پري احرام.

۶- توکل سائين منکاني ماگ تي- آديسين کيو آرام

هُين پري احرام.

Gul Hayat Institute

کافي ع۱۸۵ رو پ ساموندي

جوڳي ويا جيءَ جلائي- دونهان درد دکائي

روز سِڪان اِن ريءَ.

۱- موٽوءَ واريءَ موج ۾- ويا وهم وجود وڃائي،

روز سِڪان اِن ريءَ.

۲- برهه واري باهه ۾- ويا يارڻ پچائي،

روز سِڪان اِن ريءَ.

۳- پيڳائون ڳڙهه گرنار جو- لا جوچوٽ ويا چڙهائي،

روز سڪان اِن ريءَ.

۴- لاهُگا يا هن لوڪ جا- لاهوتي ويا لاهي،

روز سڪان اِن ريءَ.

۵- وڃائي ويراڳي وات ٿيا- ناچو سينهن نچائي،

روز سڪان اِن ريءَ.

۶- پنهنجي ديس بقاءَ تي- آديسي ويا ڪاهي،

روز سڪان اِن ريءَ.



Gul Hayat Institute

۷- لنگهي ويا ظلمات کان- خالص خيال اڏائي،
روز سِڪان اِن ريءَ.

۸- توڪل سائين ويا مٺاڻي ماڳ تي- سر ويا سمائي،
روز سِڪان اِن ريءَ.

ڪافي ع ۱۸۶ روپ بروو

رمز عشق جي آهي نياري
بات برھ جي باري- برھ بهاري.

۱- اسم جسم منجھ جوش جلايم- آتش عشق اڏاري. ” ” .
۲- آهي دائم دم مدامي منهنجو- جوشون جوش جباري. ” ” .
۳- انا الحق جو توماريان نعرو- جذ بوکيان تو جباري. ” ” .
۴- من خدايم موج اسان جي- سونهن سوري سرداري. ” ” .
۵- سرسمايو توکل سائين- قادر آهيون قهاري. ” ” .

Gul Hayat Institute

## كافي ١٨٧ — روپ ساموندي

نفي منجھون ٿيا اثبات ـ سامي لنگھيا ظلمات

ترڪي سير صفات.

١ـ لا ڪري ويا نڪري ـ ٽوڙي طلسمات. ترڪي سير صفات.

٢ـ ناھ ڪيائون نفس کي ـ لا سئي لا جو ڪات. 〃 〃 .

٣ـ وڃائي ويا تہ وجود کي ـ پسي پرانھون اوقات. 〃 〃 .

٤ـ فرض پڙھيائون فنا في الله جو ـ ٿيا حياتي حيات. 〃 〃 .

٥ـ انا عرب بلا عين چئي ڪري ـ وائي اھا ھُئن وات. 〃 〃 .

٦ـ آديسي اٿي ويا ـ جيئي ڏينھن نڪارات. 〃 〃 .

٧ـ مشاھدي محو ٿيا ـ ذات ٿيا منجھ ذات. 〃 〃 .

٨ـ توڪل سائين الھي ماگ ويا ـ لا احد پائي جھات. 〃 〃 .

Gul Hayat Institute

## ڪافي ١٨٨ — روپ بروو

انا الحق جو گيت ڳايون ٿا

سونھن سوري سرداري ـ شاھ ھسواري.

١- دين ڪفر مون مُور نه چاڙهن- رمز اسان جي نياري.

٢- شوق شتاب عقاب اسان جو- ڏيئي عرش مٿي اولاري.

٣- من رآني فقد رائي الحق - اها آيت آهي مرسل اهڪاري.

٤- من خدايم من خدا- تو طبل وڄي تڪراري.

٥- ماڳ مُحاني ۾ توڪل سائين- جام پيون ٿا جاري.

ڪافي ع ١٨٩ روپ سامونڊي ڪوهياري.

پاڻ ۾ پيهي پس ميان- پي پريم جي رس ميان

ڪري پيئو رڙهن بس ميان.

١- صيقل لائي سڪ جي - ڪور قلب جي ڪَسُ ميان.

٢- لائي سڪيلو لا جو- ملحد کي ڪري ڏس ميان.

٣- موتو واري مام جو- پڪو مليو آهي ڏس ميان.

٤- لاهي لاڳاپا لوڪ جا- سڳ ڇيني ڇڏ ڇَسُ ميان.

٥- پاڻ سڃاڻج پنهنجو- آهين تون پارس ميان.

٦- ترڪي لوح قلم کي- عاشق چڙهه مٿي لس ميان.

۷. وحدت وئي ولايت جي. واصل هوندين وس ميان.

۸. توڪل سائين مڱڻ منخاني ماڳ. ورتيون وچ تون گس ميان.

## ڪافي نمبر ۱۹۰ (اردو) روپ ڪانرو

دیا جام شراب مجھکو ساقی

ہوئی باطل بات فنا کی۔

۱۔ نینھں نشے نے بیخود کیا۔ مولو کر کے پھر ہم جیا

ہوا حاصل حال حلا کی۔

۲۔ من رآنی فقد رأی الحق ۔ صحیح پڑھایا ھادی سبق

یہ ہی فرمودا رسول اللہ کی۔

۳۔ اسم نہ جسم رہا۔ مورت صورت نہ کوئی قسم رہا،

رہا واحد احد باقی۔

۴۔ توکل سائیں سب سر ہم تو سمانا۔ ذات صفات ہو کے یگانہ

چڑھ موج بقا باللہ کی۔

Gul Hayat Institute

كافي ع۱۹۱ — روپ بروو

زمين زمن ۾ عشق نمايو،

متي عرش اڏايو، ماڱ ملايو.

١- موتو قبلل انت موتو - ماري وري جوايو.

٢- جام وصال وحدت وارو - ساقي پُر پلايو.

٣- عشق عقاب شتاب اسانکي - چست چنبن ۾ چايو.

٤- ترکي لوح قلم کي - لاڳ لاحد موتسان لايو.

٥- انا الحق جو ماري نعرو - سوريءَ سر سلهايون.

٦- سبحاني ما اعظم شاني - هو کو حق گهمايو.

٧- انهيءَ ديس بقا ازل تي - نينهن نواب پچايو.

٨- ماڱ مٺخاني توکل سائين - سارو سر سمايو.

Gul Hayat Institute

كافي ع۱۹۲ — روپ کانرو

دل ۾ پارءِ دردني جهاتي

پس نور مظهر ذاتي.

١- موتو قبلل انت موتو - جيڏي مري ڪري جي، توں
پي ڪري آب حياتي.

٢- فرض فنا جو صحيح پڙهه تون - چاڙهه عشق جي چوٽ تي چڙهه تون
لنگهه اڳي ظلماتي.

٣- پچين چنڊ اوت عدم تون - اڳي افلاڪن ڪان ڪڻ قدم تون
ٽوڙي طلسماتي.

٤- اناالحق جو مار تون نعرو - ماڻ بقا ولايت سارو
عشق ڪري اثباتي.

٥- سر سچائي توڪل سائين - جيڏ انهن آئين وچ اوڏانهين
ترڪي سير صفاتي.

ڪافي ١٩٣
روپ ڪانرو

لڳي نوبت نينهن منادي
ڪري شڪر مبارڪ وادي.

١- پاڻ ۾ پيهي پاڻ پسون ٿا - بحر بقا سارو سير ڏسون ٿا
وحدت ويئي ولايت وادي.



Gul Hayat Institute

٢- مٿي افلاڪن قدم ڌريون ٿا- عبديت جو پول پڇون ٿا
آهيون احديت جا هادي.

٣- ملان قاضي مور نه ڄاڻن- قرآن ڪتابان پنهنجي پاڙهن
سڀ سينهن بنا برباد ي.

٤- دين ڪفر ڌي نٿا ٿا پيٽون- اصل بقا ازل ٿا ماپيٽون
ڪيئي عشق عقل سان تعدي.

٥- فنا في الله جو فرض پڙهون ٿا- جام طهورا پُر پيو ن ٿا
موتو شوق شهادت شادي.

٦- انا الحق جو گيت ٿا ڳايون- سوريءَ تي ٿا سيج وڇايون
آيو سر تي حال حلاجي.

٧- توڪل عاشق لامڪاني آهيون- واصل دم مدامي آهيون
ٿيو ديس امن امدادي.

Gul Hayat Institute

ڪافي ع ١٩٤ روپ پيروي

عرش هستي آشيان - آهي خيال منهنجي جو.

١- قطري مان قلزم ٿيو- بحر بي ته بيان.

٢- وحدت وئي ولايت سارو- قلزم بي ته كران.

٣- امن وارو ديس ٿيو- قديمي امكان.

٤- اڳي ويو ظلمات كون- لاحد لاته مكان.

٥- سرسهايو توكل سائين- مدامي مٺخان.

كافي ١٩٥ روپ بروو

بيخوديءَ ۾ آيون ٿا، خود پايون ٿا.

پنهنجا ٻئي جهان وڃايون ٿا.

١- فذكروني اذكركم- تيغ طلب جي تايون ٿا.

٢- موتو قبلل مري كري- اذني ڇپئي جوايون ٿا.

٣- منصوريءَ جو ماري نعرو- سوريءَ سرسلهايون ٿا.

٤- من خدا ايم من خدا- نوبت سينهن وڄايون ٿا.

٥- بيرنگ بحر بقا ازل سان- پنهنجو خيال ملايون ٿا.

٦- ماڳ مٺخاني جو توكل سائين- سارو سرسمايون ٿا.



Gul Hayat Institute

ڪافي ع ۱۹۶ روپ مانجهه

جوڳي ٿيئُن ته جوڳ ڪماءِ

جوڳ بنا جوڳي نا هه.

۱- فذ ڪروني اذڪو ڪمر- سڪ جوسڳو مٿي ساهه.

۲- لاهي سانگو سر جو- موتو واري تند وڄاءِ.

۳- اڳي عرش عظيم ڪون- رهبر ٿي توُن خيال اڏاءِ.

۴- برهه واري باهه ۾- پل پل پنهنجو پاڻ پچاءِ.

۵- پاڻ سڃاڻ پنهنجو- پولو تنهن ۾ ٻيو نه پاءِ.

۶- بيرنگ بحر عميق ۾- عاشق پنهنجو روح رلاءِ.

۷- ڏيئي باهه پنيور کي- ماڳ الهيءَ تي ڪاهيون ڪاهه.

۸- اناالحق جو ماري نعرو- سوريءَ پنهنجو سر سلهاءِ.

۹- ماڳ مئخاني جو توڪل سائين- سارو سر ۾ بحر سماءِ.

Gul Hayat Institute

ڪافي ع ۱۹۷ روپ جوڳ

روحي ڳائي راڳ- انحد راڳ رڳن ۾.

١- دم سواهڪ دوست جي ميان - اٿيئي نسورو نياڳ.

٢- موٽو قبلل انت موٽو - سچن آهي سهاڳ.

٣- نينهن نوبت اچن تنواروں - لاهوتي آهي لاڳ.

٤- حال حلاجي موج ۾ - بيخودي آهي ياڳ.

٥- سر سچا ٻيڻ توڪل سائين - بحرساماڻي اواڳهه.

ڪافي ١٩٨ روپ مانجهه

طالب ٿين نه طلب ڪماءِ

ري طلب، طالب نه آهِ.

١- فڪ ڪوري اذ ڪرڪم - تار طلب جي تند وڃاءِ.

٢- پاڻ ۾ پيهي ڪر توں ثابت - ڪعبو قدسي تو منجهه آهِ.

٣- وحدت جي ويڙهه ۾ - اندر هُوءِ جو هُل هلاءِ.

٤- پير مغان جي رهه توں امر ۾ - صورت ساري سر ۾ سماءِ.

٥- هٿ ۾ لا جي سيف ڪر توں - لوڙهو مجوسي تي لاءِ.

٦- وحدت جي درياءَ ۾ - خطرا خوف حجاب لوڙهاءِ

٧. موتو واري موج ۾ - جيئ جسو سپ جسم جلاءِ.

٨. بحر اعظم توڪل سائين - عاشق پنهنجو روح رلاءِ.

ڪافي ع ١٩٩ روپ گجري

ڏس مان پروڙيا مان ۾

آءُ مردن جي مٺخاني.

١. بيخوديءَ جو پيءُ پيالو - گهڙ وحدت جي درياءَ ۾.

٢. وفي انفسڪم سڻ فرمودو - دوست اٿئي منجهه جامي.

٣. العشق نارُ يحرڪ ماسوي الله - دل جوشن ۾ پيئي ڪامي.

٤. الفقر ذات معلی - پڻ واصل سيج صفا ۾.

٥. لوح قلم کي ترڪي هل تون - رهه لاحد لامڪان ۾.

٦. فرض فنا جو پڙهه تون توڪل سائين - رک دائما دم بقا ۾.

Gul Hayat Institute

ڪافي ع ٢٠٠ روپ گجري

جب عشق قدم آپ آوي

علم عقل ڪُل اُڏ جاوي.

۱۔ مذهب مشرب نينهن نہ چاڙي ۔ دين كفر جل جاوي ۔

۲۔ نفل نمازان ورد وظائف ۔ تال تسب چُك چاوي ۔

۳۔ نينهن دي باجهون كاڻ رجاوت ۔ كسب كوڙ كماوي ۔

۴۔ نينهن نواب لئون واليان نون ۔ فرض فنا كا پڙهاوي ۔

۵۔ فرض فنا كا جنهان پڙهيا ۔ برهين بحر اُپاوي ۔

۶۔ موتو قبلل ماركراهون ۔ اذني نال جواوي ۔

۷۔ مار نغارا احديت كا ۔ من رآني فرماوي ۔

۸۔ جام جمعيت شوق واليان نون ۔ كيف كلال پلاوي ۔

۹۔ اپنا آپ پڇاني توكل سائين ۔ بحر اواگهہ سماوي ۔

كافي ۲۰۱ روپ گجري

برهہ بيخود باب پڙهايا

علم عقل كا هوش گنوايا ۔

۱۔ جلوه عشق ني ذاتي ظاهر كيا ۔ دين كفر كون جلايا ۔

۲۔ موتو كركي جيتي مارا ۔ قُم اِذني نال جِوايا ۔



Gul Hayat Institute

٣- نينهن نشي ني مدهوش ڪيا- جب ڪيف ڪلال پلايا.

٤- انحد کي دم ڏن لاڳي- من خدا ئيم آپ بلايا.

٥- توڪل سائين سڀ سرسئيان- بحر اوانگهه سمايا.

ڪافي ع ٢٠٢ روپ گجري

ڪوئي ڪو نه سڃاڻي ڪوئي

آءٌ سا ڳيو آهيان سوئي.

١- ملان منافق حق نتا ڄاڻن- آهي آدم الله اهو ئي.

٢- سينهن وارن جي ندا ڪن ٿا- هي ڳالهه حيرت هوئي.

٣- دم نه سڃاڻي دانهون ڪن پيا- هي ويل ولهن ڪون ويئي.

٤- پاڻ سڃاڻي غير نه ڄاڻي- ڇڏي خطرا ڊوئي جا ڏوئي.

٥- پاڻ سڃاڻون پاڻ کي ڄاڻون- آهيان عين اهوئي.

٦- من عرف نفسه- اها امام پروڙي ڪوئي.

٧- سن رآني تو ماريان نعرو- سخن فرمايو مرسل سوئي.

٨- فرض فنا جو پاڪ پڙهون ٿا- حاصل حال حقيقت هوئي.



Gul Hayat Institute

٩- بحر بقا جو سير ڪيون ٿا- آهي منهنجو ماڳ اهو ئي .

١٠- انا احمد بلا ميمي- اهو سرور سخن سچو ئي .

١١- ذات مقدس آهيان توڪل سائين- سر ثابت آهيان سو ئي .

## ڪافي عـ٢٠٣ـــ روپ گجري

پس پنهنجو پاڻ ۾ پيهي

اها مام اٿيئي سمجهن جيهي.

١- فذڪروني اذڪرڪم ميان پرچ - پرت انهي ۾ پيهي.

٢- موتي واري موج ۾ ميان- صوفي صاف ٿئين سر ڏيئي .

٣- الست بربڪم قالو بلىٰ - اهو واعدو ڪيئي ويهي.

٤- العشق نارٌ يحرڪ ماسوى الله - جلوي جوش جلايا ڪيئي.

٥- امن واري ديس ۾ ره لوڻ- اڏر ڪي پر ڏيهي .

٦- الفقر فخري والفقر مني - بي ڳالهه پڌايان ڪيهي.

٧- هٿ ڪر عاشق خيال پنهنجي ڪي - جوئي خاص خيال اٿيئي.

٨- قمْ باذني جي امر سان - وڃ چنڊي هي ديهي .



Gul Hayat Institute

٩- نينهن نشانبر ماري نعرو- نچ ناچو نينهن ۾ نيهي ۔

١٠- پاڻ سچائي توڪل سائين - وچ در مٺخاني پيهي ۔

ڪافي ٢٠٤ روپ گجري

عشق چست چنبن ۾ چايو

عرش عظيم ڪون اچي خيال اڏايو-

١- امر آدم ڪون اچي هت آيس- فذ ڪروني رمز ريجهايو.

٢- رهبر شاه فياض ٿيو - جنهن سارو سر سمجهايو ۔

٣- ساقي وحدت جام پياريو- برھ بيخود باب پڙهايو ۔

٤- محبت جي ميدان ۾ ميان- ناچو نينهن نچايو.

٥- اناالحق جو ماري نعرو- سوريءَ سر چڙهايو.

٦- طبل وڄائي احديت جو- من رآني فرمايو ۔

٧- لامڪان نازل ٿيو ميان- قدم قرب قادر پايو.

٨- ساڳ مٺخاني جي توڪل سائين - دم مدام ملايو.

Gul Hayat Institute

کافي ع۔۲۰۵ روپ کنيات

کيتا جلوه ظاهر ذات

هويا سينهن نفي اثبات.

۱۔ دين کفر اٿان کڙ نهين سگهدا ۔ عشق بڙي آفات،

۲۔ علم عقل دي کوڙي مثالي ۔ برهه بنان برباد.

۳۔ فرض فنا دا مين جو پڙهيا ۔ لا کر سر پر لادا کات.

۴۔ اسم جسم کنون هو کر فارغ ۔ ترک کرين جسمات.

۵۔ چوڏهين طبقين هوئي روشنائي ۔ نور کليا تجلات.

۶۔ ديس امن دي مين جو رهيا ۔ دن نهين اٿان رات.

۷۔ آپي نور حضور مين رهيا ۔ اپنا آپ کران ملاقات.

۸۔ لامکان مکان اساڈا ۔ دور هويا درجات.

۹۔ سر سمايا توکل سائين ۔ لاحد پاتم جهات.

Gul Hayat Institute

کافي ع۔۲۰۶ روپ کنيات

پهري پوش آيس مان خاک

پاک آهيان حق پاک.

۱. عرش ڪرسيءَ مان نه مايس ـ چاهون ٿيو آهيان چاڪ .

۲. ملڪ فلڪ ته ڪيم اشارو ـ زمين زمن تي هاڪ .

۳. احديت جو طبل وڄايم ـ مٿي عزم رکي افلاڪ .

۴. اول مان آهيان آخر مان آهيان ـ مالڪ ملڪ آهيان لولاڪ .

۵. بيرنگ بحر بقا ازل ۾ ـ بيحد آهيان بيباڪ .

۶. سر سمايو توڪل سائين ـ مست الست آهيان اوشاق .

ڪافي ۲۰ ـــ روپ ڪنيات

وحدت جام پيون ٿا جام

آهيون ڪامل ڪيف ڪلال .

۱. موتو واري موج ۾ ـ آهي اسان جو نيڪال .

۲. نفي منجهان اثبات ٿياسي ـ روشن آهيون نور جمال .

۳. آهي محڪم موج اسان تي ـ عشق سمند و احوال .

۴. دم منصوري آهي اسان جو ـ برهه ڪيا بر حال .

۵. نينهن نشي ۾ بيخود آهيون ـ صاحب آهيون جذب جلال .



Gul Hayat Institute

٦- من خدا يم من خدا - مرجان قاتل ڪرن قتال .

٧- بيرنگ بحر بقا ازل ۾ - آهي اسان جو وصل وصال .

٨- سر سمايو توڪل سائين - قادر آهيون قرب ڪمال .

## ڪافي ٢٠٨ روپ پيروي

نه آهيان حنفي نه آهيان حنبلي

عاشق روز ميثاقي آهيان .

١- نه آهيان شافعي نه آهيان مالڪي - شيعو سُني نه آهيان .

٢- نه آهيان هندو نه آهيان مومن - گبر يهودي نه آهيان .

٣- پير بزرگ آءُ نه آهيان - شيخ مشائخ نه آهيان .

٤- نه آهيان عابد نه آهيان وهابي - ملحد مشرڪ نه آهيان .

٥- مظهر ذاتي نور آهيان - دين ڪفر نه آهيان .

٦- اصل جوڻي آهيان سوڻي آهيان - قسم ڪنهن ۾ نه آهيان .

٧- بي جسم بي جان آهيان - اربع عناصر نه آهيان .

٨- بي چون بي مثل آهيان - جوڙ جڳت ۾ نه آهيان .

٩- توڪل عاشق خود خيال آهيان - نانءُ نيشاني نه آهيان .



Gul Hayat Institute

كافي ع ٢٠٩ — روپ پيروي.

ڪاڻي نڻو ڄاڻي ڪو نہ سڃاڻي

ڪاڻي ڄاڻ سڀوئي پيو ڄاڻي.

١- ڪاڻي زاهد عابد آهي- ڪاڻي شرڪ ڇڏي ٿو پاڻهي.

٢- ڪاڻي شائق شوق شريعت آهي- ڪاڻي طلب طريقت تاڻي.

٣- ڪاڻي ارني جا آواز ڪري پيو- ڪاڻي وحدت ۾ دل واڻي.

٤- ڪاڻي ملان ڪاڻي قاضي آهي- ڪاڻي خالي فوقيت پيو آڻي.

٥- ڪاڻي ان الله يأمر كم چيائين- ڪاڻي آءُ وچون نہ آڻي.

٦- ڪاڻي احديت ۾ هادي آهي- ڪاڻي عبديت اُڪاڻي.

٧- ڪاڻي پاڻئون پاڻ پري ٿو پايئين- ڪاڻي وار وڻي نہ آڻي.

٨- ڪاڻي معرفت ۾ ماهر آهي- ڪاڻي محو ٿئي پيو پاڻهي.

٩- ڪاڻي حاصل حال حقيقت آهي- ڪاڻي خاص خيال پڇاڻي.

١٠- ڪاڻي والي ويئ ولايت آهي- ڪاڻي ستي عرش اماڻي.

١١- ڪاڻي ڪيف ڪلالي قدم ڪيڻي پيو- ڪاڻي بيخود باب ٻڙهي پيو پاڻهي.

١٢- ڪاڻي منصوري پيو نعرو ماري- ڪاڻي پاڻ پوي پيو گهاڻي.

١٣- ڪاڻي توڪل عاشق لامڪاني آهي- ڪاڻي بحر بقا پيو ماڻي.

## ڪافي ع۲۱۰ — روپ بروو

ياد اسانکي يار جي ياري. دوست ڏني دلداري. برھ بهاري.

۱. لاتقنطو من رحمة الله - تار تڳان اها تاري. برھ بهاري.

۲. فاذڪروني اذڪرڪم - وحدت وٺج واپاري. " .

۳. الست بربڪم قالو بلیٰ - آئين ٿي اقراري. " .

۴. ونحن اقرب ويجهڙو آهي - وارنھ آهي گهاري. " .

۵. موتو واري موج ۾ - سر ڪر اختياري. " .

۶. جام وصال ڪلال پياريو - سنهن نشي جي خماري. " .

۷. احديت جي موج ۾ - مار طبل تڪراري. " .

۸. فيض رساني ڪئي عنايت - وحدت وئي ولايت ساري. " " .

۹. ماڳ مٺخاني جي توڪل سائين - عاشق ڪر اختياري. " " .

Gul Hayat Institute

## ڪافي ع۲۱۱ — روپ مانجھ

اڏر پکي وڻون آشياني

ڪر پرواز متي مٺخاني.

١- عشق جي بازي ڪيئن توُن غازي - ٿي راضي رند رضا م.
٢- لاڳا پا چند لا ڪري لاهي - ٿي حاصل سچ صفا م.
٣- ذات صفات کون ٿي نيارو- پنهنجو خاص خيال پڇاڻي.
٤- احديت جو ماري نغارو- روشن هوندين هردو جهان م.
٥- امن واري ديس ٿي دائما- عاشق ٿي بقا م.
٦- سرسچائي توڪل سائين- رهه لاحد لاته مڪان م.

## ڪافي ٢١٢ روپ بروو

عشق آزاري، برهه بيماري
ذوق اوهان جي زحمت ماري.

١- لاجي سيف سرم سيجي تو- جان جگر جنگ جاري. // //
٢- فذڪروني اذڪرڪم- پرت لڳي اشم پياري. // //
٣- الست بربڪم قالو بلىٰ- ياد اسان کي ياري. // //
٤- موتو قبلل انت موتو- ماري وري نه جياري. // //
٥- قمر باذني بجي نه اشاري- عرش ڏئي توني الاري. // //



Gul Hayat Institute

٦- من خدا ايم پاڻ چوي ٿو- باھ عزم تنهنجو باري .

٧- جام وصال ڪلال پياريو- مٿ ۾ خوب خماري. " " .

٨- احديت جو طبل وڄايو- نينهن نسنگ نرواري. " " .

٩- ظاهر باطن حاصل توکي- ماڳ مدامت ساري. " " .

١٠- اول آخر توڪل سائين- عاشق هوندين تون اظهاري. " " .

## ڪافي ع ٢١٣ روپ بروو

فوج نيڻن جي باري- حسن هزاري- سيف سنن ٿيون ڪيف ڪراري.

١- ديدان دوناليون نوڪ اڙاڻ- ترڪش تير چڙهن چوڌاري.

٢- مژگان ٻرڇيون بان هڻن ٿيون- چٽڪا ڪان قهاري.

٣- ابرو ڪمانا ڇڪي چاڙهن- دام زلف ڳل ڳاري.

٤- منهن مهتاب محراب پيشاني- بيني الف ڏني ڏيڪاري.

Gul Hayat Institute

٥- نيڻ شتاب شڪار ڪرن- مار ڪرن جيئن ماري.

٦- ملڪ دلين جا شهر ڦرن- حملا ڪري هسواري.

٧- الٽي عين نيڻن جي آهي- آهو عين خماري.

٨- توڪل عاشق حسن ۾ ماهر- نينهن لايو نرواري.

## ڪافي ع ۱۱۴ روپ پروو

عشق امامت شاه هسواري - بره بهاري - بارملامت رمزنياري.

۱- موتو واري موج ۾ - هوش رکي هوشياري - بره بهاري .

۲- قم باذني امر سان - متي عرش ڪري بيداري " " .

۳- اناالحق جو ماري نعرو - چڙهن سوري سرداري " " .

۴- وچ پنهنجي ديس بقا تي - ترت ڪري ته تياري " " .

۵- بيرنگ بحرعميق جي - ساڻ ولايت ساري . " " .

۶- من خدايم من خدا - مار طبل تڪراري . " " .

۷- ذات صفات کون ٿي ڪري فارغ - جوش رکي ته جباري. " " .

۸- ماڳ منخاني جي توڪل سائين - قادر رهه ته قهاري. " " .

## ڪافي ع ۱۱۵ روپ ڪسوري

ذاتي ني جلوه پايا هي

دم منصوري دم کي بيچ سمايا هي .

۱- جهاتي پاڪر اپنا ديکا نظارا - اندر باهر هويا روشن سارا

انحد ناد بجايا هي .

Gul Hayat Institute

٢- سينهن نشي ني بيخود كيا- كيفيت كا پيالا پيا
ساقي ني پر پلايا هي.

٣- انا الحق هم نعرا مارا- نوبت لگي هي سينهن نغارا
سولي پكڙ چڙهايا هي.

٤- من خدا يم من خدا يم- حيٌ القيوم هوا دائم
برهين باب پڙهايا هي.

٥- من رآني فقد رائي الحق- هادي مجهي تو ديا سبق
التا سر سمجهايا هي.

٦- توكل سائين آپ پڇانا- ذات صفات سون هوكي يگانا
مٺخاني م رنگ لايا هي.

كافي ٢١٦ روپ بسنت

پنجن گلن سان ٿيو روشن
چوڏهين طبقين تحت تائين.

١- گل محمد فاطمة الزهرى- اول آخر ڏيندا بهرا
علي وسي تو صاف صحن.



Gul Hayat Institute

٢- حسن ؑ حسين ؑ هدايت هادي- احد احمد نينهن منادي
هرجاءِ هرهنڌ ۾ اثبات هجن.
٣- زين العابد باقر- ابراهيم ؑ جعفر
اصغر اڪبر ياد رهن.
٤- ڪاظم رضا ؑ موسىٰ- تقي نقي صادق
ڪليو نور سندن.
٥- ابن قاسم عبد الله مهدي- آهن احديت جا هادي
توڪل طالب تن خاص.

ڪافي ٢١٧ روپ جوڳ

آهين مرغ هواءِ
عاشق وڃ پنهنجي ديس تي.
١- تهه لئون پنيور ڪي- تڏي ٻره جي ٻاهه.
٢- موتو واري موج ۾- لاڳا پاس لاهه.
٣- ڪن نه تڏي ڪرامات ڪي- اربع عناصر هت نه اڏاءِ

Gul Hayat Institute

۴- لوح قلم کي ترکي هل تون- اڳيي قدم وڌاءِ.
۵ لنگهه اڳي ظلمات کون- خاص خيال اڏاءِ.
۶- سواءِ جذب جبار جي- تاهه نه پيو کو تاهه.
۷- امن واري ديس ڀي- ڪامل ٿي ڪر ڪاهه.
۸- ٻاٽ کي ڄاڻ صحيح سڃاڻ- پيو ناهه تو کان سواءِ.
۹ ذات صفات کان ٿي نيارو- آهين هُو هواءِ
۱۰- لا مکان جو توکل سائين- سارو سر ۾ بحر سماءِ.

ڪافي ۲۱۸ روپ جوڳ

وڃائي وجود- سامي گڏ ٿيا گرناٿ سان.

۱- ويا ويراڳي وجود لُون نڪري- آديسي اڏوت.
۲- واقف ٿيا وڻڪار جاهه ترڪ ڪري ناسوت.
۳- رسيا رسولي راز سان- سک ۾ سدا ثابوت.
۴- نه مڙيا منصور مرڻ کان- سوريءَ چڙهيا موجود.
۵- فنا في الله جو فرض پڙهيائون- نفي ڪيا نابود.



Gul Hayat Institute

٦- ويا كاهوڙي سچ تي كاهي - قرب جنين جي قوت .

٧- گهاريا ٿون جبروت ۾ ميان - لا كري ملكوت .

٨- لنگهي ويا ظلمات كان - حاصل ٿيا هاهوت .

٩- واصل ٿيا وڃي وس سان - لا لنگهيا لاهوت .

١٠- لامكان ۾ توكل سائين - رهبر ٿيا ته ربود .

كافي ٢١٩ روپ جوڳ

عاشق كر اعتبار

آءُ ته توكي اوڏڙو آهيان.

١- الست بربكم قالو بلى - كيئه قول قرار .

٢- فذكروني اذكركم - سك جو كڻ واپار .

٣- وفي انفسكم سمجھ اشارو - دل ۾ ڏس ديدار .

٤- موتو قبل ان تموتو - جيئري وڃو دان ٿي بيزار .

٥- قم باذني جي امر ۾ - طالب ٿي هوشيار .

٦- من رآني فقد رائى الحق - اها آيت آهي اظهار .



Gul Hayat Institute

۳- من خدا يم من خدا - ناهي ٻيو مون کا سوا
عبديت جو اولو ڦٽو - پردو لٿو ته حجاب جو.

۴- فرض فنافي الله پڙهيوسي - موتو واري مام ۾،
ٿيو بقا بالله هميشه - بحر بره ارباب جو.

۵- لاکري توکل علي - تڪري وياسي لا مڪان
ماڳ مٺخانو ٿيو دائما - تنهن تنهن ثواب جو.

کافي ع۲۲۱ روپ پهاڙي

جام ساقي ني ديا - هم پريشان پيا
مدهوش کرکي هوش سارا ئي گيا.

Gul Hayat Institute

۱- خوب خماري هوئي - قرمست ديوانه کيا،
موتو قبل انت موتو - مرني سون اڳي مرجيا.

۲۔ جام جمیعت جاوداني۔ رنگ لالسي کا دیا،
چوڈھں طبق وحدت ولایت۔ ارض تي روشن کیا.

۳۔ مئه طهورا آپ کوثر۔ حید رمجهي هي دیا،
لامکان اُڈ جاتا هون۔ آشیان اوپر سي کیا.

۴۔ ماگ مئخاني مدامت۔ توکل علي واصل کیا،
عرش اعظم عشق امامت۔ سب توهمني سرِ سِیا.

کافي ۲۲۲ روپ پهاڑي.

عشق مذهب اور نه جاني۔ دین کفر جل گیا
علم عقل مسل مسائل۔ برهني باطل کیا.

Gul Hayat Institute

۱۔ عشق لئي جاتا اُٹان۔ عرش مُعلا کي اوپر
عشق مجهکو معراج سي واصل کیا.

۲۔ عشق کو ہم جانتا ہي ۔ عشق کو ہم مانتا ہي
عشق ني منزل رسايا ہمين ۔ راہ کا رہبر کيا ۔

۳۔ عشق ظاہر عشق باطن ۔ عشق ہي والي ولايت
ارض و سما ہر دو جہان ۔ عشق ني پرواز کيا ۔

۴۔ عشق ہي احد عشق ہي احمد ۔ عشق ہي ہادي حضور
عشق ہي ميري حيات ۔ عشق ني کامل کيا ۔

۵۔ عشق ني توکل علي ۔ اوپر اڏايا لامکان
مايگ منٺانہ مجھکو ۔ عشق ني عطا کيا ۔

---

کافي ۲۲۳ روپ پھاڙي

عشق جي ميدان ۾ ۔ ھاتک پائن ٿا پير ميان ،
نعرا انا الحق جا ھڻي ۔ سوري چڙھن ٿا دلير ميان ۔

Gul Hayat Institute

١. لاڪري ترڪي هليا. جسمات کان فارغ ٿيا،
قلزم پسي پيهي ويا. گهاتو لنگهيا ڪون گهير ميان.

٢. غرض فنا في الله پڙهن ٿا. چاڙهه عشق جي چڙهن ٿا،
اڳي عرش عظيم ڪون منزل ڪٽن ٿا. ٿين سيج صفا جو سير ميان.

٣. درد ۾ داخل ٿيا. وڃي شوق ۾ شامل ٿيا،
واصل وصل ڪامل ٿيا. حق جو لڌائون پير ميان.

٤. سر ڏيئي منصور سي. صادق سدا سُرها ٿيا،
بحر بقا بالله جو ماڻن. باڪا ٿيا مرد مٿير ميان.

٥. لامڪان آشيانو ڪيائون. توڪل علي ٿيا غيب ۾
نينهن جي نوبت وڃي ٿي. تنهن کي هٿائي ڪير ميان.



Gul Hayat Institute

كافي ٢٢٤ روپ مانجهه

کامل ٿي ڪري ڪا هجي

لاڳاپا سڀ لاڪري لاهجي.

١- فذڪروني اذڪرڪم - وحدت اندر هُل هلائجي.

٢- دل دروني جهاتي پائي - لاجي چوٽ چلائجي.

٣- موتو قبلل انت موتو - حڪمت هيءَ هلائجي.

٤- عشق واري ته آتراهم - خاڪي جسم جلائجي.

٥- اناالحق جو ماري نعرو - سوريءَ تي سر سلهائجي.

٦- بيرنگ بحر بقا ازل سان - رهبر ٿي ڪري رمز رلائجي.

٧- سر سچائي توڪل سائين - ماڳ مٺاڻي ملائجي.

كافي ٢٢٥ روپ مانجهه

جڳت ڪري جوڳي جوڳ ڪماءِ

هن ته پنڀور ۾ تنهنجو چا آهي.

١- پاڻهي پنهنجي ذات توں جاڻين - مظهر نور اهوئي آهي.

Gul Hayat Institute

۲- نفي منجهان ڪري اثباتي - خالص خيال اُڌاءِ.

۳- دنيا عقبيٰ ترڪي هل توُن - سُيج تي ڪاهوڙي وڃ توُن ڪاهي.

۴- اَڳي ته عرش عظيم ڪون - ماگ تنهنجو مٺخانو آهي.

۵- اِيءَ زمين ذرو اتي ناهي - اهو ديس اصل تنهنجو آهي.

۶- انا احمد بلا ميمي - سخن اهو سردار جو آهي.

۷- من رآني فقد رائی الحق - نوبت سينهن وڄائي.

۸- سر سچا پيٽن توڪل سائين - سارو بحر اوا گهه سمائي.

ڪافي ۲۲۶ اردو روپ پيروي.

کہتا ہوں کلمہ انا الحق کا - منصور ہو رہا ہوں -

سولی پکڑ چڑھاون - منظور ہو رہا ہوں -

Gul Hayat Institute

۱- قادر کلال میری - پیر مغاں نے دیا

پُر جام ہم نے پیا - مخمور ہو رہا ہوں -

۲۔ پینے جام سیتے ۔ مدہوش ہو رہا ہوں،
بے خود ہوں بے سروپا ۔ چکچور ہو رہا ہوں۔

۳۔ ارنی تو ہم بُلایا ۔ آواز لن ترانی آیا
سینا وہ جوش جلایا ۔ کوہ طور ہو رہا ہوں۔

۴۔ عاشق ہوں لامکانی ۔ سر پر کلاہ کیانی
ماروں طبل شاہانی ۔ مشہور ہو رہا ہوں۔

۵۔ توکل علی یگانا ۔ سبھ سر تو ہم سمانا،
دائم ہوا مئخانا ۔ بھرپور ہو رہا ہوں۔

Gul Hayat Institute

کافي ۲۲۷ روپ مانجهہ

سرت صراحي ساقي پياري
برھ بيخود ٿي آھي بھاري.

١- حال حلاجي ٿيو اسان کي حاصل - سولي سوري سرداري.

٢- فنا في الله جو فرض پڙهيوسي - خوب بقا بالله بهاري.

٣- العشق نار يحرک ماسوی الله - جاڳيو جوش جگر ۾ جباري.

٤- وحدت وي ولايت - عشق امامت ثابت سر ۾ سمايم ساري.

٥- انا الحق جو ماري نعرو - پنهنجو جذبو ڪيائون ٿو جباري.

٦- عرفت ربي بربي عشق اشارو - سينهن لايم نرواري.

٧- من رآني فقد رائ الحق - ماريم طبل اهو تڪراري.

٨- ماڳ مٺاڻي ۾ توڪل سائين - قادر آهيان قهاري.

ڪافي عشق ٢٢٨ روپ مانجهه

عاشق پڻ عشق جو ڳانو،

من رآني جو مار ترانو.

١- برهه واري باهه ۾ - پچي ٿئي پروانو.

٢- نچ ناچو سينهن ۾ نيهي - شائق شوق ۾ ٿي ديوانو.

٣- پاڻ ۾ پيهي ڪر تون ثابت - لا مظهر آهين در يگانو.



Gul Hayat Institute

٤. عرفت ربي به ربي عشق اشارو - مرد ثيا مردانو.

٥. ذات مقدس اصل آهين - غيب السان مرڪر گذرانو.

٦. ظلماتي ڪون لنگهي اڳانهون - رهه لا احد لا مڪانو.

٧. سرسمايو تو ڪل سائين - ماڳ مدام مليو مئخانو.

## ڪافي ٢٢٩ روپ گجري

عشق جهلي مون سر آيو
علم عقل ڪل موڪلايو.

١. علم عقل جي پاڙ پٽيائين - حڪم عشق هلايو.

٢. العشق نارٌ يحرق ماسوى الله - دين ڪفر کي جلايو.

٣. انا الحق جو ماري نعرو - سوريءَ سر سلهايو.

٤. فرض فنا جو صحيح پڙهيو سي - لاءِ لا احد جي اچي لايو.

٥. من رآني فقد رأى الحق - احديت الا ئيو.

٦. شوق شراب شتاب اسان کي - ساقي عشق پلايو.

٧. سرسمايو تو ڪل سائين - انهيءَ ماڳ مدام ملايو.



Gul Hayat Institute

كافي ع ٢٣٠ — روپ گجري

درد ڪيو ويراڳي

رمز انهيءَ دل داڳي.

١- سوا ذات سڄاڻ پنهنجي - آهي شورو نياڳي.

٢- فذڪروني اذڪرڪم - وحدت ۾ ٿي سڄاڳي.

٣- موتو قبلل انت موتو - مري جياسي جاڳي.

٤- جوئي هتا سيي سوئي تياسيي - سائي صورت ساڳي.

٥- بحراعظم روح رلايم - ماڳ انهيءَ ويو واڳي.

٦- لامڪان آشيانو اسان جو - لاڳ لاحد سان لاڳي.

٧- ماڳ منخاني جو توڪل سائين - سر سمايو ساڳي.

كافي ع ٢٣١ — روپ گجري

Gul Hayat Institute

صوفي ساجن سيني سمايو

روز اصل کون هيس رايو.

١- عشق يوسف کي منجهه مصرجي - ڪري بردو مله چڪايو.

٢- جلوي عشق جي تاب تجلي - سينا طور جلا يو.

٣- عشق جي محبت ڪيو مجنون کي - رانجهن کي ته رُلا يو.

٤- سر ذڪريا جي ڪرت وهايو - شاهه بلاول گهاٽي پيڙا يو.

٥- ڪربلا ۾ پاڪبازن کي - سينهن نواب ڪُها يو.

٦- عشق عطار کي قتل ڪرايو - سوريءَ تي منصور چڙهايو.

٧- شمس الحق جي کل ڪلائي - شيرين تي فرهاد مارا يو.

٨- سر صوفيءَ جو نيزي نظاري - سرمند جو ڪنڌ ڪپايو.

٩- بسطاميءَ کي سبحاني جو - برهه باب پڙها يو.

١٠- محبت جي ميدان ۾ - ڪوئنتل عشق ڪنڌا يو.

١١- فرض فنا جو عشق پڙهايو - وحدت ويءَ ولايت آيو.

١٢- عشق عقاب شتاب اسان کي - چست چنبن ۾ چايو.

١٣- بحر بقا ۾ عشق ازلي - منجهه حضور گهرايو.

١٤- لامڪان آشيان عشق جو - خاص خيال ملا يو.

١٥- اڳي ته عرش عظيم کون ميان - عشق عقاب اڏا يو.

١٦- ماگ مٺاڻي توڪل سائين - عاشق سارو سر سمجها يو.

Gul Hayat Institute

کافي ۲۳۲ روپ گجري

آهيون مست الست ميثاقي

ديس امن جي رهون ٿا ياقي.

۱- وحدت وارو جام پيون ٿا- عشق ڏيو سيساقي.

۲- فرض فنا جو صحيح پڙهيوسي- بحر بقا مائيون ٿا باقي.

۳- شوق شهادت اسان تي عشق امامت- سر تي چٽ لولاعي.

۴- لامکان آشيان اسان جو- آهيون ملڪ انهيءَ تي عراقي.

۵- مگ مڻخاني جي توڪل سائين- وطن آهيون اوطاقي.

کافي ۲۳۳ روپ بلاولي.

پاڻ ڏسم پاڻ ۾ پيهي

ساڳي آهيون اسين سيئي.

۱- العشق نار يحرک ماسوی الله- جوش جلايم ديهي.

۲- موتو قبلل وي انت موتو پيلا- رمز انهيءَ دل ريهي.

۳- الفقر فخري والفقر مني پيلا- ڳالهه پڌايان پي ڪيهي



Gul Hayat Institute

۴- بحر بقا جو وڃي موج ٿا ماڻون پلا - بات فنا جي ويئي.

۵- من رآني جو ٿي وڃي مار يم ترانو پلا - نوبت وڄايم ويهي.

۶- ماڳ مٺخاني ۾ توڪل سائين پلا - مرد يگانو آهيان نيهي.

## ڪافي ۲۳۴ روپ بلاولي

سا ڳيو سوئي مان آهيان

آهيان آهيان مان آهيان.

۱- صحيح سڃاتم وڃي پاڻ کي پنهنجو پلا - طرف ٻئي ڪين ڪاهيان.

۲- لکين ڪروڙين وڃي پتليون ناهيان پلا - ڪيڏ مڙئي ڪيڏايان.

۳- من رآني جو وڃي ماري ترانو پلا - حڪمت هيءَ هلايان.

۴- احد منجهان رون ٿي وڃي هڪ ٿي آيس پلا - برقعو ميم جو پايان.

۵- احديت جو ٿي وڃي حڪم هلايان پلا - اولو عبد جو لايان.

۶- اول آخر ٿي وڃي باطن آهيان پلا - ظاهر ۾ ڪير آهيان.

۷- ماڳ مٺخاني جو ٿي وڃي توڪل سائين پلا - سارو بحر سمايان.

Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ٢٣٥ روپ بلاولي

حياتيءَ ۾ پاتم جهاتي

عشق ڪيم اثباتي.

١- عدم واري ني وي اوٺ پڳي سي پلا - لائي لا سندي ڪاتي.

٢- موتو قبلل ني وي مري جياسي پلا - ٿي آهي رنت حياتي.

٣- اسم جسم ڪون ني وي فارغ ٿياسي پلا - ترڪ ڪري جسماتي.

٤- انا الحق جو ني وي ماري نعرو پلا - لنگهي اڳي ظلماتي.

٥- بحر اعظم ني وي روح رلايم پلا - ذات رهيو سي ذاتي.

٦- ماڳ مڪاني جا ني وي توڪل سائين پلا - ڪامل آهيون ڪلاتي.

## ڪافي ع ٢٣٦ روپ بلاولي

ساقي جام پياريو - مٿي عرش اڏاريو.

Gul Hayat Institute

١- نينهن نشي جي ني وي خوب خماري پلا - ڪيو وجود وسارو.

٢- بي ته خوديءَ جو ني وي بي سريءَ جو پلا - برهه باب سيکاريو.

٣- موتو قبلل ني وي انت موتو پلا - ماري عشق جياريو.

۴- بحر بقا جوني وي ماڳ مدامي پلا - بحر سمايو سو سارو.

۵- ماڳ مئخاني ۾ ني وي توڪل سائين پلا - ماريو نينهن نغارو.

ڪافي ع ۲۳۷ روپ بسنت

نوشهه ويڙهي آيا هي - سيني وچ سمايا هي.

۱- من عرف نفسه فقد عرف ربه - قول اي الله فرمايا هي.

۲- الفقر فخري والفقر مني - سارا سر سڪلايا هي.

۳- غيب السان سون نڪل آيا باهر صورت سما ڪر هويا ظاهر- آدم نام ڌرايا هي.

۴- الف ميم ڪا پوش پهن ڪر احد سي آيا احمد بن ڪر- خاڪي خرقه پايا هي.

۵- اپنا آپ پچانا توڪل سائين - لامڪان هوا آشيانه مدامي- مئخانه ۾ رنگ لايا هي.

ڪافي ع ۲۳۸ روپ بسنت

Gul Hayat Institute

ڪلا باغ چمن گلڪاري هي

حسن بسنت ڪي هوئي بهاري.

۱- گل گل رنگو رنگي ساوا پيلا - گل اناري نرگس نيلا

ڪيٽڪي هبڪاري هي.

٢- ٽانگر ٽڪما موتي جر ڦل - سمن سنبل سوسن گل
رابيل روء صورت سرداري هي.

٣- ارغواني، شاه زنگي شاه پند پياسي - سورج گل ڪرڻي گل عباسي
خوشبوء گلاب جي نياري هي.

٤- گل گلون جي سيج سمانا گل - توڪل عاشق لامڪان هوا واصل
ويڪو سکڻي مخوب خماري هي.

ڪافي ٢٣٩ روپ پيروي

عرش مٿي آشيان
آهي ماڳ اسان جو.

١- غيب منجهارون ٿي ڪري ظاهر - آيس ٿي انسان.

٢- سانگي پنهنجي آيس پاڻهي - جوڙي جڳ جهان.

٣- الانسان سري وانا سره - کولي ڏس قرآن.

٤- ذات قدسي آهيان - صورت جو سلطان.

٥- سيج صفا آهي سيرا سانجو - لااحد لامڪان.

٦- پاڻ سڃاتم توڪل سائين - سر آهيان سبحان.



Gul Hayat Institute

كافي ع ٢٤٠ روپ پيروي

پنهنجو عرش مٿي تا ڪريون پرواز
شوق اسان کي ٿيو شهباز.

١- لا ڪري ويا سي نڪري - پره اڏائي باز.

٢- اناالحق جو ٿا ماريون نعرو - سيجهه سوري آهي منهنجو ساز.

٣- ذات مقدس سرآهيون - اصل ازلي راز.

٤- وحدت ولايت روشن سارو - ديدان پيون دور دراز.

٥- ماگ منخاني جو توڪل سائين - بحر سمايو بي انداز.

كافي ع ٢٤١ روپ پيروي.

پنهنجو اتي ته ڪر آشيان
عاشق وڃ واهيري ٿي.

١- تو ٿي هن طلسم کي - ڪر پنهنجو ويران.

٢- سره واري باهه ۾ - پڇيي ٿي پروان.

٣- ترڪي لوح قلم کي - سيج ڪر گذران.



Gul Hayat Institute

۴- لامکان ۾ رھ توں نیارو- لا کري نہ جھان.

۵- ماڳ مٺاڻي توکل سائين- نظر ڏر ڏيان.

کافي ۲۴۲ روپ پيروي

ميم دا کرکي برقعا آيس

پوش پھن انسان دا- سبحان دا.

۱- آپي اپنا آپ سڃاتم- رنگ سارا رحمٰن دا. سبحان دا.

۲- الانسان سري وانا سرہ- فرمودا ھي فرقان دا. 〃 〃.

۳- حاصل حال حلاجي ھويا- جوش جذب جولان دا. 〃 〃.

۴- ذات دي وچ ذات رھيوسي- نور نظر نيشان دا- 〃 〃.

۵- آپ وچوں منہ پيدا کيتم- ساقي ھان مٺان دا. 〃 〃.

۶- سر سمايا توکل سائين- عاشق لامکان دا. 〃 〃.

Gul Hayat Institute

کافي ۲۴۳ روپ پيروي

علم عقل نوں مول نہ منيندا

عشق عجب اوقات دا- اثبات دا.

۱۔ هر دم لادي سيف چلاوي۔ جنگ اسم جسمات دا.

۲۔ چوڏهين طبقين هوئي روشنائي۔ نور نظر تجلات دا.

۳۔ انحد نوبت ينهن وڄائي۔ غيب السان ذات دا.

۴۔ بحر اعظم واصل هويا۔ ذات رليا وچ ذات دا.

۵۔ سر سمايا توڪل سائين۔ لاحد والي جهات دا.

## ڪافي ع۲۴۴

روپ پيروي

انا احمد بلاميمي، سخن سچي سردار دا۔ اعتبار دا.

۱۔ آپي اپني مام سچا تم۔ واقف هان اسرار دا.

۲۔ انا الحق دا سبق پڙهيوسي۔ درس وڏي دربار دا.

۳۔ ظاهر باطن ٿيي اثبا ٿي۔ ينهن نشا نروار دا.

۴۔ اسم جسم دا ترڪ ڪيتوسي۔ هويا نور نظر انوار دا.

۵۔ سر سمايا توڪل سائين۔ دم دم دي ديدار دا.

Gul Hayat Institute

## کافي ع ۲۴۵ روپ پیروي

بیخودي ۾ خود سمایا

عشق امامت آیا۔ احدیت هلایا.

۱۔ ساقي کیف کلال پلایا۔ جوشان جوش جڳایا. ״ ״ .

۲۔ برھ والي باھ وچ۔ اسم جسم کون جلایا. ״ ״ .

۳۔ آپي اپني ذات سڃاتم۔ نور نظر وچ آیا. ״ ״ .

۴۔ موتو قبلل انت موتو۔ شوق شهادت پایا. ״ ״ .

۵۔ من رآني مار نغارا۔ شاهي چوٽ چلایا. ״ ״ .

۶۔ سڄ صفا دا سیر کیتوسي۔ روحي رمز رلایا. ״ ״ .

۷۔ ماڳ مٺخاني دا توکل سائين۔ سارا سر سمایا. ״ ״ .

## کافي ع ۲۴۶ روپ پیروي

Gul Hayat Institute

من رآني دا مار نغارا

نوبت سينهن لڳایا۔ چوٽ چلایا.

۱۔ شامل شوق هک هک هویا۔ روزون روز سوایا. ״ ״ .

۲- دم منصوري موج مقرر هويا- انا الحق الايا. 〃 〃 ۰

۳- ظلمات کنون اڳي لنگهه کران - نور عدم کايا. 〃 〃 ۰

۴- قطرہ وچون قلزم هويا- شيشا عشق اڏايا. 〃 〃 ۰

۵- خوف فنا دا ڇوڙ سدا ٽا- خيال امن وچ آيا. 〃 〃 ۰

۶- لامکان دا سير کيتوسي- دم قدم ملايا. 〃 〃 ۰

۷- ماڳ مٺخاني دا توکل سائين- سارا سر سمايا. 〃 〃 ۰

کافي ۲۴۷ روپ پهاڙي بباس

عشق پلي ڪري آئين

ڪيٽن منزل مون پهچايئن.

۱- هن فنا کون لنگهي اڳاهون- بحر بقا جو ملايئن.

۲- وحدت وئي ولايت جي - همت سان هلايئن.

۳- اول آخر هوندين هميشه- سيني سر سمائين.

۴- بحر عميق سان - منهنجو روح رلايئن.

۵- توکل هن عاشق کي- رهبر تو رسائين.



Gul Hayat Institute

## كافي ع‍ ٢٤٨ روپ پهاڙي بباس.

ماروئڙن جون لونءُ لونءُ ۾ لارون
راتيان ڏينهان سنپارون.

١- فذكروني اذكركم - پر تون پرُ پچارون.

٢- وجن ٿيون وجود ۾ - انخد ترت تنوارون.

٣- نت ابابڻ ڏيهڙي - روز روئان پٽي نهارون.

٤- موتي ملڪ مليرتي - موڙي ماڳ مهارون.

٥- اصل واري ديس تي - واحد واڳون واريون.

٦- بحر بقا جون توكل سائين - ماٺڙ برهه بهاريون.

## كافي ع‍ ٢٤٩ روپ كنبات

آيو عشق جو سر احوال
آهيون پاڻهي پاڻ خيال.

١- فذكروني اذكركم - واحد وحدت عمل اعمال.

٢- وذكر ربك في نفسك - دمجي درد ڏمال.



Gul Hayat Institute

٣- وطن واهيري پنهنجي - رهبر ٿيون رهوال.

٤- ٻاري ٻارڻ عشق جو - تنهن ۾ پچي ٿيون پائمال.

٥- موتو قبلل انت موتو - ڪيئدون ڪوڙ ڪوال.

٦- فَاَيْنَمَا تُوَلُّوا فثم وجه الله - سارو نور جمال.

٧- انا الحق جو ماري نعرو - منجهون جذب جلال.

٨- بحر بقا ماڳ مدامت - بحرو ٿيو برحال.

٩- اڳي ته عرش عظيم ڪون - پنهنجو ڪيون ٿا نيڪال.

١٠- بيرنگ بحر عميق ۾ - اسان جو وصل وصال.

١١- ساڳ مئخاني جو توڪل سائين - ساقي ڪيف ڪلال.

ڪافي نمبر ٢٥ روپ پيروي

جي تون پاڻ سڃاڻين پنهنجو

آهين پاڻهي پاڻ امام.

١- قالو بلىٰ جي قول جو - اصل هيو انجام.

٢- مري جيءَ ته ماڻين - بحر بقا جو انعام.



Gul Hayat Institute

۳- ڇڏ مذاهب دين کي - ترڪ ڪفر ايمان.

۴- جدائي جسمات کون - نڪري ڏائين ميانُ.

۵- شوق شهه تي شهيد ٿي - ڇا قبر ڇا قيام.

۶- هتون ڪيف ڪلال جي - پيري پيءُ جام.

۷- سر سخن سر ۾ - سر کي ڪر قتلام.

۸- اڳي عرش عظيم کون - ڪن گاروڙي گام.

۹- رهه اسان جي ديس تي - عاشق بدا حرام.

۱۰- توڪل سائين ساقي عاشق ٿيو - هر جاءِ تنهن جو ڪام.

ڪافي ع ۲۵۱ روپ پيروي

عاشق سدا مخمور ٿيو

سينو سينا طور ٿيو.

Gul Hayat Institute

۱- اڳي نفي اثبات کان - پنڌ پرانهون ڏور ٿيو.

۲- بيخودي جي بحر ۾ - ڇهڇنو ڇڪچور ٿيو.

۳- عاشقن جي فوج - موج ۾ مشهور ٿيو.

۴- سولي سر معراج کيو- مرد سوئي منصور ٿيو.

۵- قلب ڪعبو قدسي - پاڻهين پاڻ حضور ٿيو.

۶- پڙهي فرض فنافي الله جو- بحر بقا جي وصول ٿيو.

۷- مٺي مٺاڻي ماڳ جي- ملڻ ذوق ضرور ٿيو.

۸- دُر يگانو غيب السائي بات- مدامي مخمور ٿيو.

۹- سر سمايو توڪل سائين- نازل تجلي نور ٿيو.

ڪافي ۲۵۲ روپ گجري

دمردي چوٽ لڳايا

توڙ عدم دي ڪايا.

۱- آپ پڇاڻ باجهون عاشق- هرگز پيا پند اجايا.

۲- عشق عقاب شتاب اسان نون- چست چنبان وچ ڇايا.

۳- فيض رساني هادي ڪيتي- ساقي سرڪ پلايا.

۴- وچ ميدان محبت والي- ڪؤنتل عشق ڪنڌايا.

۵- انا الحق دا ماريي نعرا- سولي دا ڪرڪي سعيا.



Gul Hayat Institute

٦- من خدا ۾ من خدا - تنهن نواب الايا.

٧- من رآني داوي يارو اسان نون - برهين باب پڙهايا.

٨- اسم جسم دا ترک کيتو سي - لاحد خيال اڏايا.

٩- آپ پڇاڻا توکل سائين - بحر اواگهه سمايا.

## کافي ٢٥٣ روپ پيروي.

طالب ويا اتي ڪاهي،

جتي قبل ماضي نه آهي.

١- ويا کفر اسلام کان - مسجد مندر ڍاهي.

٢- حد لنگهيا شريعت جي - سوري سر سنباهي.

٣- موتو واري موج ۾ - شوق شهادت پائي.

٤- ترک ڪيائون طريقت کي - حق تنين حاصل آهي.

٥- فارغ ٿيا ڏهن فرض کان - عشق امام بنائي.

٦- محو ٿيا معرفت ۾ - خالص خيال سمائي.

٧- توکل سائين بحر عميق ۾ - پنهنجو ويا روح رلائي.



Gul Hayat Institute

## کافي ۲۵۴ روپ تلنگ

همن هون عشق کا دریاه

سراسر سر سمانا هي.

۱- تحت سي فلک اوپر- سیوئي روشن شمانا هي.

۲- ترک چوڈنهن طیق هویا- بحراعظم بي پایان هي.

۳- ماریم اناالحق کا نعرا- یهي نوبت بجانا هي.

۴- لااحدکي سیرقربتي هون- مدامي آشیانه هي.

۵- بحربیرنگ بقاباالله- اوئي میرا ٹکانا هي.

۶- پچهانا آپ کون توکل- غیب السان مٔخانه هي.

## کافي ۲۵۵ روپ پیلو

احد سے بن آیا احمد - بنی آدم بہانا ہے -

۱- الف بے میم کی چادر - رنگی پوشاک پہانا ہے -

۲- صحیح صورت ہے لبسم اللہ- الانسان سمانا ہے -

۳- ھوالاول ھوالآخر- یہ ہی تو ہم پہچانا ہے -

۴- توکل لامکان واصل - مدامی آشیانا ہے -



Gul Hayat Institute

## ڪافي ٢٥٦ — روپ پهاڙي بياس

واهه يار تيڏي هي ياري

تيڏي پرت لڳي سانون پياري.

١- يار ياراندي ياري باجهون- هويا نحس ناري.

٢- يار ياراندي حاضر ناظر- هوئي خوب خماري.

٣- يار ياران نون اولي گهولي- بيحد هوئي بهاري.

٤- يار ياران نون سبق پڙهاوي- هويا انا الحق اقراري.

٥- يار ياران دي مرد بهادر- هوئي نيزي سر دي سواري.

٦- يار ياراندي اول آخر- هرگز هوئي اظهاري.

٧- يار ياراندي توڪل سائين- هوئي هردو جهان مختياري.

## ڪافي ٢٥٧ — روپ پيروي

هر جاءِ هادي حڪم هليندا

فيض محمدؐ شاهه دا- اشباهه دا.

١- فائض فيض رسائي ڪردا- وحدت دي درياهه دا.



Gul Hayat Institute

٢۔ جام جنهيندا جوش جڳيندا۔ جذب جلال الله دا.

٣۔ هر مظهر وچ طبل وڄيندا۔ دم منصوري درگاه دا.

٤۔ چوڏنهن طبق روشن سارا۔ ساڳا سر الله دا.

٥۔ عشق امامت آپ اليندا۔ احديت دي ارواح دا.

٦۔ والي وئي ولايت هويا۔ بحر بقا بالله دا.

٧۔ ذات صفات وچ هويا ماهر۔ ڪامل قرب ڪلاه دا.

٨۔ آپي احد احمد هويا۔ روح رسول الله دا.

٩۔ صاف بڳن وچ ثابت هويا۔ توڪل نون وليساه دا.

ڪافي ٢٥٨ روپ پيروي

ڪفر ناهي اسلام

عشق اسان جو آهي امام.

١۔ مذهب ملت جوش جلايا۔ ڪيي دوئي جو دام.

٢۔ بوه باري علم عقل کي۔ پنهنجو هلائي حڪام.

٣۔ انا الحق جو ماري نعرو۔ سولئ تي سر انجام.

٤- بيخوديءَ ۾ خود پايم- جُنگ پيون ٿا جام.

٥- لامظهر آهيان نور نيارو- غيبُون آيو الهام.

٦- موتو واريءَ موج ۾- پاڻ ڪيم قتلام.

٧- الست بربڪم پاڻ چيو- قالو بلى انجام.

٨- فرض فنا جو صحيح پڙهيوسي- ٿيو بجر بقا انعام.

٩- لا چيئي ڪري وياسي نڪري- عرش عظيم گام.

١٠- سرسمايو توڪل سائين- مئخاني ماڳ مدام.

ڪافي ٢٥٩ روپ پيروي

## ترڪ ڪري صفات

### هڻ ٿي پنهنجي ذات ۾.

١- عدم واري اوٽ پيچي چڏ - لا سٿي لا جوڪات.

٢- بحراعظم جو آهين پڪيڙو- آئين ڪهڙي اوقات.

٣- جيڏ الفن آيو آهين وچ تيڏ الفن- نور ما سٽي تجلات.

٤- وچ واهيري پنهنجي- بشر چيڏي بشرات.

Gul Hayat Institute

٥- ديس امن جي ره تون نيارو- آجو کان جسمات.

٦- عرش عظيم کان لنگهي اڳا نهون- توڙي طلسمات.

٧- ذات رلائي ذات ۾- کائي کل خطرات.

٨- سر سچائي توکل سائين- لاحد پائي جهات.

## کافي ع ٢٦٠ روپ پهاڙي

جامان پا آيس لاثاني انساني

سا ڳا سر سبحان دا- قول هي قرآن دا.

١- وچ احد دي ميم رلايم- جو ڙيم جملي جهاني.

٢- احد وچون بن احمد آيس- اصل غيب الساني.

٣- من رآني دا طبل وڄايم- ڪيتم حڪمراني.

٤- بحر اعظم دا مين دُريگانه- ملڪ امن آشياني.

٥- ذات مقدس ازل مين هون- اعلى اعظم شاني.

٦- سيني اسا ڏي جذب جاري- سارا ارض رباني.

٧- آپ ڪون اپنا آپ وڪايم- جلوه نور نوراني.

٨- سر سمايا توکل سائين- لاحد مين لامڪاني.



Gul Hayat Institute

## ڪافي ع ۲٦١ — روپ پيلو

موني ڪي منهنجو يار مليو

دل اندر ديدار ٿيو

١- شيخ مشائخ پير بزرگ - حيرت ۾ حيران ٿيو،
جلوه ذات حسن تجلات ٿيو - نانگو نينهن نسنگ نروار ٿيو

٢- عشق امام اسان جو آهي روز ازل کون - جنهن علم عقل کي دور ڪيو
دين ڪفر جا مذاهب برهه اچي باطل ڪيا - اذان انا الحق چئي سولي سر سهيو،

٣- منطق فقه فارسي - ڪنز قدوري نه چائي
عرش اڏاري عرش تي خيال ويو - بيرنگ برهه بقا جو انجام ٿيو

٤- توڪل علي سڀ سر سمايو - ويران گهر آباد ڪيو،
جام ساقي پر پياريو - دائما مخاني مدام لامڪان ٿيو

Gul Hayat Institute

## ڪافي ٢٦٢ روپ وهاڳ

پئي سڀ ڪوڙي خساري

عشق هواندي لمبي پساري.

١- سوره سولي ڪُٺ ڪٺ آون - گيت انا الحق اعلي ڳاون

سينهن مرينديي نعري.

٢- ملان قاضي سبق پڙهاون - پڙهه پڙهه علم عمل نه پاون

ناري جوني ساري.

٣- دم دم لا دي چوٽ چلاون - عشق دي بازي عاشق چاون

موتو تند تنواري.

٤- عدم والي اوت پئي ويندي - اسم جسم ڪنون ترڪ ڪريندي

فائق ويندي اوپاري.

٥- درياه وحدت دي ترتر جاون - عرش عظيم تي خيال اڏاون

لاحد ڏيندي اولاري.

٦- توڪل سائين سرسماون - ذاتي دي وچ ذات رلاون

عاشق هوندي نياري.



Gul Hayat Institute

## ⁘ منقبت حضرت مولا علي مشڪل ڪشا ⁘

## يا علي دم يا علي

هادي حضرت شاهه علي.

١- علي اسان سان حاضر ناظر آهي - هر ويلي همراهه علي.

٢- علي اسان جو وارث آهي - شامل شهنشاهه علي.

٣- علي اسان جو رهبر آهي - پاند پشت پناهه علي.

٤- علي اسان کي جام پياريو - منجهان وحدت جي درياهه علي.

٥- علي ساقي حوض ڪوثر جو آهي - مظهر العجائب وجه الله علي.

٦- علي اسان کي عرش اڏاريو - ڪري واصل بقا بالله علي.

٧- علي مالڪ ملڪ ڪل آهي - هر مظهر جو شهنشاهه علي.

٨- علي اسان جو قادر آهي - علي الغالب اسد الله علي.

٩- شان عليءَ جو بيحد بالا آهي - اعلیٰ اعظم يد الله علي.

١٠- توڪل عليءَ ۾ ماهر آهي - ويو رڳ ۾ ته سماءِ علي.

## ⁘ فقرنامه ⁘

فقير كس كون كهتي هين بتائون. تم ني
سانگ بنايا كيا تم فقيري پايا. نهين فقيري
گيڙو رڱاوڻ - نهين فقيري كنٺا كولابا پاوڻ -
نهين فقيري اوچي اوچي ناد بجاوڻ - نہ گلوبند
نہ گودڙيہ - نهين فقيري ڳانا پاوڻ - نهين فقيري
داڙهي دي وال مناوڻ - نهين فقيري گهونگهٽ
پاوڻ - نهين فقيري وظائف كماوڻ - نهين
فقيري چوتا چڙهاوڻ - نهين فقيري مُهر
لڳاوڻ - نهين فقيري جماعت بناوڻ - نهين
فقيري سبق پڙهاوڻ - نهين فقيري بانگان
چانگان مارڻ - نهين فقيري ذكر فكر كماوڻ -
نهين فقيري كوئي سحر كماوڻ - نهين فقيري
كشف كانيان چلاوڻ - نهين فقيري صوفي
صاف سڏاوڻ ڳلي ڳلي وچ ڳاوڻ - نهين فقيري

ڪوئي بيک بناوڻ - فقيري تہ ايسي
هي جو جيئي جي مرجاوڻ- عشق دي
خواري چاوڻ- سارا سر سماوڻ تي قدم
اڳون تي پاوڻ انا الحق الاوڻ- وَسقاءُ
ربهم شرابًا طهورا توڪل علي سُرکي
سرت جڳاوڻ - اپڻي آپ وچ درسن پاوڻ.

Gul Hayat Institute

## ⁜ فراق نامو آدم صفي الله ⁜

پلا ساقي مجهه کو جام وحدت۔ شراب شوق شيشي پر شربت.

عرش اوپر مجهه کو لئي اڈاٺو۔ عنايت کر بقا بالله دکاٺو.

تو هي محبوب الله کا پيارا۔ تو هي نور سري سر نيارا.

زيارت اپني مجهه کو کراٺو۔ بقا کي ساٿ ۾ روح رلاٺو.

قدح پر کر ساقي پيالا پلايا۔ موتو قبلل ٿيو سي ترک کايا.

نينهن نشي ني بيخود مست کيا۔ عقل اور هوش سراسر ڊوب گيا.

ٻڙا درياه عشق کا هي ديوانا۔ يکڙ ٽُرها توکل هوا روانا.

کپر کناره نظر اس کا نه آيا۔ بحر نگهوسار ۾ عشاق آيا.

بحر اسُ کا جو هم هي در يگانه۔ مقدس ذات هون هم نور نيشانا.

نهين طاقت فرشتون کي، بحر اس ۾ سو آوي۔ انا سري وه سر اسرار سماوي.

اصل اول احد اور ايک الله تا۔ نبي آدم فرشتا نه تجلا تا.

احد کي بيچ ۾ نقطا رلايس۔ الف کون ميم کا برقعا پهنايس.

اصل اول اکيلا تا نيارا۔ نقش صورت بنا کيتس نظارا.

احد اور ميم جلوه پايس۔ صورت وو هي پاک احمد نام کهايس.

Gul Hayat Institute

وهي صورت آها قطب تاري - مدت كتني كيتي اس دن گذاري.
رها او بيچ ٿا ياقوت لعلان - زمرد كي بيچ اور تُوتئ مثالان.
اسي صورت سي قطري كل جدا ٿئ - فرشتا كوٺي انبيا كوٺي اوليا ٿئ.
زمين كوٺي آسمان كوٺي دريا ٥ بنايس - كوٺي چند كوٺي ستاري كوٺي شمس كڙايس.
فراقي هوكي الله كن كهايا - مٽي كا جوڙ بنگلا خوب بنايا.
پاٺي ظلمات كا چونا لگايس - وهي صورت سونهن لي آپ الايس.
كيا فرمان فائق ني ملائك كو - كو ساجد تسي اس نور آدم كو.
ڈائي پسلي سي حوا كون بنايس - حوا آدم كون بهشتون مين منگايس.
بهشت كي بيچ آ آسائش كيا - خداوند بڑا احسان كيا.
بهشت كي بيچ هوا لك سال آدم - حوا آدم ني كايا داڻا گندم.
پليتي كي سبب باهر نكالا - حوا مشرق آدم مغرب سنڈايا.
مسافر هو رها مسكين آدم - پڑا شب روز ٿا غمگين آدم.
ذكر لا اله الا الله بُلاوي - الله آدم كو حوا سي ملاوي.
حوا آدم كو لي كر رب ملايس - ملائكون مِل نكاح اس كا پڑهايس.
هابيل كابيل پت آدم سي جائي - جگت ساري خلقت ساري آدم سي آئي.



Gul Hayat Institute

سوا لک نبیان ني کیا ظاهرظهورا- محمد کاجلوه اوپر غالب هوا

نبیون کا اولیائون کا مُغان هي- آخر زمان ختم الانبیاء هي.

Gul Hayat Institute

## ⁘ بِیتھ اکری ⁘

الف: الف لام ھکو ھک نام اللّٰه دا اندر میری رھیا،

ھردم نال اللّٰه دی ھویا تیوسی سانگ سجایا سیھا،

الرحمٰن الرحیم مین رند الایا آیا روح میڈی کون ریھا،

کل شیءٍ ناطق بالحق اھوئی بیا چلدا ایلدا کیھا،

ای اوھکوئی ھویا توکل علی مین نال اللّٰه دی نیھا.

ب: ب بات برھ اثبات بتایا اسان نون،

سینھن نواب برھین باب پڑھایا اسان نون،

وسقاء ربھم شرابًا طھورا بیخود جام ساقی پُر پلایا اسان نون،

بحر بیرنگ بقا باللّٰه وکایا اسان نون،

بحر اواگھ بی پایان توکل علی سر سمایا اسان نون.

Gul Hayat Institute

ت: ت تحقیق ترک طمع تایات مین کیتا،

پیرِ مغان دی ھتون گھن شوق شراب پرت پیالا مین پیتا،

وانا الیہ راجعون جیندے مر مین جیتا ،
مار نعرا انا الحق دا سر سولی تے مین نیتا ،
توکل علی ارشاد ٹھیوسی جو سارا سر مین سیتا .

ث: ث سلا سک دا اصل سینے میڈے چا یا ،
اگے تہ عرش عظیم کنون ثابت سگا اتے مین ساھیا ،
سبحانی ما اعظم شانی سپ سر مین سما یا ،
کل شیءٍ محیط رھیو سے مین سارا کیل کلا یا ،
کل شیءٍ اندر توکل علی مین آپ الا یا .

ج: ج جان جھان دے دعوا عشق چڑا یا ،
موتو قبلل انت موتو۔ اسان نون مار جوا یا ،
جوگی ھو کے جگت مین کیتا مین جوگی جوگ کمایا ،
وجودے ھر دے اندر مین جامع جوڑ بنایا ،
جسمات صفاتی نون توکل علی مین جوشان وچ جلایا .



Gul Hayat Institute

ح : ح حوال برہ برحال اسان تے آیا،
هادي پیر هدایت کیتي احدیت سمجھا یا،
ایک ایکائي هوئي مین هوُ دا هُل هُلا یا،
اندرهو باهرهو۔ مین هوُ دا مشک سوا یا،
انا احمد بلا میمي مین شاهي چوٹ چلا یا،
لتا هُل حساب حشر دا توکل علي مین هوُ وچ هوُ سمایا.

خ : خ خفي جلي کر روشن اتے قدم پا سیر،
اگے اخفا کنون لنگھ کر اهون خاص خیال اڈا سیر،
لاخوف علیهم ولا هم یحزنون اها آیت عشق الا سیر،
خطري خوف رُجا دي هک لا سیتي سپ لاهیسر،
جابجا حق موجود هکوئي هویا توکل علي مین خضر بن کے آیسر.

د : دال دلبر مین دل کون کیتا جو مرد تھیوسي مردا نا،
دل دا دلبر دل وچ هویا اور نهین کو پیچا نا،

Gul Hayat Institute

لوٹر تیر دام دوئی دیان دوالیان سپ سرمین دلدار سمانا،
فان فخت فیه من روحی دا هرگز چوڑ بھانا،
پی ڈنگ دارون دا مخمور رهیو سی توکل علی عاشق دُرس دیوانا.

ذ : ذی ذکر وچ ذاتی وهم وجود مین زوال کیتا،
آپ کون آپ وکاوٹ کیتی زیارت ضرور مین دیدار کیتا،
من رآنی فقد رائ الحق صحیح سخن اهو سردار کیتا،
قال رسول فرمایا مین انهی تی اعتبار کیتا،
توکل علی نیزی اتی سینهن نظارا مین اظهار کیتا.

ر : ری رضا وچ رب دی کیتم روح کون راضی،
سردا سودا ثابت رهیا اها کیتم قلا بازی،
عشق اسان دا رهبر هویا اها برهہ بنائی بازی،
دم منصوری باجهون اور نہ روٴ رازی،
عوفت ربی برہی اپنا شوق کیتم شهبازی،
توکل علی بازی دی وچ سر ڈیوٹ هیئی سرفرازی.



Gul Hayat Institute

ز : زي ذكر ذاتي وچ ظاهر باطن جلايم جگر جيرا ،
دوست ڏنوسي جنهن دا دل وچ هو يا ديرا ،
اسان نون ذوق زيادہ هويا اهو عشق وكايم ويرا ،
اپنا نور حضور ظهور ڏنوسي اهو سمجھ ڏنوسي قيرا ،
فكان كاب قوسين او ادنى كنون اگي لنگھ گيا خيال ميرا ،
زينت زيب بشر وچ توكل علي اهو گول لڌوسي پيرا ،

س : سين سپوئي سير كتوسي ، صاف صفا كر سينا ،
يٰسين صورت سراهوئي اندر مكا ويک مدينا ،
من عرف نفسه فقد عرف ربه تحقيق اها تسلينا ،
خلق الانسان على صورته قول هي قرآن مبينا ،
سيف سنڄي سرواهي لادي توكل علي لاٿم كس قلب دا كينا .

ش : شين شامل شان شريعت شائق رهيوسي ،
عشق شوق شهادت دي شادي كيتوسي ،



Gul Hayat Institute

والي وچ ولايت وحدت احديت دا هادي ٿيوسي،
انا عرب بلا عين رهيوسي شور شراب شتاب بي حجاب پيتوسي،
محو ٿي وچ مئخاني دي توڪل علي عاشق عشاق شهباز رهيوسي.

ص: صاد سيوٽي نفسي ساء صواد مين چوڙ يا،
عشق تنبو طولان قنا طان آڻ اندر وچ ڪوڙيا،
ذوق ثواب ڪنون اڳي لنگهه ڳيوسي اهو عشق لايوسي لوڙيا،
سوال جواب ڪيها پڇسن جو مين ڪيڙيان ڪنون سگ توڙيا،
طالب المولیٰ مذڪرؑ پيغام مين اهو پروڙيا،
حاصل حال حلاجي هويا توڪل علي مين سيج سوليءَ تي جوڙيا.

ض: ضاد هڪوئي درد دل وچ ميڏي هويا دائم،
عشق اساڏي عريان جو ڪيتا مين بحر بقا وچ آيم،
هو الظاهر هو الباطن قرب هويا اهو قائم،
هو الاول هو الآخر نازل اسان تي نينهن هويا نائم،



Gul Hayat Institute

كل شيءٍ يرجعو الا اصلهٖ آيت اها آيم،
وچ درگاہ عشق دي توكلعلي اپنا نام دَرايم.

ط : طئي توبه مين كيتا ترك طمع دي تات كنون،
تن وچ تار طريقت هويا واقف ٿيوسي معرفت دي ته حيات كنون،
عشق اسان نون الهام جو كيتا دور ٿيوسي درجات كنون،
عرش اتي پرواز مين كيتا اڳي لنگهہ ڳيوسي ظلمات كنون،
من طلب شيءٌ جد وجد ساري سُڌ پيوسي الحيٌّ آيات كنون،
عشق توكلعلي اثبات مين كيتا جو پيالا پيتم آب حيات كنون.

ظ : ظئي ذاتي ذوق زيادہ اسان نون آها روز ازل كنون،
الست بربكم قالو بلىٰ مين آكيا قول كيتا مين اصل اول كنون،
قم باذني كر اشارا زندہ هويا مين عشق والي اوقات كنون،
زيل (حيل) رحمت توڙ ڳيوسي اڳي اظلات كنون،
كثرت ساري وحدت هوئي توكلعلي اها خبر پيوسي نفي اثبات كنون.



Gul Hayat Institute

ع :عين حقيقت حاصل ٿيوسي صاف آئينه ڪيتوسي ،
گهن آئينه احديت والاحق دي نال رهيوسي ،
خلق الاشياء وهوساڪم عينه سارا سر ٿيو سي ،
ريت ربي بعين ربي دل وچ دوست رهيوسي،
هر جاء توڪل علي هڪوئي حق پاڪ ڏٺوسي .

غ : غين غيرت دل تون لا سيتي مين لا ثا ،
ريخت پيا ڪوئي نه رهيا مين عين آئيني پا تا ،
فَاينما تُولوفثم وجه الله هر جاء نظر هڪ آتا ،
عين عيان وچ رليان مين صورت صاف سجا تا ،
توڪل علي هڪُ غم نه ڪوئي غيب السان سپوئي مين سر سماتا.

ف : فڪر فراق زباني دي وچ فاني ٿيوسي ،
فرض فنا في الله دا ثابت صحيح پڑهيوسي ،
هڏ چم لحم اسم جسم ڪنون به فارغ رهيوسي ،

الا فيها والا يحيٰ لا يموت اهو سر احوال آيو سي ،
فهميدا فائق دا فضل في الحال ٿيو سي ،
فنا بات بقا هوئي توڪل علي اهو فائض فيض فياض ڪيتو سي .

ق : قاف ڪيفيت دا ساقي آپ ڪلال ٿيو سي ،
وچ مئخانہ دي قائم قدم مدام ڏريو سي ،
بحر بيرنگ بقا باالله وچ ڪل شيءٍ قدير قادر قهار ڏهيو سي ،
هو هوا وچ اپنا دائما دم رليو سي ،
سر سمايا توڪل علي لامڪان آشيان ڪيتو سي .

ڪ : ڪاف ڪفر اسلام ڪنون اڳي لنگهہ ڳيو سي ،
ڪافيا ڪنز قدوري ڪشف قبوري نون ٻي چوڙ ڳيو سي ،
ڪوڙي دين مذهب فرق بيائي واري وحدت دي وچ ٻوڙ ڳيو سي ،
مرشد ذاتي معنا وچ قلب دي ڪوڙ ڳيو سي ،
ومن ڪان في هٰذه عما فهو في الاخرت عماء سر سيوئي پچاڻ ڳيو سي ،
عشق وچون ڀون ڪفايت هوئي توڪل علي جو آپي ڪعبہ قدسي جج حضور ڏهيو سي .



Gul Hayat Institute

ل : لام لا مظھر سین ھون نور الاھی ،
لامکان مکان اساں ڈا مین لاگ لاحد دي لائي،
لَوْلَاکَ لما خلقت الافلاک ھي روشن اساڈي بادشاھي،
کل سیرو فی الارض ھویا اساڈا سیر سپوئي،
عشق توکل علي الھام تھیوسي جو سپ تئي نُور صفاتي.

م : میم محمد پوشاک اساڈا جو مین جاما جوڑ بنایا،
احد احمد والا مین خاکي برقعا پایا ،
ھر جاء جلوہ میڈا ھویا مین ھو کا حق گھمایا،
الانسان سري وانا سرہ مین سارا سر سمایا،
مار نغارا احدیت والا توکل علي مین انا الحق الایا.

Gul Hayat Institute

ن : نون لنسنگ مار سر سینھن نغارا مین ھوند نرمل نور نبي دا نیارا،
عشق اساں نون انغام جو کیتا دیس امن دا سارا،
انت مجي وانا معک کیتا پرت پسارا ،

ابگي تہ کن فيکون کنون کيتا مين اوتارا ،
سينهن نظارا مين آپ پچھاناتوکل علي مارے حق دا نعرا تي تروارا.

و : واه واعظ عشق دا دل وچ رهيو سي ،
وادي وحدت دي وچ لڑه گيو سي ،
وادي وحدت وچ ولايت دا والي ٿيو سي ،
قطره قلزم دي نال رليو سي ،
وفي انفسکم افلا تبصرون وچ وچولي وسدا هڻ سيو ٹي شڪ لٿو سي ،
توکل علي واحد دي نال وصل وصال کيتو سي .

ه : هي هوا دا مين مرغ هويا اسان نون حب وطن دي آهي ،
جو کجھ هاسي سو وچ ٿيو سي ساڳا سر الاهي ،
لا مقصود في الدارين اها برهين بات بتائي ،
جبروت ملکوت هاهوت لاهوت اتي هوئي اساڈي روشنائي ،
حال عشق احوال اسان تي آيا توکل علي اي حکمت هلاير شهنشاهي .



Gul Hayat Institute

لا : لا پڙھ لاھوتي ٿيوسي اھا لوڪان ڪل نہ ڪائي،
دم قدم عدم نون مين لا دي چوٽ چلائي،
لا ڪنواڳي لنگھ ڳيوسي مين لاڳ لاحد دي لائي،
احد احمد ھڪ رھيوسي مين احديت ھلائي،
ان الاولياء الله لا يموتون اھا برھين بات بتائي،
لامڪان واصل نازل ٿيوسي توڪل علي تني سالم سيح صفائي.

ء : الله ھڪ نام اسان نون ھادي حق سمجھايا،
اھو طريقہ احد احديت والا اسان نون بھون خوش آيا،
الفقر فخري والفقر مني ٿيوسي راز رباني رايا،
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد رڳ رڳ دي وچ رب سمايا،
الفقر ذات مع الله توڪل علي اعلیٰ عشق اوڳاھيا.

Gul Hayat Institute

ي : يقين اسان نون اھوئي ھويا جو لامظھر مين ھون در يگانا،
نينھن اساڏي نشان جو ڪيتا بحر اعظم آشيانا،

بحر بيرنگ بقا با الله وچ امر عمال نهين آنا،

ديس امن دي ياقي ٿيوسي يڪدل مرغ شاهانا،

غيب السان وچ حي القيوم توڪل علي باقي بحر رهيوسي بقائي.

نوٽ: هي رسالو ٻيهر لکيو ويو آهي.

بقلم: سيد ڪوثر شاه بخاري

تاريخ: 28 - مئي 2019ع

بمطابق: 22 - رمضان شريف ١٤٤٠ھ

بمقام: درگاه حضرت بابا حاجي شاه ڏنو عرف بابا مشتاق سائين

آر-ڊي 219 ڪنڌڪوٽ.

Gul Hayat Institute